

آدجڳاد کان سنڌ امن، سهپ، رواداري ۽ گھڻگھرائپ جي ڌرتي رهي آهي. اڄ توڙي جو مذهبي جنونيت جو راڪاس هن ڌرتيءَ تي پنهنجا پنجا کوڙڻ لاءِ وت کان وڌيڪ زور پيو لائي، پر پوءِ بہ هن ڌرتي تي صوفين جي امن آشتي ۽ سڀ ڪنهنجي خير گهرڻ واري آفاقي تعليم ۽ سوچ جو ثمر ئي تہ آهي، جو هيءَ ڌرتي اڄ بہ مذهبي جنونيت جي هاڃيڪار اثرات کان گھڻو تڻو پاڻ بچائيندي پئي اچي. هن ڌرتيءَ تي صدين کان صوفي شاعر صوفي ازم جي امن، شانتي ۽ گھڻگھرائي واري آفاقي فڪر جا پرچارڪ رهيا آهن ۽ هر دور ۾ ان امن عالم جي فڪر کي پنهنجي فن ۽ فڪر وسيلي ماڻهن تائين پهچايو آهي.

هيءَ ڌرتي پنهنجي مردم خيز ۽ سُڀڳندي مٽيءَ هر دور ۾ اهڙا مٽيادار ماڻهو پيدا ڪيا آهن، جن پنهنجي عمل، ڪردار. فن ۽ فڪر سان هن ڌرتي ۽ ڌرتيءَ تي وسندڙ ماڻهن جي فڪري آبياريءَ لاءِ پنهنجي حصي جو پورهيو ڪيو آهي. صوفي بزرگ سيد تاج علي شاهہ لڪياري بودلائيءَ جو ڳاڻيٽو بہ سنڌ جي صوفي شاعرن جي انهيءَ سٽ ۾ ٿئي ٿو. هو پنهنجي سوچ، فڪر ۽ طرز زندگيءَ ۾ صوفي با صفا، عالم با عمل ۽ صوفي شاعريءَ جي ڪهڪشان جو جرڪندڙ ستارو آهي.


هن جي شاعريءَ ۾ ڪيئي رنگ آهن. سندس شاعريءَ ۾ گوناگونيت بہ تہ تخيل جي آڏار بہ آهي. عوامي لهجي ۽ سادي سلوڻي عوامي ٻوليءَ ۾ ڪيل سندس شاعريءَ ۾ جتي تصوف جا مڙئي رنگ نمايان نظر اچن ٿا، اتي عام ماڻهن جي وهنواري جيون جا چٽا پٽا عڪس ۽ ڪڙن مٺن جذبن ۽ احساسن جي ترجماني بہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. سندس شاعريءَ ۾ جتي توحيدي تنوار ۽ اهلبيت جي حب جا واهڙ وهندي نظر اچن ٿا، اتي سنڌ ڌرتي ۽ ڌرتي ڌڻين سان سلهاڙيل مسئلن ۽ مامرن جا مذڪور بہ پسي سگھجن ٿا.

آئون انهن ڀاڳ وارن ماڻهن مان آهيان، جن سائين تاج علي شاهہ کي نہ رڳو ڏٺو، پر سندن ڳل ڳراٽڙيون ۽ محبتون بہ ماڻيون ۽ ساڻن ڪچهرين جو شرف ب ماڻيو. هو نهايت شفيق، نفيس ۽ ڀاڄهارو بزرگ هو. شاعريءَ کان سواءِ هو پنهنجي زندگيءَ ۾ مثالي انسان ۽ با عمل زندگي گذاريندڙ اڇي اجري ڪردار وارو امله انسان هو.

ڪنهنجي تخليقن (شاعري يا نثر) جي ٻي انت اونهاين ۾ جهاتي پائي انهن تخليقن جا لڪل گوشا ۽ فڪري پيغام ڳولي هٿ ڪرڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهہ بہ نہ هوندي آهي. هي ڪتاب صوفي بزرگ سيد تاج علي شاهہ جي شاعريءَ جي فڪري کول تي لکيل آهي. علي نواز ڏاهري اهڙو ڀانڪ آهي، جنهن سيد تاج علي شاهہ جي شاعري جي ڍڪيل ڪُني جو ڍڪ لاٿو آهي. هن سچائيءَ واري پرک ۽ پروڙ وارين اکين سان سيد تاج علي شاهہ کي دل جي حضور سان پڙهيو آهي ۽ تحقيقي سرت سان سندس شاعريءَ جا فڪري پاسا اجاگر ڪيا آهن، ۽ نڪور ۽ اڻڇهين معنائن جا موتي پڌرا ڪيا آهن. سيد تاج علي شاهہ جي شاعريءَ تي لکيل هن ڪتاب ۾ شامل سندس مضمون مون جڏهن پڙهيا تہ مونکي حيراني گاڏڙ خوشيءَ جو احساس ٿيو. سچ تہ هن نهايت عرق ريزي ۽ وڏي محنت سان سيد تاج علي شاهہ جي شاعريءَ تي ڪم ڪيو آهي. سچ تہ اهو وڏو ڪم آهي، جيڪو پڪ سان پسند ڪيو ويندو.

**محمد صديق منگيو**
**سڪرنڊ**

سامين مارڳ ماڻيو
علي نواز ڏاهري
سمبارا پبليڪيشن
330




www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# سامين مارڳ ماڻيو

(سيد تاج علي شاهه لڪياريءَ جي ڪلام جو قومي، فڪري ۽ نظرياتي جائزو)

## علي نواز ڏاهري

سمبارا پبليڪيشن حيدرآباد





ڪتاب: 330

ڪتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | سامين مارڳ ماڻيو |
| موضوع: | فڪري ۽ نظرياتي جائزو |
| ليکڪ: | علي نواز ڏاهري |
| ڇاپو پهريون: | 2022ع |
| لي آئوٽ: | فيصل ميمڻ |
| ٽائيٽل: | مهراڻ سهتو |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن |

دوابا پوليس لائين سامهون عبرت پريس ڳاڙي ڪاٽو حيدرآباد

ملهه:

**SAMEEN MARG MAANYO**

()

**Writer:** Ali Nawaz Dahri
**First Edition:** 2022
**Title Design:** Mehran Sehito
**Lay Out:** Faisal Memon
**Published By:** Sambara Publication Hyd
**Email:** sambara. publication@gmail. com
0300-3513966

## ارپنا

1. سنڌ جي عظيم فڪري رهبر
محترم سائين جي ايم سيد جي نانءُ!
جنهن ”پيغام لطيف“ لکي ۽ ”بزم صوفياءِ“ سنڌ جو بُنياد رکي،
انهن ثقافتي ڪانفرنسن ۾ پڙهيل خطبن جو ڪتاب
”خطبات سيد“ لکيو
جن ڪتابن جي پڙهڻ ڪانپوءِ
سنڌ جي صوفي بزرگ شاعرن جي ڪلامِ فڪر کي
سمجهڻ جو وطن پرستانہ شعور مليو

2. سائين تاج علي شاهہ جن جي گادي نشين ۽ فقير صفت فرزند،
محترم سائين علي حيدر شاهہ لڪياري بودلائيءَ جي نانءُ!
جيڪو سائين تاج علي شاهہ جي پيار واري پيغامِ فڪر جي
دڪايل دونهينءَ کي محبت جي ”مچ“ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سڪ،
ساڃاهہ ۽ اندر کي اجارڻ وارا ميلا مچائيندو اچي.

پنيءَ ٿيون پڙڪن، باهيون بيراڳين جون،
هلو تہ سيڪيون هنڙا، مٿي تن مچن،
مُلا هئاسين، جڙ لڳي مون جان ۾
(لطيف سائين)

**علي نواز ڏاهري**





اڳي جا اسلام کان، اها ڪيائون عيد
لنگهي سي لاخوف ويا، مٿاهان مريد
دارون جن جو ديد، تن ”سامين مارگ ماڻيو.“

**سيد تاج علي شاهہ لڪياري**

# فهرست


- پہ اکر (سيد علي حيدر شاهہ لکياري) 6
- سائين تاج علي شاهہ لکياري صاحب جيئن مون ڏٺو (فدا حسين راڄپر) 10
- مهاڳ: متان ملي ڪا ميار...! (علي نواز ڏاهري) 12
- ڏاج ۾ ڏکڙا مليا 23
- بيشڪ مان پڳوان آهيان 39
- تن سامين مارڳ ماڻيو 48
- تڙ وٽ تاج فقير جي...! 54
- سامي "سن" لنگھي ويا...! 62
- دلبر دين ايمان 70
- جت عشق وارن احرام پڌو 79
- پتنگ تي پچون ٿا 90
- مولوين ملت ڪري...! 105
- جھنڊا جھوليندا 112
- عشق مليو سون انعام 126
- لطيفي لات جي چانَءَ ۾...! 137
- جھڙو پنھون پاڻ...! 147






## پہ اکر

## راشدين شاهہ عرف تاج علي شاهہ لکياري

وقت جا محذوب درويش، صوفي ۽ سالڪ منھنجا والد سائين راشدين شاهہ عرف تاج علي شاهہ صاحب جن لکياري خاندان جي بھاول پوتا پاڙي مان آهن. پاڻ بنيادي طرح شرعي گھراڻي سبب ابتدائي دور ۾ ساز سرود جا ايترا تہ مخالف هئا جو هڪ دفعي خاصخيلي نانگي فقير جو يڪتارو بہ ڀجي ڇڏيائون.

پوءِ جڏهن طالب طريقت (قادريہ قلندريہ) ۾ داخل ٿيا ۽ راشدين شاهہ مان "تاج علي شاهہ" بڻيا تہ جيئن پاڻ فرمايو اٿن:

راشد نالا رات چني دي، پاڪ پلئہ وچ پايا مين
تاج علي دا طالب هوڪر، سيد نام سڏايا مين
هر هڪ در تي بين بجا ڪر، صوفي نام سڏايا مين

ان بعد پاڻ شاعري بہ ڪرڻ لڳا. هيءُ اهو دور هو جو هر گائڪ پنھنجو ڪلام چوندو هو. پاڻ تي جڏهن شاعريءَ جي ڏات نازل ٿي تہ ان سان گڏ گائيڪي ديويءَ جي ڪرپا بہ اچي برهہ جي بوند بڻجي برسڻ لڳي ۽ پوءِ پاڻ پنھنجو ڪلام ڳائيندا بہ رهيا ۽ راڳ ويراڳ ڪي روح جي رمز ٻڌائي ڇڏيائون.

طالب طريقت ڪان پهريان مجذوبي زندگي گذاريندا هئا ۽ جھنگل ۾ بہ رهندا هئا.

جتي رهان راتڙي، اتي مرون منھنجا مٿ
(شاهہ)

پوءِ لڪن جي صف ۾ داخل ٿيا ۽ شادي بہ ڪيائون تہ حج جي سعادت بہ صاحب ڏني لکوجي سان گڏ ماڻيائون ۽ سماجي خدمت ۾ بہ شاندار ڪردار ادا ڪيائون.

مثال: ڳوٺ قطال شاهہ ديهہ بهاول شاهہ ۾ پرائمري اسڪول کولرايائون، جتي او سي پاسي جا ٻار پڙهڻ ايندا هئا، ان اسڪول جي جڳهہ بہ پاڻ تعمير ڪرايائون ۽ اسڪول لاءِ وقف ڪيائون، جتي ڳوٺ مصري ڪوسي ڪان بہ شاگرد علم پرائڻ لاءِ ايندا هئا، انهن شاگردن مان ڪيترائي ليڪچرار، پروفيسر ۽ ٻين عهدن تي پهتا. ان ڳوٺ ۾ ڪيترائي نوڪري پيشہ ماڻهو توڙي علم جي جوت جلائڻ وارا اڄ بہ سائين جي ياد جي ڳهر ۾ ڳڱاتبا رهن ٿا.

1956ع ۾ سنڌو درياءَ ۾ هڪ وڏي ٻوڏ آئي ۽ بچاءُ بند ڀڄي پيو ۽ ان ڪان اڳ 1954ع ۾ ڳوٺ قطال شاهہ ٻڏي ويو جنهن ڪري پاڻ ڳوٺ چِتن شاهہ ۾ رهڻ لڳا

جڏهن سدا واهہ 30 نصرت ڳوٺ جعفر شاهہ کي مسڪن بڻايائون تہ اتي بہ اسڪول کولرايائون. استاد جي رهائش جو خرچ بہ پنهنجي سر تي کنيائون.

1980ع ۾ جڏهن دليل ديرو جو ارادو ڪيائون تنهن 1972ـ 1982ع تائين راقم الحروف بہ ان اسڪول ۾ نوڪري ڪئي، جيڪو بند پيل هو، ان کي برانچ اسڪول عظيم آباد کولرايم، جو ماهہ رخ مرزا (سب ڊويزنل آفيسر هو) ان جي وقت ۾ سال اندرِاهو مين اسڪول بہ ٿي ويو.

سائين تاج علي شاهہ جن کي دليل ديرو آڻڻ جي حاجي ڏٽي بخش ملاح جن جي ڪوشش 1956ع کان ئي هئي، جيڪا آخرڪار 1980ع ۾ ڪامياب ٿي. عرض ڪندو هلان تہ فقير عبدالڪريم جيڪو سائين





بابا جن جو طالب هو ۽ رئيس محمد صديق ملاح جو محبتي هو انهن بہ سني مدد ڪئي، مگر حاجي ڏٽي بخش ملاح جي ڪوشش مٿيري هئي.

مان بابا جي ڪمري ۾ گڏ رهندو هئس، هڪ ڏينهن جيئن ئي اسڪول کان واپس گهر آيس، گرمين جا ڏينهن هئا، منهنجي نياڻي جنهن تي بابا سائين جي امڙ جو نانءُ رکيل هو، سا اندر ڪمري ۾ هلي آئي ۽ چيائين تہ "بابا کڻ" مون کٽي کيس ڪمري ۾ ٿهلايو، ڏهہ منٽ ئي ڪين گذريا هئا (مونکي تہ ڪا تڪليف ڪانہ پئي ٿئي، جو اولاد کان تڪليف ٿيندي بہ ناهي) مگر بابا سائين سهي نہ سگهيا ۽ بي اختيار چئي ڏنائون تہ "ها امان! هڪڙي نوڪري ڪري آيو آهي، ۽ ٻئي وري تنهنجي نوڪري پيو ڪري."

ائين سمجهہ ۾ آيو تہ اولاد ماءُ پيءُ کي ڪيترو پيارو هوندو آهي. ماءُ جي پيار جو تہ ڪو مٽ ٿي نٿو سگهي، پر بابا سائين جي پيار جي بہ ڪهڙي ڳالهہ ڪجي...؟؟

ان بعد ننڍڙي کٽي ٻئي ڪمري ۾ وجي لاٿم ۽ اچي آرامي ٿيس.

مون تي سندن ٻيا احسان تہ اڻڳڻيا آهن، پر هيءُ اعزاز منفرد ئي آهن.

(1) جڏهن طالب طريقت ٿي گهر آيس تہ بابا سائين جن منهنجو بہ هٿ چميو.

(2) پاڻ پنهنجي هٿن سان طريقت جي فقيراڻي ٽوپي مٿي تي رکيائون

(3) عيد نماز پاڻ هن بندي جي پويان پڙهندا هئا.

اهڙا اعزاز هر ڪنهن جي نصيب ۾ نہ هوندا آهن، ڪي قليل اهڙا مثال ملندا.

ڏاڏا مراد شاهہ جيڪو بابا سائين جن جو مامو هو ان کان ٻڌم تہ ”تاج علي شاهہ جيڪو گهريو سو عطا ٿيس، هن جون دعائون خدا وٽ اگهامن ٿيون“ حج جي سعادت کانپوءِ پاڻ زواري ڪرڻ ايران، عراق ويا، ان وقت اتي شاهہ نجف ۾ مولا علي سائين جي روضي مبارڪ جو ڪم پئي هليو. پاڻ اتي چند ڏينهن رياضت ڪيائون، نجف اشرف جا ماڻهو ڪين مولا علي سائين جن جو هم شڪل چوندا هئا.

علي نواز ڏاهري سجاڳ ذهن ۽ شعور جو اهڃاڻ آهي. هن جيڪا ڪاوش ڪئي آهي، اسان کان ايتري گهرائي وسيع انداز ۾ ٿيڻ ممڪن نہ هئي. هن جي محبت ۽ محنت مان معلوم ٿئي ٿو تہ پاڻ تدبر جي اعليٰ مقام تي فائز آهن، جنهن هڪ سيد فقير جي زندگيءَ جي روحاني رمز کي پرکي پروڙي پيش ڪيو آهي، ان لاءِ سندن ٿورائتا آهيون. آل رسول جي نسبت سبب ڪين اسان جون ۽ سائين تاج علي شاهہ جن جون دعائون آهن. جن جو هو هميشہ حقدار آهي. وري بہ دل سان دعا آهي تہ مٿن رهبر رسول ڪريم صہ جن علم، معرفت، عرفان ۽ ايمان ۾ اضافو ڪن_ آمين.

**سيد علي حيدر شاهہ لڪياري بودلائي**
گادي نشين سائين تاج علي شاهہ لڪياري بودلائي





## سائين تاج علي شاهہ لڪياري صاحب جيئن مون ڏٺو

قبلا سائين تاج علي شاهہ لڪياري صاحب جن جڏهن اسان جي ڳوٺ ايندا هئا، قلندر سرڪار جي ميلي تان واپسيءَ تي. اسان ننڍا هوندا هئاسين. ڪولابا، منڊيون، ڳانا ۽ روٽ پڻ ڪٽي ايندا هئا. روٽ قلندر تي پچندو آهي ان کان پوءِ سيني فقيرن ۾ ونڊ ورهايو ويندو آهي. ۽ هر ڪافيءَ جي اڳواڻ کي بہ ڏنو ويندو آهي. پوءِ سائين جڏهن اسان جي ڳوٺ سنياريءَ ۾ ايندا هئا تہ اسان کي بہ ڳانا ڏيندا هئا ۽ اسان ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين. سائينءَ سان گڏ هڪ ٿيلهو گڏ هوندو هيو. ان ۾ قرآن پاڪ جيڪو سائين صبح جو سوير تلاوت ڪندو هيو. تسبيح پڙهندو هيو ۽ نماز بہ پڙهندو هيو. سائينءَ جا خاص مريد اميرعلي شاهہ راڄپر، ارباب خان راڄپر، ڏاڏو اسماعيل راڄپر، امام علي راڄپر، حاڪم علي راڄپر، ابراهيم راڄپر ۽ ٻڍل فقير راڄپر.

ارباب خان راڄپر جيڪو ٻارنهن پاڙن جو پڳدار هيو. جيڪو منهنجو نانو پڻ هيو. پر فقير ارباب علي جي نالي سان مشهور هيو. سائين چوندا هئا تہ لڪُو جا راڄپر برادريءَ جا مريد منهنجا حُر آهن. هڪ پيري سائين جن اسان جي ڳوٺ آيل هئا تہ سائينءَ کي نياپو مليو تہ سائينءَ جو پٽ سائين علي گوهر شاهہ گذاري ويو آهي. آئون ننڍو هئس سن مونکي ياد ڪونهي، وڏي ڏک جي خبر هئي، سائينءَ کي انهيءَ خبر جهوري وڌو. سائين روئي پيو ۽ سندس ڳوٺ لاءِ روانو ٿيو ان کانپوءِ محترم سائين علي حيدر شاهہ لڪياري جيڪو سندن پٽ بہ مريدن سان ساڳيو رستو

اختيار ڪيو ۽ قلندر جي ميلي تان نيڪيتي ڪري روٽ جو ونڊ ڪٽي ڳانا، ڪولابا ۽ منديون ڪٽي مريدن ۾ ويندا هئا ۽ اسان جي ڳوٺ پڻ ايندا هئا، ۽ ننڍن توڙي وڏن ۾ ورهائيندا هئا. اسين ڏاڍا خوش ٿيندا هئاسين. سائين علي حيدر شاهه به والد صاحب وانگر روزانا قرآن پاڪ جي تلاوت تسبيح ۽ نماز به پڙهندا هئا. اسان جي ڳوٺ سنياري ۾ گهڻو رهندا هئا، ۽ پنهنجن طالبن سان ڪچهري ڪندا هئا ۽ ساڳيا لفظ مون سائين علي حيدر شاهه جي واتان ٻڌا ته، لکو جا راڄپر منهنجا حُر آهن.

گهڻو ڪجهه لکڻ چاهيان ٿو پر وقت اجازت نه پيو ڏئي.

سائين جو طالب

**فدا حسين راڄپر لکوجو**

هن وقت سرڪيوليشن مئنيجر روزانه عبرت
اخبار حيدرآباد ۽ رهندڙ حيدرآباد





## مهاڳ:

# متان ملي ڪا ميار...!

سائين تاج علي شاهه جي ڪلا جي ڪائنات ۾ توڙي جو گهڻو ڪلام الله پاڪ، رسولِ خُداﷺ، مولاءِ ڪائنات مولا علي سائين، شهيد ڪربلا جن جي ثنا ۽ ساراهه ۽ شان قلندر تي مشتمل آهي، پوءِ به مون جڏهن سندس شاعريءَ جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪيو ته هو مونکي سنڌ جي هر صوفي شاعر وانگر اناالحق جي اسرارن جي اظهار سان گڏ حق ۽ سچ جو حمايتي، انسان جي عظمت جو قائل، هر ڏاڍ، جبر، ظلم ۽ استبداد جو مخالف، فطرت جي حسين رنگن جو نقاش هجڻ سان گڏ محبوب جي اکين جي پراسرار آئيني مان خدا جي ساري خدائي کي ”ونحن اقرب“ ويجهڙو ڏسڻ واري نور پري نگاهه رکندڙ فلسفي به معلوم ٿيو هو.

آئون هن جي ڪلام کي پڙهي سچ پچ ته حيرتن جي جهان ۾ ڪوئجي ويس ته دل مان خوبخود نڪري ويو: واهه...! ائين به وطن جي عشق ۾ نينهن جا نعرا هڻبا آهن...!؟ منهنجي خيال ۾ تمام گهٽ صوفين اهڙو چٽو چيو هجي ته:

متان ملي ڪا ميار، جيڏيون! جانب جي

هاڻ سوال آهي ته اهو ”جانب“ ڪهڙو...؟؟ جنهن جي ميار باضمير تخليقڪار کي بيقرار ڪري ڇڏيندي هجي ۽ ان لاءِ ان کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري رهندي هجي، ۽ ٻي صورت ۾ ضمير سک سان ويهڻ ئي نه ڏئي...!؟ سائين تاج علي شاهه پاڻ ئي وضاحت ٿو ڪري ته اهو ”جانب“ ماڻهوءَ جو پنهنجو وطن ئي هوندو آهي. هو لکي ٿو ته:

متان ملي ڪا ميار، جيڏيون جانب جي،
جيڏيون! جانب جي، سرتيون! ساٿيھ جي

هو تہ عام ماڻهو توڙي هر لکئي پڙهئي کي بہ اپيل ڪندي نظر پيو اچي تہ پنهنجي سڄڻ، پنهنجي پرينءَ، پنهنجي انهيءَ ”جانب“ کي سڃاڻو...! هو تہ ٻُڌائي چڪو آهي تہ جانب معنيٰ ساٿيھ...! جانب معنيٰ پنهنجو وطن...!

هو چئي ٿو تہ اها دل ئي پاڪن پاڪ آهي، جنهن ان سڄڻ کي سڃاتو هو لکي ٿو تہ:

جنهن دل سڄڻ سڃاتو ويار! سا دل پاڪن پاڪ آ،

پنهنجي ڪلام ۾ هو اهي نينهن جا نعرا هڻندي پيو نظر ايندو تہ:

آهي ات عرفات، جت وڃي ٿيون اتڪن اکيون

هو وري بہ وضاحت ٿو ڪري تہ اهو ”عرفات“ بہ وطن يا ساٿيھ ئي آهي. تڏهن تہ اهي اکيون جيڪي ڪٿي جيولس فيوچڪ، ڪٿي نيلسن منڊيلا تہ ڪٿي سائين جي ايم سيد جون اکيون هونديون آهن تہ اهو ”عرفات“ پنهنجو وجود مٽائي ”وطن“ بڻجي ويندو آهي، جنهن منزل تي رسي لطيف سائين چيو تہ :

وطن ريءَ ويهي، مون جي گهاريا ڏينهڙا،

اهو وطن جڏهن عشق ۾ تبديل ٿي ويندو آهي تہ وري بہ لطيف سائين چيو تہ:

نيڻ نہ ننڊون ڪن، پڳو آرس اکين،

ان جيان تاج علي شاهہ لکي ٿو تہ:

عشق نٿو ڏئي آرام ڪنهن کي،
آهي عشق جي ذات اڙانگي،
عشق نٿو ڏي آرام ڪنهن کي!





اهو عشق جڏهن منزل ۾ ماڳ بڻجي ويندو آهي تہ تاج علي شاهہ چيو:

عشق سسئيءَ کي ڏونگر ڏورائي، نينهن ڪئي آ نانگي،

تاج علي شاهہ پنهنجي من جي وارتا بيان ڪندي ٻڌائي ٿو تہ قدرت طرفان اهڙي ”عطا“ بہ هر ڪنهن جي حصي ۾ ڪانہ ٿي اچي، پر قدرت جڏهن پاڻ مون کي انهيءَ عشق لاءِ چونڊيو تہ مون لک شڪر الحمد ڪري انهيءَ عطا تي ”آمين“ ڪري انهيءَ عشق کي اکين تي رکيو.

عطا عشق پرين مون کي پاڻ ڪيو، رکي اکين مٿي مون آمين چيو.

هو ٻڌائي ٿو تہ انهيءَ عشق کانسواءِ انسان ائين چڙواڳ آهي، جيئن طالب المولیٰ چيو هو تہ:

عشق بنان انسان ائين، جهنگل ۾ جيئن ڍور،
گپي پوندو گپ ۾، يا، ڪاهي ويندس چور،
يا وجهي ڳچيءَ نوڙ، گهلي ٻڌندس ڳاهہ ۾!

معنيٰ وطن جي عشق کان وانجهي انسان کي غلاميءَ جو نوڙ وجهي مختلف قوتون انهيءَ کي خوب استعمال پيون ڪنديون.

سائين تاج علي شاهہ تہ اجا بہ آسان ڪري ٿو ٻڌائي تہ:

عشق ريءَ انسان جهڙي، لوڻ ريءَ مان ڦڪي!

اهو عشق جڏهن ساٿيھ جي سڏ تي سراڻ چڙهندو آهي تہ اهو ”عمل“ جي صورت اختيار ڪندو ويندو آهي، جنهن جي راهہ جي رڪاوٽ علم ۽ عقل جا دليل ٿيڻ لڳندا آهن تہ اهو عشق انهن عقل جي دليلن سان اٽڪي، انهن کي منزل ۾ رڪاوٽ جا ڪنڊا/راهہ جا پٿر سمجهي انهن کي ٺوڪر سان اڏائي اڳتي وڌندو آهي. هو لکي ٿو:

علم، عقل کي عشق اُڏايو وڃئون وڌو اٿن وير،
سمجهي ڪير!

هو ٻڌائي ٿو

علم، عقل جي جيڪا راهہ، عشق وڏا هن ان ۾ ڊاهہَ،
علم عقل جا لُڏي ويا لاهہ، عشق وڏايو پورو پير
سمجهي ڪير!

لڪياري لال ٻڌائي ٿو تہ اها ”امانت“ عشق جي ڪنهن ڪنهن کي ملندي آهي، جيڪا مڙني مذهبن کان مٿي هوندي آهي، چئي ٿو:

علم، عقل جا وير،
رک تون اندر عشق اڪير،
عشق نہ ڪافر، عشق نہ مومن،
عاشق مست فقير،
رک تون اندر عشق اڪير!

هو ٻڌائي ٿو تہ جن اهو ”حق حاصل ڪيو“ اهي موت کان مٿانهان ٿي جيئندا آهن، انهن جي زندگي تاحيات تاريخ جي ورقن جي سونهن ٿي رهندي آهي، هو زندگيءَ ۾ ئي عشق جي نتيجن کان اڳ ئي آگاهہ هوندا آهن، هنن کي خبر هوندي آهي تہ پروانہ شمع جي شعلن جو حصو ٿيڻ بنا ”پروانہ“ نہ ٿي سگهندا آهن.

حاصل ڪيو جن حق کي، هلي منجهہ حضور،
انا احمد بلا ميمي ٿيا، گفتي ۾ غرقور،
سوليءَ مٿي سور، انهن پئي اڳ ۾ ڏٺا!

سائين تاج علي شاهہ اهو سرمست صوفي آهي، جنهن کي خبر آهي تہ اسلامي تصوف جا سيئي سلسلا مولا علي سائين جن جي علمي چشمي مان ڦُٽي ٿا نڪرن، ۽ الله تعاليٰ جي نوانوي صفاتي نالن مان هڪڙو نانءُ علي بہ آهي، هو لکي ٿو تہ:





انڏا وٺ اڪيون، علي چئہ الله،
وحده لا وحده، آهي علي شاهہ،
لهندئي ڏوهہ گناهہ، جي اڪر اُنهيءَ آوڙين!

تاج علي شاهہ صوفين جي انهيءَ سلسلي سان تعلق رکي ٿو، جن جي نظر ۾ مذهب صرف ”ماڻهپو“ هوندو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ لالچ جهڙي لعنت ۾ غرق ٿي عبادتي ڏيکاءُ ڏيندڙ ملاازم ۽ برهمڻ ازم کي هٿي ڏيندڙ ڪٽا ڪردار جهڙي طرح انسانيت کي ويڙهائي/ورهائي ”انسانيت جي عظيم ورثي“ کي تباهہ ڪري رهيا آهن، تن کان تہ اهي ساڌو ۽ سنت فقير ئي چڱا آهن، جيڪي لوڀ جي دريائي لهرن کان پڄي جهنگلن ۾ پيا تن کي تساڏيو جوڳ پچائين:

لالچ ڪيا لعنتي، مُلا ۽ مهتا،
ساڌو ۽ سنتا، جوڳ پچائين جهنگ ۾،

فارسيءَ جي هڪڙي شاعر (هروي) چيو آهي تہ:

مان قرآن را برداشيتم،
اسخوان پيش سگان انداختم،

(معنيٰ: اسان قرآن مان مغز ڪڍي ورتو آهي، باقي هڏا ڪتن لاءِ ڇڏي ڏنا اٿئون)

ائين تاج علي شاهہ بہ انهن جي نندا ٿو ڪري، جيڪي قرآن پاڪ زباني پڙهي، ان جي اصل روح/پيغام کي سمجهي ئي نہ سگهيا آهن، هو چئي ٿو تہ

نہ چئہ تون نابين کي، بيوس ٿيو بي ايمان،
زبانان پڙهي قرآن، قلبان ڏسي ڪين ڪي،

هوءُ تہ ائين بہ چئي ٿو تہ:

اوڏو آهہ الله، تون پاڻ ٿو پري ٿئين،
ڪايو ٻوڙ پلاه، سڌو ٿيو سمهيو رهين،

هو تہ اهڙن کي بہ تنبيهہ ڪري رهيو آهي، جيڪي سارو ڏينهن اسلام اسلام ڪري، خدا جو خوف وساري، خلقِ خدا جي تباهي ۽ تفرقي جي باهہ ۾ ڪانيون سوري رهيا آهن.

اي ادا اسلام وارا، ڪجهہ خدا جو خوف ڪر!

هو تہ اهڙن ڪڌن ڪردارن کي نفرت ۽ نفاق کان پري ٿي ڪين نياز ۽ نوڙت ۾ رهڻ جي تلقين ڪري رهيو آهي ۽ ڪين ٻڌائي رهيو آهي تہ قرآن پاڪ ئي هدايت جو ڪتاب اٿوَ ان مان ئي هدايت وٺو:

پاپ ڇڏي تون ٿيءُ پري، رهہ هميشہ نياز ۾،
وٺ هدايت حلم وارا، ڪجهہ خدا جو خوف ڪر!

هو تہ مذهبن ۾ مسلڪن کي بہ انسانيت توڙي مذهب اسلام کي ورهائڻ واري سازش ٿو سمجهي، هو تہ مسلڪن کي انسانيت ۾ تفرقو سمجهي رد ٿو ڪري،

شيعا ڇڏ شرارتون، پراوا پرچاءِ،
رٺن کي ريجهاءِ، تہ مُٺن اڇي ماٺهيو،

هو تہ ڀٽائي جي انهيءَ پيغام جو داعي آهي تہ:

ڪوڙين ڪتابن ۾، حرف مڙوئي هيڪ،
جي تو نظر نيڪ، تہ بسم الله ئي بس ٿئي!

هو تہ سچل سائينءَ جي نشاندهي ڪيل ”مذهبن مُلڪ ۾ ماڻهو مُنجهايا“ وارين وارتائن تي پريشان آهي.

ڪيئي قلمن لکيا، ڪوڙين ڪتابن،
سي ڪتاب شتاب ٿيا، خوابن جا خوابن،





ڪي سڙيا، ڪي پوريا، ڪي آندا ويا آبن،
ڪي مسجد، ڪي مندر ڪي قابو ٿيا ڪعبن،
جيئن جوڙيون تن، ڪندا وتن ڪاڪ ۾!

تاج علي شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ انهن معصوم مارن ۽ سانگيئڙن جي دردن ۽ سورن جي زبان ٿيو آهي، جن جي پکڙن پراٽن جا ڪک بہ لک ٿا لهن، جن جي ڳوناٽي زندگيءَ جي خوبصورت تصوير چٽي چوي ٿو تہ انهن محبت ورهائيندڙ معصوم ماڻهن، جن جو گذر سفر ٻني ٻاري ۽ چوپائي مال تي آهي، انهن سان منهنجو ميل ميلاپ سدائين سلامت رهي، ڇو تہ هو ئي سنڌ جي حقيقي سونهن آهن. هنن سان ئي وطن جي سونهن سلامت آهي. هو ئي ساٽيهہ جا اهي سانگي آهن، جن کي سچاٽي ”دل پاڪن پاڪ“ ٻڌجي ويندي آهي، تن مٺن ماروئڙن ۽ سٻاجهڙن سانگيئڙن کي بيان ڪندي چوي ٿو تہ انهن جي خاصيتن ۽ خصلتن کي ڳٽي ڳٽيان ڪيترو...!

ڳٽي ڳٽيان ڪيترا، واريءَ جا داٽا،
ڏٻون آهن، ڍير ٻيا، ٿرن ۾ ٿاٽا،
مال چرن ٿا مارن جا، پاڳين جا پاٽا،
ولوڙا ڪن وينا وجهيو، ماٽيءَ مانڌاٽا،
کير ڪائن کاهڙ ۾، مکڻ جا چاٽا،
ڏيو گيهہ گراهڪن کي، وٺن ٿا ناٽا،
ڪک تن جا لک لهن، پکڙا پراٽا،
سي ڏوٿي ڏاڏاٽا، سانگي ميل سچا ڏٽي!

هن جي شاعريءَ ۾ انهن مسڪين مارن لاءِ دعائون آهن، جن جو گذر ئي ڏٿ، ڏئونرن، پڪن، پيرن ۽ ٻيرن تي آهي، اهي ئي پونءِ جا پاڳيا

آهن. اهي ئي ڌرتيءَ جا ڌراڙ ڏٽي، پنهوار، اهي ئي ميهار ۽ وچار، شال جيئندا رهن.

اهي ئي محنت ڪش مارو ماڻهو هن جي زندگيءَ جو اڻوٽ حصو ٿي رهيا. جن جي محبت ۾ مستان ٿي هو خدا جي حضور ۾ سراپا دعا بڻجي ويجي ٿو تہ:

تون هادي سائين هيڪڙو، سڄڻ سڏ ستار،
منهنجا مٽ ملير ۾، صاحب ميل سنگهار،
وٺا مينهن ملير ۾، ٿيا گولاڙا گلزار،
مارو ڪن ملير ۾، پيرُن جي پچار!
اچن اباڻا اجهور ۾، ڏونئرن پچيو ڏار،
پيون پُسيون پٽ ۾، پڪا کين پنهنوار
مارو مال ملير ۾، چارن ڏڻ ڏنار،
ٻُڌان روز ٻيلن ۾، چڙن جي چونگار،
ميهار جِي مينهين ۾، هلي پئي هونگار،
چاهڪ چريو اچن وريو ٻڪنديون منجهان ٻار،
سي وچن جا وچار، شل جيئندا رهن جڳ ۾.

اهڙين سوين سٽن پڙهڻ ڪانپوءِ ئي دل مونکي مجبور ڪيو تہ سائين تاج علي شاهہ جي ڪلام/پيغام تي قلم کڻي سندس "سڄڻ ۽ ساڻيھہ" واري فڪر کي ساريءَ سنڌ ۾ پکيڙي پهچايان. ۽ اها جوابداري مون تي سنڌ جي نامياري اديب ۽ سنڌي ڪهاڻيءَ جي خوبصورت سرجڻهار محترم محمد صديق منگيو صاحب رکي هئي. مونکي ياد آهي تہ ڪجھہ سال اڳ سائين تاج علي شاهہ جي "ادبي ڪانفرنس" ۾ تقريبن سڀني مقررن ان ڳالهہ تي زور ڏنو هو تہ سائين تاج علي شاهہ جي فڪر





تي لکيل پيپرن کي سهيڙي/نوان پيپر لکائي گڏ ڪري ڪتاب ڇپائجي، جنهن ڪم لاءِ ڪنهن اديب کي اڳتي وڌي اهو نيڪ ڪم ڪرڻ گهرجي، جنهن جي ڇپائي لاءِ سائين تاج علي شاهہ جي سرنديءَ وارن مريدن/طالبن پاڻ تي جوابداري کنئي هئي.

جڏهن محمد صديق منگيو کي اسٽيج تي سڏ ٿيو هو تہ هن ڳالهائيندي چيو تہ "تاج علي شاهہ تي ڪتاب تيار ڪرڻ جي ذميواري آئون علي نواز ڏاهريءَ تي ٿو رکان، ڇو تہ هو ئي اڪيلو اديب آهي، جيڪو سائينءَ جي ڪلام جي کول ڪري سدائين پيپر لکي کڻي ايندو آهي، تنهن ڪري اهو ڪم هو ئي بهتر نموني سرانجام ڏئي سگهي ٿو."

ان ڪانپوءِ ٻئي سال تائين ڪتاب واري ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي...!

مگر مان آهستي آهستي وڏي باريڪبينيءَ سان "تحفہ تاج قلندري" جو من سان مطالعو ڪندو رهيس ۽ ان ڪلام مان مون تي نت نوان اسرار کلندا رهيا ۽ آئون پنهنجي جوابداريءَ کي نينهن سان نڀائيندو رهيس. پر وري ڪنهن پڇا ئي ڪانہ ڪئي تہ "ابا! ڪتاب وارو ڪم ڪٿي پُهتو...!؟" ٻئي سال بہ ڪانفرنس ۾ اها ڳالهہ ڪنهن کي ياد ئي ڪانہ آئي جو ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جي من کي وسر جي وڻ ويڙهي بہ وڪوڙي ويندي آهي، پر مون پنهنجي جستجو جاري رکي. نيٺ مون مختلف ۽ نت نون موضوعن تي قلم کڻي ڪتاب ڪمپليٽ ڪري محترم محمد صديق منگيو ۽ محترم سائين علي حيدر شاهہ لڪياري صاحب (سائين تاج علي شاهہ جي گادي نشين فرزند) جن سان ذڪر ڪيو تہ ٻنهي مهربان سڄڻن جي سائين تاج علي شاهہ سان خاص تعلق ۽ فڪري پيغام جي گهري وابستگيءَ جي ڪري جڻ تہ هنن جي وجود تي جنت جي هير گهلي وئي هئي.

آئون اعتراف ڪريان ٿو ته ٻن ٽن پيپرن ۾ تاج علي شاهه بادشاهه جي شاعريءَ مان ساڳيا موتي ميڙي مثال ڏنا اٿم ۽ يڪسانيت کان بچڻ جي حتي الامڪان ڪوشش ڪئي اٿم. جنهن ڪري من مطمئن آهي، پر پوءِ به "متان ملي ڪا ميار" ۽ ادبي اڱڻ تي نه سهندڙ بي سمجهه سمجهُن ۽ اٽڪاڻ ڄاڻُن پاران متان به ورجاءُ جو الزام لڳي ته انهن دوستن لاءِ سنڌ جي ناميارِي اديب ۽ شاعر محترم مير محمد پيرزادو جي هڪڙي پيپر (جيڪو هن سنڌ جي ٻئي وڏي اديب محترم انور بلوچ صاحب جي ڪتاب "ديس نماڻو ارڏا ماڻهو" ۾ "ڪهي پڇاڻي ڪونه!" جي سري سان لکيو آهي) جو حوالو ضرور ڏيندس. سائين جي ايم سيد جي ڪتابن ۾ ورجاءُ واري راءِ جي حوالي سان محترم مير محمد پيرزادو لکي ٿو ته:

"توڙي جو ان تي ورجاءَ دهراءُ (Sterio tipe) جا الزام به لڳندا رهيا آهن. چوڻ وارا ڪنهن نئين ڳالهه ٻڌڻ جي انتظار ۾ آهن. پر ڪنهن زماني ۾ جڏهن جي ايم سيد جي ڪتابن جي باري ۾ اها راءِ ڪڙي ٿي هئي تڏهن هڪ دفعي اسان جي موجودگي ۾ محترم سرور سهتي صاحب شاهه صاحب کان ان بابت سوال ڪيو هو. ته ان جي جواب ۾ شاهه صاحب سرور سهتي کان پڇيو هو ته "تو ڪڏهن قرآن پاڪ تفسير سان پڙهيو آهي؟" ته سرور سهتي چيو ته آئون ملان خاندان جو فرد هئڻ ڪري، مون ڪيئي تفسير مطالعو ڪيا آهن ۽ انهن جو تقابلي جائزو به ورتو آهي، جنهن تي شاهه صاحب پڇيس ته "ان ۾ ڪو ورجاءُ آهي، يا نه؟" وراڻيائين، "سائين ڏاڍو ورجاءُ آهي." جنهن تي سائين چيو ته "هر اها لکڻي جيڪا ڪنهن منزل جي تلاش يا مقصد جي حصول لاءِ لکبي، ان ۾ جيستائين پڙهندڙ کي بار بار اهي مسئلا، معاملا، ناانصافيون وري وري ذهن نشين نه ڪرائبيون ته پوءِ اهي ماڻهو انهن کي هضم ڪري ويندا ۽ انهن خلاف





اٿڻ کان ڪيٻاندا. ان ڪري ضروري آهي ته انهن مسئلن جو سندن ذهنن تي ترو تازه ذڪر ٿيندو رهي ته عوام ان جي حصول لاءِ ڪوشان رهندو ۽ ڪنهن سڏ کي ڪنائيندو رهندو."

اڄ سيد تاج علي شاهه لکياري بودلائيءَ جي طالبن توڙي ان جي فڪر جي ڦهلاءَ جا خواب اکين ۾ سانديندڙ فقيرن اڳيان هيءُ پنهنجو پيار جو پورهيو پيش ڪري پنهنجي جوابداري پوري ڪري رهيو آهيان ته:

متان ملي ڪيا ميار، جيڏيون! جانب جي،
جيڏيون! جانب جي، سرتيون! ساڻيهه جي!

**علي نواز ڏاهري**
03003216296

# ڏاج ۾ ڏکڙا مليا

## (تاج علي شاهه جو نِنڊيپڻ، قسمت جون ڪارستانيون ۽ عزيزن جا ڏکائيندڙ رويا)

گوتم ٻڌ پنهنجي زندگيءَ ۾ تلخ تجربن جي آڌار تي چيو تہ:
”سروم دکم دکم“ معنيٰ دنيا/ڪائنات سور ئي سور آهي.

لطيف سائين چيو تہ:

ڪنين گهٽا، ڪيئن ٿورا، ڪانهي سورن ڏار!

حمل فقير چيو:

سورن سَوَ هزار، لکڻ لکيو ناهہ ڪيو!

تاريخ جي هر دور ۾ ڏک هميشہ ڏاهن ماڻهن جي ميراث ئي رهيا آهن ۽ زندگيءَ جي شاندار حاصلات ڏاهن ماڻهن هميشہ ڏکن مان ئي پئي حاصل ڪئي آهي، ان سلسلي ۾ لطيف سائين ڪيڏي نہ وڏي ڳالهہ ڪئي آهي تہ:

ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ريءَ!

چو تہ:

جيئن جي ورونهن، سڄڻ آيو مان ڳري!

ائين ڏک بہ هڪڙي باهہ ئي آهن، جن مان گذري ئي ماڻهو مهانتا ماڻي عام کان اتاهون ٿي ويندو آهي ۽ باهہ ئي اهڙي شيءِ آهي جيڪا پاڻ مان گذاري ئي هر ڌاتوءَ کي ڪارائتو ڪري استعمال جوڳو بڻائيندي آهي. بنا باهہ جي تہ خالي لوهہ جو ڪوڪويا ڪلي بہ ٺهي راس نٿي ٿئي، اها باهہ ئي آهي، جيڪا سون کي ڪندن ڪري ڇڏيندي آهي، اها تہ





آهي عام باهہ، پر ڏکن جو ٻارڻ تہ هونديون ئي درد واريون دليون آهن، اها ڏکن واري باهہ بہ درد وند دلين جي چونڊ پاڻ ئي ڪندي آهي.

هئڙس الڳ لِڏو، پوءِ ٿي پنڌڙا ڪري!
(لطيف)

ائين ڏکن ڏاهن ماڻهن کي هميشہ ڳولي پئي لڌو آهي، انهن جي ميراث جي مايا مان رڃي پڇي انهن ڏاهن دنيا کي سونهن، سرت، ساڃاهہ ۽ سچائيءَ جا گس ڳولي پئي ڏنا آهن.

ڏکن ڏيکارياس، گوندر گس پرينءَ جو!
(لطيف سائين)

تڏهن تہ:

ڏکيءَ ڏورڻ پاڻ تي، ويچاريءَ وڏو،
ڏيل جنهن جو ڏک سين، سپوئي سڏو!

ڏکن ۽ دردن جو ڪو ديس توڙي ويس ڪونہ هوندو آهي، شاعري انهن ڏکن، دردن جي روح جي رڙ جو پڙاڏو ئي تہ هوندي آهي، جنهن ڪري جڏهن ڪو تخليقڪار پنهنجي دل جي دردن کي زبان ڏئي اظهاريندو آهي تہ ان مان عام ماڻهوءَ/عوام کي پنهنجي پيڙائن جا پرتوا چٽڱي طرح نظر ايندا آهن.

تاج علي شاهہ دردن جي تندن تي تنوارڻندڙ اهو تخليقڪار آهي، جنهن پنهنجي دردن جون ساريون ڪٿائون شاعريءَ ۾ قلمبند ڪيون آهن، انهن شاعراڻن ڪٿائن مان ئي عام ماڻهن کي پنهنجا درد ۽ انهن جو درمان چٽو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. ائين تاج علي شاهہ سان بہ ڏکن دردن جو ”سرجي تان سور“ وارو نِنڊي هوندي کان نينهن جو ناتو هو، پنهنجي

نناڍپڻ جي زندگيءَ کي مختصر ڪندي "ٻاروتڻ" جي سري سان بيان ڪندي سائين تاج علي شاهه لکي ٿو ته:

"اڃا ٽن سالن جو مس ٿيس ته بابو سائين جاتن شاهه يتيم ڪري جهان مان هليو ويو. والده پاڪ جي مدت عدت گذرڻ بعد ٻيو حق ڪيو. سائين امام علي شاهه ولد ڏتل شاهه جو بابي جو ماروٽ هو. اهو سائين تعلقي هالا ضلعي حيدرآباد(موجوده مٽياري) جي ڳوٺ ميوو ڇڇر ۾ رهندو هو. مان پنجن سالن تائين پنهنجي ماءُ سان اتي ڳوٺ ميوو ڇڇر ۾ رهيس. اڃا ڇهون سال شروع ئي ڪونه ٿيو ته منهنجو سڳو چاچو بولا شاهه وٺي آيو. ننڍڙي هوندي ماءُ پيءُ جي وڇوڙي نهوڙي ڇڏيو."

اهو پڙهندي سچ پچ ته ڳوڙها ڳڙي ٿا اچن ته تنهن وقت ننڍڙي ٽن سالن جي معصوم ٻارڙي تي ڇا گذريو هوندو...؟ جڏهن پدرانه شفقت کان محروم ٿيو هوندو ۽ وري ٻن اڍائي سالن ڪانپوءِ ماءُ کان زوريءَ جدا ڪيو ويو هوندو...! هو پنهنجي ان وقت جي دردن جي زبان ٿيندي لکي ٿو ته:

تڙپندو مون کي ڏسي، تارا ڪتيون پئي تڙپيا،
وڻ ٽڻ وائي روڄ راڙو، چونگارين مون سان چڙا!

ڏکن جي وارتا بيان ڪندي هو لکي ٿو ته:

"ماءُ کان جدا ٿيڻ وقت مون ڏاڍو رنو ۽ ماءُ سان گڏ رهڻ لاءِ ڏاڍيون دانهون ڪوڪون ڪيم..."

پلا دانهون ڪوڪون به ڪيئن نه ڪيون هوندائين! ڇو ته هر ننڍي وڏي تڪليف ۾ ماءُ ئي ته ٻار جي آٿت هوندي آهي. ماءُ جي گود ئي ته دنيا جي مڙني حفاظت گاهن کان وڌيڪ محفوظ هوندي آهي. هڪ ٻار لاءِ ماءُ ئي ته ڪل ڪائنات هوندي آهي، ۽ جڏهن اها به جدا ٿي، نه بلڪ، جدا ڪئي وڃي ته...!!





تاج علي شاهه جي وس ۾ صرف ڳلن تي ڳوڙهن سان گڏ دل ۾ دعائون ئي هيون ته: يا خدا! ڪڏهن به ڪنهن معصوم ٻار کان ماءُ جهڙي مقدس هستيءَ جو سايو جيئري جدا نه ڪر.

هو تنهن وقت جي پنهنجي دردن جي ترجماني ائين ٿو ڪري ته:

يا خدا! دلبر جدا، ڪنهن کان به ڪنهن جو ڪين ڪر،
پرتل هجن پيارا پرين، شهزور منهنجا شينهڙا!

هو ٻڌائي ٿو ته جيجل کان جدا ٿيندي صرف روڄ راڙو ئي ڪندو رهيس. هر وقت اکيون آليون ئي رهيون.

روئڻ راتو ڏينهن، صبر ساعت نه هڪڙي،
مٺان وسن مينهن، لائق لڪياري چوي!

درد جي بارش ۾ پچندي هن لکيو هو:

"ماءُ کان جدا ٿيڻ وقت مون ڏاڍو رنو ۽ ماءُ سان گڏ رهڻ لاءِ ڪوڪون ڪيم، پر چاچي هڪ به نه ٻُڌي، ۽ ٻَڌي ڪٽي مون کي ويهاريائين" ٿورو اڳتي لکي ٿو ته "منهنجو من ماءُ لاءِ روڏڻ مچايو وينو هو ان تي چاچي سنهڙن ڇهن سان مون کي مار ڏني، آخرڪار مون توبهه ڪئي ته وري نه روئندس، اگرچه دل ۾ ماءُ جو وڇوڙو ڳاريندو رهيو، ليڪن ٻاهر ٻڙڪ به نه ڪڍندو هئس.

سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري
(شاهه)

ائين هو چاچي جي مار/موچڙن کان پوءِ چڻ ته پنهنجو پاڻ سان واعدو ٿو ڪري ته هاڻ دانهن ناهي ڪرڻي...! ڇو ته بقول ڪنهن شاعر جي ته:

ڪلڻ تي ڪو به خوش ناهي، روئڻ تي آهه پابندي،

ڪيئن محبوب سان ملجي، ملڻ تي آهه پابندي!

ان موقعي تي سندس ڏات هيءَ شاهدي ڏئي ٿي ته:

لاهي سر لڪياري چئي، درگذر ڪر دانهن،
ادا ڪر نه آنهن، شل سر ڏني ڪا سوڀ ٿئي!

ائين سندس چاچي کي جو هڪ معصوم ڇورڙو ٻار هٿ اچي ويو، ته هن کي ته ڄڻ مفت جو نوڪر ملي ويو. مفت جي نوڪر لاءِ ته وري ڪم به گهٽا نڪريو اچن، ڪنهن اهڙي چاچي لاءِ ڪيڏو نه سچ چيو آهي ته:

”چاچو نه ٿئي پيءُ، توڙي گهوري مٿان جيءُ“

چو ته اهو جيءُ به ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ ئي گهوريندو آهي. پر تاج علي شاهه جي چاچي کان ته اهو ڏيکاءُ به ڪونه پڳو هن پنهنجي مرحوم ڀاءُ جي نشاني پنهنجي سڳي ڀائيٽي کي لاڏ ڪوڏ سان نپايو ته ڪونه، پر هن کي پڙهائڻ لاءِ به ڪونه سوچيو...! هن پنهنجي ڀائيٽي سان اهڙو رويو رکيو، جهڙو ڪنهن زماني ۾ اٿوپيا، زنجبار يا ٻين آفريڪي ملڪن مان ڪنيجي غلام ٿي منڊين ۾ وڪرو ٿي ايندڙ غلام شيدين سان ڪيو ويندو هو...! يا لوڪ ڪهاڻين ۾ نڳيون مائرون شهزادن سان ڪنديون هيون.

ائين هن جي چاچي به اهو ئي سوچيو ته هن مان جيڪو ڪم نڪري، اهو ڀلو هونهن به زماني جو دستور آهي ته ڪنهن کي به ڪنهن جو ڪم وڻندو آهي، چم نه، هن تي ننڍڙي هوندي ئي چاچي مينهون چارڻ جو بار رکيو ۽ هو اورڻ اوريندي لکي ٿو ته:

”مينهون چارڻ جو ڪم پنهنجي حوالي ٿيو چاچي مار جو ڊپ به ڏنو ته جيڪڏهن مال وڃائي آئين ته مال سان گڏ توکي وڃائي ڇڏيندو سانءِ“

حمل فقير جي لفظن ۾ ته:





ڪير ڪنهن جو فرياد سڻي ۽ ڪير ڪنهن جو داد ڪري!

۽ پوءِ هو ننڍڙو معصوم پاڻ کي ڄڻ ته قسمت جي حوالي ڪري ٿو ڇڏي ۽ اڪيلائيءَ ۾ آسمان طرف نهاري معصوم هٿڙا کڻي خدا سان مخاطب ٿئي ٿو ته:

آيس قيدالماءِ ۾، اٿم ڳالهه ڳري،
منهنجو بار پري، آ توتي ”تاج فقير“ چئي!

خدا ڪانسواءِ ٻيو ڪو نه ننڍڙي جو داد فرياد ٻڌڻ وارو، نه ساٿ ڏيڻ وارو، پوءِ هو رضا تي راضي رهي مينهون چارڻ کي لڳي ٿو وڃي.

مينهون مرشد لال جون، ڀليون ڀتاريون،
سيوهاڻيءَ جون سيد چئي، مڙئي موچاريون،
ڪنديون اچن ڳرُ ڪنيو، پوريون ڪي ڪاريون،
ڀاڻن سوڏيون ڀڙ ۾، وچون ويچاريون،
هن ڀلاري ڀاڻ تي، سيئي سونهاريون،
ڦريو وڃن پٽ ۾، آهڙ اوپاريون،
اچن اوڳاريون، ڀلاري جي ڀاڻ تي!

مال سان ٻيلن ۾ ڏنارڪي زندگي ڀوڳيندي ڀوڳيندي هن جي مشاهداتي حس کُلي پئي، هو مشاهدن کي پنهنجي من ۾ سمائيندو رهيو جن مشاهدن کي اڳتي هلي هن پنهنجي شاعريءَ ۾ ڀرپور بيان ڪيو آهي.

اڳتي هلي ڪڇي جي حوالي سان لکي ٿو ته:

ڪلمو چئي رس ڪنڌيءَ، ڇوليون لنگهي ڇر،
اچي رسج تون اتي، جتي ساوا سر،
ڇٽا، ڪٽڪ، مٽر، ڪيتي ڏس ڪريم جي!

ائين اتي هو فطرت جو ڪتاب (هيءَ ڪائنات سڄي فطرت جو ڪليل ڪتاب آهي) پڙهندو ٿي رهيو ۽ صاحب رب سبحان جي ثنا ڪندو ٿي رهيو.

(ٿ) ٿون ثنا صاحب جي، جوڳي ڪن ٿا جام،
ڪرامن ڪاتبين تعلمون ما تعلفون، اتي ڏسندا عام،
گوڏڙين جا گام، سمجهڻ ناهي سٿري!

هو پنهنجي ننڍپڻ ڪي بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”رات ڏينهن مينهن سان ناصري ٻيلي ۾ ته ڪڏهن مڏ ٻيلي ۾ مال چاريندو رهيس. شام جو گاهه پڻ ڪندو هوس. ان عرصي ۾ مال جي ڳولا ۾ راتين جون راتيون به ڪيترائي ڀيرا ٻيلي ۾ اڪيلي رهڻ جا اتفاق ٿيا. ٻارنهن سال پورا اهو جيل ڪاٽيم“

تنهن وقت هڪ/هن يتيم/معصوم ٻار کي آٿت ڏنو به ته دردن ۽ سورن ئي ڏنو. منهنجي خيال ۾ هو ئي پهريون شاعر آهي، جنهن سان سور اچي ساٿي ٿي هن سان ڳل ڳراٽڙي پائي رنا هئا ۽ هن کي اڪيلائيءَ جو احساس ئي نٿي ڏياريائون. ”تن سورن کي شاباس“ جن لاءِ لطيف سائين به چيو هو ته:

سورن اسان ساڻ، ننڍيئي نينهن ڪيو،

يا

سورن سانديياس، پورن پالي آهيان،
سکن جي سيد چئي، ڀُکي آئون نه پياس،
جيڪر آئون هياس، ڳُري گوندر ول جي!

۽ سائين تاج علي شاهه ٻڌائي ٿو ته تنهن وقت:

ڳل ڳراٽڙي پائي رنا، مون سان ڏکن جا ڏينهڙا،





ابر ڪري اڪيون وسيون، جهڙ جيان مون مينهڙا!

هو پنهنجي دردن جي اپٽار ڪندي ٻڌائي ٿو ته:

”هڪ ڀيري جيئن ئي مينهون ٻيلي ۾ ريڻ واهه واري چاري ۾ وينيون هيون، جن ۾ ٻين ڳوٺ وارن جون به مينهون هيون ته اوچتو هڪ ٽوپلي وارو صاحب ٻيلي جي جمعدار ۽ پٽيوالي سميت اتي اچي نڪتا، اچي پاسون پڇيائون. مون صدريءَ جي کيسي مان پاس ڪڍي جمعدار کي هٿ ۾ ڏني، جنهن ۾ منهنجو نالو بابا جو نالو چاچا جو نالو ۽ ڍورن جو تعداد مون کي ٻڌايو. مون وراڻيو ته ها ايتريون ئي آهن، هو ته مال ڳڻي پاسي واپس ڪري ويندا رهيا. آئون عبرت ۾ پئجي ويس. مال جو عدد، منهنجو بابي ۽ چاچي جو نالو هن پني ۾ آهي! مون کي سمجهه ۾ ڇو نٿو اچي؟

سڄو ڏينهن قرآن پڙهندڙ ماسيءَ کي اچي پاس ڏنم ته پڙهي ٻڌاءِ، جنهن چيو ته ابا! اهو ته آئون ڪونه ڄاڻان. رڳو قرآن شريف پڙهي ڄاڻان ٿي. بس اهو واقعو منهنجي پڙهڻ ۾ مددگار ٿيو. ليڪن چاچي کي پڙهڻ جي نالي ڪير ٻڌائي؟ آخر هڪ ڏينهن چاچي کي اها ڪُٽڪ پئجي وئي ته ويتر اچي ڪاوڙيو ته مال ڪير چاريندو؟ ڏاڏي سائينءَ البته سفارش ڪئي ته ڇڏ ته ويچارو پڙهي. ڪتاب مان ٿو وني ڏيانس، ليڪن ڏاڏي سائينءَ جي به نه ٻڌائين. ويتر وڙهڻ لاءِ تيار ٿي ويو.“

ان وقت هوءَ سوچي ٿو ته مائٽ ته صرف ماءُ پيءُ ئي هوندا آهن، باقي عزيز...؟

آهي آساني، ڪم پئي ٿي ڪل پوي!
(لطيف سائين)

اهڙن رشتن جي پرمن ڪي متيندڙ عزيزن لاءِ هن جو ننڍڙو دماغ ۽ معصوم دل سوچين ٿا تہ ڇا ڇئي ڇا ڇئون...!؟ تن جي روين جي تيرن ڪان زخمجي ڇا لکي ڇا لکجي...؟؟ هو سوچي ٿو تہ سچ ٿو لکان تہ ڳالهہ ڳري ٿي ٿئي، هن جي ذهن تي ان صورتحال تي اڳتي هلي ڪبير ڀڳت جو دوهو تري اچي ٿو تہ:

سچ بولون تو جگ روٺهي، جهوٺ بولون تو رام،
ڪبير بيچاره ڪهان جائي، دونو ڪٽن ڪام!

سچل سائينءَ وانگر:

ماٺ ڪيان تہ مشرڪ ٿيان، ڪچان تان ڪافر!

پوءِ هو عزيزن جي روين تي مشرڪانہ ماٺ نٿو ڪري، تنهن وقت کي ياد ڪري پنهنجي ڪلام ۾ هڪ جاءِ تي لکي ٿو تہ:

ظاهر ۾ عزيز ٿيا، باطن ۾ يزيد ٿيا،
خزاني ۾ خريد ٿيا، ڳالهہ ڪرڻ آ ٿي ڳري!

پنهنجي ساڍن پنجن صفحن جي ٻاروتڻ جي پيڙائن جي پچار ۾هو لکي ٿو:

”ڏاڏي مونکي دلاسو ڏنو تہ رات تيار ٿجان تہ توکي وٺي هلندس، سو اڌ رات جو ڏاڏي وٽ پهتس، پاڻ گهوڙي تي سوار ٿي ڪري مون کي ساڻ ڪري مولوي عبدالله ڪٻر وٽ ڪٻرن ۾ رات ئي رات جو اچي داخل ڪيائين“ سندس ڪلام مان هي سٽون شايد ان وقت جي عڪاسي ٿيون ڪن تہ:

لڇن لچائي ڪئي گهٽي، ڳالهہ ڪوڙن جي نابڻي،
موٺيا منهن بڇڙا ڪٽي، ڪين لڏائون در دري!

سائين لکي ٿو تہ:





”اهو ڳوٺ (ڪٻرن وارو) اسان جي ڳوٺ کان اٽڪل نَوَ ميل پري هو. مون کي اتي ڇڏي ڏاڏا سائين ڳوٺ روانو ٿيو. مون پڙهڻ شروع ڪيو، جتي سنڌيءَ ۾ قرآن جي پڙهائي ٿيندي هئي. آخرڪار مهيني ڪانپوءِ چاچي کي بہ خبر پئي. سو اتان اٺ تي چڙهي کهاڙي کٽي اچي خير سان مدرسي ۾ داخل ٿيو. منهنجا تہ ڏسڻ سان ڏوهہ ڏڪي ويا، حواس وڃائي ڇڏيم، مولوي صاحب جي مٿان اچي بيٺو ۽ منهنجي وٺڻ لاءِ اسرار ڪيائين، جنهن تي مولوي صاحب چيو تہ سائين ڇوڪري کي پنهنجو ڏاڏو ڇڏي ويو آهي، پڙهي پيو. اسان جو تہ ڪم ڪو نہ ٿو ڪري. چاچي چيو تہ اوهان هن جي ٻانهن منهنجي حوالي ڪريو. ٻاٻي ٻي شادي ڪئي آهي، اسين ٻئي ڀائر بہ گڏ هئاسون، تنهنڪري ڇوڪري ۾ سندس ڪجهہ نہ ويو. استاد چاچي جون ڳاڙهيون اکيون ڏسي ۽ کهاڙي ڏسي گهٻرائجي ويو. سوچڻ لڳو تہ شاهہ آهن ڏاڏا ماڻهو منهنجو ڇا ويو؟ سو منهنجي ٻانهن جهلي ڪاسائيءَ حوالي ڪيائين.“

انهيءَ عمر جو ٻار آخر ڪري تہ ڪري ڇا...؟؟ جو خدا ڪانسواءِ باقي دانهن جا سڀ در بہ بند هجن...! پوءِ پنهنجي منهن ننڍڙا هٿڙا کڻي انهيءَ داتا جي دوار ۾ دعا ٿو گهري تہ:

اي منهنجا رب پاڪ!
آئون هن ظلم سان جهيڙي بہ نٿو سگهان!
نہ ئي جهيڙڻ چاهيان ٿو!
منهنجا رب!
تنهنجي ٻاجهہ، ڪرم ۽ سخا جو ڪو حد، حساب ئي ڪونهي.

بس مون تي اها ٻاجهہ عطا فرماءِ جو منهنجي عزيزن (خاص ڪري چاچي) جي دل ۾ چڱائي پيدا ڪر، جو هو رت جي رشتي (پنهنجي

مرحوم پياءُ جي نشاني) کي سجاڻ جي سگهه رکي. انهيءَ کي پنهنجي مهر جي مٽ مان ڪو شرم جو شراب پيار...!

اڳتي هلي سندس دعا هن شعر جو روپ ورتو هو:

سائين! تنهنجي سخا جو حد نہ ڪو حساب،
پيار تون پنهنجن کي، شرم جو شراب،
اهڙو لاجواب، جو ”تاجو“ تون ئي تون هجين!

قدرت پاران ڪي ڪي پل دعائن جي قبوليت لاءِ مقرر هوندا آهن ۽ جڏهن هن دعا لاءِ پنهنجا معصومڙا هٿ ڪٽي ٻاجهاري در ٻاڏايو هوندو تہ پڪ ئي پڪ اهو دعائن جي قبوليت جو پل هو. اهو شايد ان دعا جو اثر هو جو هن دفعي هن کي چاچي مار ڪانہ ڏني. هو لکي ٿو تہ:

”هن پيري چاچي مار ڪانہ ڏني، پر پاڪر پائي روئي ڏنائين... بس وري بہ ساڳيو قيد شروع“

انهن واقعن کي ياد ڪندي وڏي هوندي پنهنجي پيارن جا احوال اوريندي هن جي ڪلا ڪنبي ۽ تخليقي تند تڙپي ٿي پئي، پوءِ هن لکيو هو:

راڄ رئارن هن اشاري، روئڻ وارا هاءِ هاءِ!
منهنجا پيارا، قرب وارا، هي نظارا هاءِ هاءِ!

پوءِ هن جي دل جي مقدس درگاهہ تي يقين جي ماڪ وسندي ٿي رهي، هن جو يقين پختو ٿيندو ٿي ويو تہ:

ختم ٿيندو هاڻي، ظلم جو زمانو
نڳي، لوڀ، لالچ جو اجڙو آستانو!

آيو سچ سچائي، پڳو لُچ لُچائي،
ويندو سڀ تي وائي، بُرن جو بهانو!





ائين صاحب فطرت هن جي چونڊ ڪري ورتي هئي ۽ هيءُ جنهن ننڍڙي هوندي ئي فطرت جو ڪتاب پڙهي پروڙي ورتو هو تنهن جي پلا هن جي چاچي کي ڪهڙي خبر...! تہ فطرت پنهنجا حسين جلوا ڏيکاري هن کان ڪيئن پئي ”صاحب جي ثنا ڪرائي...!؟“ تنهن ڪري هن کي ظاهري زماني جو علم پڙهي مالڪ جو رنگ پروڙي قلمبند ڪرڻو هو. اهو رڳو هن جو ئي نہ، پر قدرت واري جو فيصلو هو...! قدرت وارو پنهنجا فيصلا پاڻ ٿو ڄاڻي، ٻئي ڪنهن کي ڪهڙي خبر...!

هيءَ ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏو اچي
(لطيف سائين)

۽ اڳتي هلي هن جو قلم باقائده صاحب جو ثناگر بڻجي ويو:

(ث)ئون ثنا صاحب جي، جوڳي ڪن ٿا جام،
ڪرامن ڪاتبين يعلمون ما تفعلون، اتي ڏسندا عام،
گودڙين جي گام، سمجهڻ ناهي سٿري!

جنهن جي تانگهہ هن جو ويهڻ وِهُ ڪري ڇڏيو هو، بلڪل لطيف سائينءَ جي هنن سٽن جيان:

جن کي سڪ ساهڙ جي، سي گهيڙ نہ پڇن گهاٽ،
جن کي عشق جي اساٽ، سي واهڙ پائين وڪڙي!

۽ پوءِ نتيجن کان بي پرواهہ ٿي هن انهيءَ (علم جي) سڌي واٽ صراط مستقيم تي وک وڌائڻ جو پختو عزم ڪري ڇڏيو ۽ جيڪي دليون پختو ارادو ڪري اڳتي وڌڻ لاءِ سندرو ساهي نڪرنديون آهن، تن کي واٽ وندر جي وڻ پيا ڏسنيدا آهن. هو پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو تہ:

”هڪ هفتي بعد مال ٻيلي ۾ ڇڏي، صبح سان جهنگ منهن ڪري نڪتس، درياءَ جو ڪنارو وٺي ماڻهن کان لڪندو لڪندو، درياءَ جو پاڻي

پيئندو پيئندو، ڪاڏي ۾ ماڪي لاهي ڪائيندو، رات جو وٽن تي پيهي ٿاهي سمهندو هوس، آخر چئن ڏينهن بعد جمعي جي ڏينهن پچن جي پاڻن وٽ پهتس، چوڪرن جو هڪ ولر ڏٺم، جو ٻيلي مان ڪاٺيون پيو ڪري. ڳالهائڻ ٻولهائڻ بعد خبر پئي ته مدرسي جا شاگرد آهن. مدرسي لاءِ ڪاٺيون ٿا ڪن. دل ئي دل ۾ خوش به ٿيس ۽ انهن کي چيم ته مون کي به پڙهڻ جو شوق آهي، پوءِ ڪن چرچو ڪيو، ڪن سچ ئي ڄاتو، آخر چيائون ته ڪاٺيون ڪر، پوءِ پلي هل. مون سنيون سنيون ڪاٺيون ڪيون. مون وٽ ڪهاڙي هئي، مان ماڪي لاهڻ جو به چڱو تجربيڪار ٿي چڪو هئس- ان وقت وڻ ٿورا ۽ ماڪيون گهڻيون هيون، جو هڪ هڪ وڻ ۾ پنج پنج ڇهه ڇهه ماڪيون هيون. سيني چوڪرن کي ماڪي ڪارائي ڊوءُ ڪرايم. مولوي صاحب لاءِ به چار ماڪيون ڪٽي خير سان هالن پهتاسون. مون ماڪيون استاد اڳيان نذُر رکيون، سو ڏاڍو خوش ٿيو:

انهيءَ واقعي جو ذڪر سندس هنن سٽن مان پڌرو آهي.

آديسين الله جي، ضئادئون ضمانت،
ڪڏهن ڪيائون ڪانه ڪا، خطا ۽ خيانت،
پهچايائون پيغام کي، ساري سلامت،
آڻيو امانت، "حاضر ڏين هٿن ۾"

هو لکي ٿو ته:

"مون پنهنجو تعارف ڪرايو ۽ دردن جو داستان پڻ ٻڌايو، تنهن تي استاد صاحب فرمايو ته هت ڪٻرن وارو مولوي ڪونه آهي. شاهه صاحب آيو ته هوندو به جيل جي حوالي."

تنهن وقت ئي هي غريب سيد سمجهي ويو ته صحيح جڳهه تي پهچي ويو آهيان، جتي حق پرست، بيباڪ ۽ جرئتمند مولوي صاحب





آهي، جنهن جي ظالم جي ظلم تي اک ڪانه ٿي ٻڏي، پنهنجو پاڻ کي حق جي حوالي سمجهي ۽ چاچي جو ناراضپو ڪٽڻ واري پسمنظر ۾ مولوي صاحب جي هر ظلم سان مهاڏو اٽڪائڻ جي عزم ۽ هر ظالم جي هوڏ تي حاوي ٿيڻ جي حوالي سان سندس ڪلام مان هيءُ شاهدي ٿي ملي ته:

ٿيا حوالي حق جي، ٻيو نه ٻُڌائون،
ظالمن جي ظُلم تي، قبضو ڪيائون،
ناراضپو نيائون، راضي ٿيا رحمان سين!

تاج علي شاهه سائين پنهنجي زندگيءَ تي قلم ڪڻندي اڳتي لکي ٿو ته:

"ان دم استاد مون کي صاف سٿن ڪپڙن جو وهنجاري وڳو پارايو، جمعي جي ڏينهن مون تي ماڪين آڻڻ جو ڪم هوندو هو. استاد لاءِ ماڪي لاهي ٻيلن مان ڪٽي ايندو هوس. ٻارنهن مهينا هالن ۾ رهيس. مخدوم غلام محمد جن به مونکي خدا ڪارڻ گهڻو پائيندا هئا. ڪيمخواب جو هڪ ڪوٽ عطا ڪيائون، جو نهايت قيمتي هو."

ان وقت جي حاصل ٿيل خوشيءَ مان هن جي شاعريءَ جي شاهدي:

نور سان اڇي مليو، نور هي الله جو،
ذات لا پرواهه لاٿو، پردو لاپرواهه جو،
"واهه ويو ويتر وڌي، شان شافع شاهه جو"

هو ننڍي هوندي کان لاطمع فقير هو. ٻيو ته سواءِ ماڪيءَ ۽ دعائن جي استاد صاحب کي پيش ڪرڻ لاءِ هن وٽ باقي ڪجهه به ڪو نه هو، هو لکي ٿو ته:

"اهو ڪوٽ مون استاد صاحب کي تحفي طور ڏنو"

ائين علم بابت رسول ڪريم صلي الله عليه وآليه وسلم جن جون حديثون آهن ته:

”علم حاصل ڪريو، پينگهي کان قبر تائين“

”علم حاصل ڪريو توڙي ان لاءِ توهان کي چين (سين) ڇو نہ وڃڻو پوي“

انهن حديثن تي پورو لهڻ لاءِ جيڪي بہ دل و جان سان جستجو ڪن ٿا، تن جا نہ رڳو سارا پنڌ سجايا ٿيا پر اها علم جي تار ۾ تانگهہ جن کي بہ لڳي ٿي تن کي رچائي پچائي ”لال“ ڪري ٿي ڇڏي.

رچي جي ريتو ٿيا، ڪين اوٻاٽجن اوءِ،
ڪنپ نہ ڪاري تنهن کي، جو هالاري هوءِ،
توڙي ڏوبي ڏوءِ، تہ بہ لالي لهي نہ ان جي
(لطيف سائين)

هو لکي ٿو تہ:

”سال بعد ڳوٺ آيس تہ مون کي ڪنهن بہ ڪونہ سڃاتو، جو تمام سهڻو لباس پهريل هوم، شهري زندگيءَ منهنجو حليو ئي مٽائي ڇڏيو هو. سڌو ڏاڏا سائين جن جي گهر آيس، اها مال واري پاس سڄي ڏاڏا سائين کي پڙهي ٻڌايم، جا منهنجي علم پڙهڻ جو ڪارڻ بڻجي.“

علم جي زيور سان سينگارجي، مالامال بڻجي ڳوٺ موٽي اچڻ جي حوالي سان سندس شاعريءَ مان اها شاهدي ٿي ملي تہ:

پري پراهين پنڌ تي، سامي ٿيا سوار،
ڪل جڳ منجهان ڪاپڙي، ڪاهي ويا قطار،
”حاذق ٿيار هوشيار“، تهدل ”تاج علي“ چوي!

۽ اڳتي لکي ٿو تہ:

وڃين رسيو وصال کي، ”تاج“ علي تائين،
ان پراتاهين، جوڳي آيو جهان ۾!





علم پڙهي پورو ڪرڻ سان ئي اندر جون اکيون کُليو ٿيون وڃن، جن سان اهو ڪجهہ ڏسڻ ۾ ايندو آهي، جنهن جي جهان وارن کي ڪا خبر ئي ڪانہ هوندي آهي. هو علم جي ڪرامت جي حوالي سان پنهنجي ڪلام ۾ ٻڌائي ٿو تہ:

دل اندر دفتر کليو، ورق ورندا ٿا وڃن،
سپ ستون ساڄاهہ جون، پرت پڙهندا ٿا وڃن.

انهن دل جي دفترن جي دروازي کلڻ لاءِ (ڪنجين) چاٻين جو ڪردار بہ اهي ڏک ئي ٿيندا آهن، جن لاءِ لطيف سائين چيو هو تہ:

ڏکن ڏيکارياس، گوندر گس پرينءَ جو!

تاج علي شاهہ چوي ٿو تہ اُهي ڏک صبر سان جيءُ جيءُ ڪري ڪٽڻا آهن، تڏهن ئي منزل جو مارڳ نصيب ٿيندو، هو لکي ٿو تہ:

”تاج علي شاهہ“ توڙ کان، ڏاج ۾ ڏکڙا ماڻيا،
سي سيئي سر تي سهي، جيءُ جيءُ ڪري کڻ جيئڙا!

# بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان...!

## (ڪلام تاج علي شاھہ ۾ هر جاءِ هو آ هيڪڙو)

عظيم فلسفي گرو رجنيش ”اوشو“ چئي ٿو تہ: ”محبت هن دنيا جو اهڙو معجزو آهي، جنهن ۾ بهشت ۽ دوزخ جو ڪو وجو ئي ڪونهي، جنهن پيار ڪرڻ سکي ورتو، ان ڄڻ تہ سڀ ڪجھہ حاصل ڪري ورتو جنهن محبت کي وڃايو، زندگي خودبخود ان کان وڃائجي ويندي، جنهن محبت کي سڃاتو، ان ڄڻ تہ پريتم کي سڃاتو ڇو تہ محبت محبوب جي اندر ٿي هجي، محبت کانسواءِ زندگي بيڪار، بي مزي ۽ بي رونق هجي ٿي. محبت توهان جي اندر جون سڀئي موسمون تبديل ڪري ڇڏي ٿي ۽ انهيءَ جي تبديليءَ سان اوهانجو پورو وجود تبديل ٿي وڃي ٿو.“

هو انائن جي ور چڙهيل مادي ۽ مفادي دنيا کي اپيل ٿو ڪري تہ:

”مڪمل محبتون ڪريو، هڪ ڏينهن اهي عبادتن جو روپ اختيار ڪري وينديون تہ هر عاشق ۽ محبوبا خدا جي گس جو دروازو ٻڌجي ويندو.“

اهي محبتون جڏهن پنهنجا مختلف مرحلا طئہ ڪري مڪمل ٿينديون آهن تہ اهي ”عشق جي اعليٰ ذات“ چورائينديون آهن.

عشق ناهي راند، جيئن ڪيڏن ٻيرو!
(لطيف سائين)

سوال آهي تہ اهو ”عشق“ ڇا آهي؟ جنهن جي حصول جي منزل ماڻڻ لاءِ دنيا جو هر سمنڊ جيڏي دل رکندڙ ورهہَ جو ويراڳي، هر عارف





توڙي عشاق هر ديوانو توڙي درويش ان جي حاصلات جي مُلھہ ۾ پنهنجي سِرَ کي بہ انتهائي سستو سمجهي، ڪڏهن سوريون ۽ صليب سجائيندو رهيو آهي. تہ ڪڏهن گهاٽن ۾ پاڻ پيڙائي، ڪرتن ۾ پاڻ ڪٽرائي، نعرا هڻندي سرير ٻِيا ٻِيا ڪرائيندو رهيو آهي، تہ ڪڏهن ڪوفي جي مسجدن جهڙين مقدس جڳهين کان وٺي ڪربلا جهڙن ميدانن کي پنهنجي عشق جو ساکي بنائيندو رهيو آهي. ان عشق جي مختصر لفظن ۾ وضاحت ڪندي. هند ۽ سنڌ جو تمام وڏو سنڌي اديب موهن ڪلپنا چئي ٿو تہ ”عشق خدا هجي نہ هجي، عشق ڀڳوان هجي نہ هجي، عشق مذهب ۽ ڌرم هجي نہ هجي، مگر عشق ’ايڪتا جو احساس‘ آهي.“

اهو عشق هڪ اهڙي ڳجهارت آهي، جنهن جي ڳجهي پاتال تائين ڪو بہ پهچي نہ سگهيو آهي،

ڳالهہ پريان جي ڳُجھہ جي، ڳالهہ مڙوئي ڳجھہ

پوءِ بہ جنهن جيئن پئي محسوس ڪيو آهي، تنهن تيئن پئي ان جو اظهار ڪيو آهي.

اياز چيو تہ:

عشق عقاب پکي پرڏيهي، جهڙپ ڏئي ٿو جهٽي،
ڪير اُنهيءَ کان ڪٽي...؟؟

تہ اهو عشق جڏهن پنهنجي مجاز جا مڙئي مرحلا طئہ ڪري ”مڪملتا“ ٿو ماڻي تہ پٽائي چواڻي:

سو پرين سو پساھہ، سو ويري سو واهرو بنجي ٿو وڃي، جڏهن پرين خود ”پساھہ“ بڻجي ٿو وڃي تہ پوءِ تہ وار جي وٿي بہ ڪانہ ٿي رهي ۽ پوءِ تہ پرين پري آهي ئي ڪونہ...! لطيف سائين اجا بہ آسان ڪري ٿو سمجهائي تہ:

نائي نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو!

ائين پنجابي زبان جي ڪنهن شاعر بہ چيو آهي تہ:

اڻ نهين تو ڪٺ نهين، اهو ٻول پيا ٻليندا!

تہ ان ساڳي راهہ جو راهي آهي، پنهنجو هيءُ سائين تاج علي شاهہ لڪياري، جنهن جي پرهہ جو پيغام بہ اهو ساڳيو ئي آهي تہ:

”هر جاءِ، هر سو حق ئي حق“ (نامعلوم)

يا: ”تون ئي تون“

جيئن ڪيترين ئي ٻڪرين جون جنسون، رنگ، نسل، قد ڪاٺ، يا جاگرافيائي خطہ الڳ الڳ هجڻ جي باوجود بہ انهن جي کير جو رنگ سفيد ۽ ذائقو ساڳيو ئي هوندو آهي، ايئن عشق جي آهہ (اصل ۾ عشق جي آهہ عشق جي باهہ ئي هوندي آهي) جو رنگ، احساس توڙي پيغام بہ ساڳيو ئي رهندو آهي، پر مختلف وقتن تي انهيءَ آهہ وارن سُرن جي صدائن جا ٻوليندڙ پيا هوندا آهن. هر لاٽ جي پويان درد ساڳيو هوندو آهي، پر لاٽين جا لمحا ۽ لهجا مختلف پئي رهيا آهن. انهن لمحن جي لاٽين کي سائين تاج علي شاهہ ڪيئن محسوس ڪيو آهي...! اچو تہ ڏسون:

اوري اوريم الله سان، پرين ناهي پري،
ڏوتم ڏيان ڏري، ”تاج“ مون تڏهن مليو!

اهو ”تاج“ هتي ذو معنيٰ/ٻتي معنيٰ ۾ استعمال ٿيل آهي. هڪ تخليقڪار جو ”تخلق“ تہ ٻيو ”تاج“ اهو اعليٰ انعام آهي، جيڪو هر ڪنهن جي ڀاڳ جي ڀاڱي ۾ بہ ڪونہ ٿو اچي. لڪياري لال چئي ٿو تہ اهو ”تاج“ انهن کي تڏهن ئي انعام ٿو ملي، جڏهن اهي پنهنجي من جي ٻن ۾ ويٺل ”وحسي حيوان“ کي ماري مچ ڪري ٿا ڇڏين. تڏهن ئي تہ اهو حق جو حصول حاصل ڪري وٺن ٿا:

آديسين الله آ، (ز) ئون بس زبان،
ڦالو ٻليٰ قلب ۾، ڏر ڪنيائون ڏيان،





ماري پنهنجي من جو هتايائون حيوان،
جوڳين هيءُ جبار تان، ڪالهہ ڪيو قربان،
آديسين ايمان، حاصل ڪيو حق جو!

سيد تاج علي شاهہ ٻڌائي ٿو تہ اهو ”حق جو ايمان“ حاصل ڪرڻ اوکو ڪم تہ آهي ئي ڪونہ...! بقول پٺائي صاحب جي تہ:

سسئيءَ ڇڏيو سانگ، تہ ڇپر مڙئي ڇاڙڪي!

تاج علي شاهہ فرمائي ٿو تہ ان لاءِ بس هڪ ئي لازمي شرط آهي، اهو شرط آهي تہ ماٺهو پنهنجي من جي ڪعبي جي غلاف/ڪپڙي کي ميرو ٿيڻ نہ ڏئي.

(ت)ئون تارڪ ٿيا، سامي سويرا،
هلي وڃي هنگلاج ۾، پاتائون پيرا،
مٿائي ميرا، اڇا اوڍي آئيا!

اها ساڳي ڳالهہ لطيف سائين بہ هن سٽ ۾ سمجهائي آهي تہ:

تڏهن ڏٺي تن، اڇائي عالم جي،

۽ لطيف سائين ائين بہ چوي ٿو تہ:

هلو هلو ڪاڪ ترين، جتي گهڙجي نينهن،
نڪا رات، نڪا ڏينهن، سپ ڪا پسي پرينءَ کي!

هيءُ عشق جو اهو ”تڙ“ آهي، جنهن جي نشاندهي اسان کي حجتہ الوداع جي موقعي تي بہ ملي ٿي تہ ”ڪنهن گوري کي ڪاري تي، ۽ عربيءَ کي عجميءَ تي ڪائي فوقيت ناهي.“

لطيف سائين ان ”تڙ“ جا پار پتا ڏيندي چوي ٿو تہ:

آيو ڪاڪ تڙاءُ، ڪنوارين ڪڪوريو!

۽ اندر جي اڇائيءَ سان انهيءَ تڙ تي جيڪو بہ آيو سو اگهيو من جا مطلب بہ انهيءَ لاءِ انعام ٿيندا ۽ من جا مطلب انهيءَ لاءِ انعام ٿيندا، جن تي

حق جي هدايت جو هٿ ڦيريل هوندو جن تي حق جي هدايت جو هٿ ڦيريل هوندو آهي، انهن لاءِ ئي انهيءَ تڙ تان نينهن جا نياپا ايندا آهن.

راڻي وٿان رات، نئون نياپو آئيو!
(لطيف سائين)

تہ هت رنگ، نسل، اوچ، نيچ، ذات، پات، يا دين ڌرم جو ڪوئي شرط يا فرق آهي ئي ڪونہ:

ڪانہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگھيا!
(لطيف سائين)

۽ تاج علي شاھہ چوي ٿو تہ:
تڙ لڳ تاج فقير جي، ڪھي اچن ڪير...؟
ٻڌائي ٿو تہ: ڪير بہ اچن، ذات پات جو ڪو سنڌو سيڙهو آهي ئي ڪونہ:

تڙ لڳ تاج فقير جي، ڪھي اچن ڪير،
هٿ هدايت ڦير، اڱڻ تي جي آئيا!

يا:

تڙ تي تاج فقير جي، اڱڻ آيا جي،
سالم ٿيندا سي، مطلب مليا ان ڪي!

ڪنهن صوفي شاعر چيو آهي تہ:
عشق جنين سر آئيو، سي نينهن ڪيا نانگا!
جيڪي هن مادي دنيا جي لوڀ ۽ لالچ کان لاڳاپا ٽوڙي، نينهن ۾ نانگا بڻجي ٿا وڃن، تن کي نہ دوزخ جي سختين جو ڊپ، نہ ئي جنت جي حسين حورن ۽ سهڻن غلمانن جي گهرج يا لالچ. جيڪي لالچ جي لوڀي لهرن کي لنگهي ڪيئي طوفان تري ٿا وڃن، تن کي پوءِ ڪنهن بہ گناھہ جي غرض نٿي رهي.





لٿا تن تان لڪياري چئي، حرف ڏوھہ حساب،
سي سڀ رسيا ثواب، تن کي ڪھڙي غرض گناھہ جي!

تن کي گناھہ جي غرض پلا هجي بہ ڇو...؟ جيڪي خود جنت جا جوڙڻھار آهن. جيڪي ڊرتيءَ کي دوزخ بڻائڻ جا نہ رڳو مخالف آهن، پر پر ان راھہ جي مزاحمتي ڪردار بہ آهن. جن کي مذهبي منهندارن پاران ٻڌايل بهشت جي ڪائي درڪار ناهي رهندي، جن جي فڪر جا تجلا تہ ڏوران پيا ڏسبا آهن.

تن ڪھڙي بک بهشت جي؟ جنت جوڙي جن،
جي پاڻ مارن موت کي، سي موران ڪيرن مرن،
ماريندا ميدان ۾، مٺا ڪيئن جيئرن؟
ذالڪم تعلقون کي، سياڻا ڪي سمجھن،
”تاج“ عليءَ جا تجلا، ڏوران پيا ڏسجن،
لڪياري لهن، سڀ ڪنهن سار سيد چئي!

اڳتي فرمائي ٿو تہ:

جتي عشق وارن احرام ٻڌو
اتي ڪفر نڪو اسلام لڌو

وڃي برھہ ٻارائي باھہ جتي،
لڳي عشق وارن کي تانگھہ تتي،
اهي سورهيہ چڙهيا سانگ اتي،
اها ٻاجھہ ڏسي تن ٻول ٻُڌو!

ٿيو برھہ جنين سان آ پيڙو
ڇڏيو دين ڪفر جو تن جهيڙو
چڙهي مٿي ڏٺائون جو ميڙو

لاهي خوف خطر سڀ خيال ڪندو!

ڏس "تاج" علي شاهه جو تجلو
اهو درياءُ وهي ڇيو ٿو دجلو
ٿيو ڪارو ڪڪر آهي ڪجلو
لهي من تان سڀ مير مدو!

من تان "ميرو مدو" لهڻ ڪانپوءِ ئي دلبر جي دربار مان انعامن جي نوازش جي بارش وڏ ڦڙو ٿي وسندي آهي.

وسي ٿو وڏ ڦڙو ٺهڪن ٿيون ٺاريون!
(لطيف سائين)

اهو ئي فطرت پاران عاشق لاءِ انعام هوندو آهي. اهڙو انعام هر ڪنهن جي حصي ۾ به ڪونه ٿو اچي. اها ڀاڳ جي بازي ڪنهن جي ڪنهن جي نصيب ۾ لکيل هوندي آهي. اهڙي نينهن جي نگاهه ڪنهن ڪنهن تي ئي پوندي آهي ۽ تاج علي شاهه تي انهيءَ مهر جو مينهن گجگوڙيون ڪري وسيو آهي ۽ هو انهيءَ نينهن جي مينهن ۾ پچندي نچندي نعرا هڻندي ٻڌائي ٿو ته:

عشق مليو سون انعام،
دلبر جي دربار مان!
عشق جون لهرون عاشق جي ڇاٽن،
مامَ مجازي مرد ٿا ماٽن،
دل ۾ پيل ٿن دام،
دلبر جي دربار مان!
روز ازل کان ٻول ٻڌوسون،
قالو بليٰ وارو قول ڪيوسون،





نينهن پڙهايو نام،
دلبر جي دربار مان!
"تاج" عليءَ جي جهوليءَ جهڪيو،
پائي پرين ٿو ليئڙا لڪيو،
گولن جو هي غلام،
دلبر جي دربار مان!

آئون وري به عرض ڪندس ته جڏهن دل جو دلبر ۽ پيارو پرين جنهن جا پار پتا سائين تاج علي شاهه ائين ٿو ڏئي ته:

دلبر دين ايمان، ورق ورق قرآن،
سهڻل تان صدقي وڃان!

جنهن کي لطيف سائين،
سو هي سو هو "سو اجل سو الله"

ٿو چئي، جنهن کي تاج علي شاهه "دين ايمان" ۽ "ورق قرآن" ٿو چوي ته انهيءَ مهل ان "پرين" مان ۾ "رام" ۽ "رحيم" جا فرق مٽجي ختم ٿي ٿا وڃن ۽ "الله" ۽ "ايشور" هڪ ٿي وڃي ٿو ته سڀ ڪجهه "هي ۽ هو" مان "هو ئي هو" ٿي ٿو وڃي ته ٻوليندڙ اندر مان اهي الاتيون ٿو لنوي، جيڪي اناالحق جي اسرارن کي عيان ڪريو ڇڏين ته:

نانڪ لڇمڻ ڪانهه آهيان، بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان،
گنگا، جمنا، ساڌو سيري، مڪا، مدينه منزل ميري،

ڪعبو مان قرآن آهيان، بيشڪ مان ڀڳوان آهيان،
ملان بن ڪي سبق سٽايم، ٻانيڻ بن ڪي تلڪ لڳايم،

آپي خوش ارمان آهيان، بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان،
ڪرشن بن ڪي گنيان چاريم، رام سيتا بن وڇه پايم،

ساري عمر سيدان آهيان،     بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان،
بيرنگ بيحد برهه بڻايم،     ڪربل دي وچ آپ ڪهايم،

سڀ ڪنهن هنڌ سجان آهيان،     بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان،
"تاج" علي وچ ديرا لايم،     آپي احد احمد سڏايم،

عشق ڪيو انسان آهيان،     بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان!

انهيءَ عشق جي ڪيمياگريءَ سان رچي پچي راس ٿي "انسان" بڻيل داتا جي دوار اچي اسان ۾ توهان سيني جي من جا مطلب يقينن پورا ٿيندا ۽ اميد ته اسان ۾ توهان جو اچڻ "بيشڪ! مان ڀڳوان آهيان" جا نعرا هڻي نينهن نڀائيندڙ اناالحق جي راهه جي رنگ رتول ڪاپڙي ۽ سرمست صوفي لا ڪوفيءَ جو در قبول پوندو- آمين.





## تن سامين مارڳ ماڻيو

### (ڪلام تاج علي شاهه ۾ سِرَ جون صدائون سُرَ ۾)

مولاءِ ڪائنات مولا علي سائين جن فرمايو آهي ته "سنڌ اها ڌرتي آهي، جتان علم جو سج اُڀري ٿو" علم روشني، ڄاڻ ۽ آگاهي جو نانءُ آهي. اهاڻ ڄاڻ ٻڌائي ٿي ته : سنڌ جو تصوف دنيا جي خاص ڪري ايران، عراق، ترڪي توڙي هند جي تصوف کان بنهه مختلف پئي رهيو آهي. هتان جي تصوف ۾ عشق جي "اعليٰ اسرارن" سان گڏ ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن جا ڏک، درد توڙي ڏانهون به شامل پئي رهيون آهن. صوفي شاهه عنايت شهيد جو مثال "جو کيڙي سو کائي" دنيا جي سڀ کان وڏي سچ، سرت ۽ ساڃاهه جي نينهن جو نعرو آهي ته محنت جي عظمت جي اسرارن سان ڀريل انهيءَ پرهه جي پيغام ۾ محبت جي مڌ جا خمار به آهن ته نينهن جي نغمن جي سُرور جون صدائون به آهن. اهو ڄڻ ته فطرت طرفان اسان سنڌ واسين لاءِ عظيم انعام آهي. ڇو ته بقول شيخ اياز جي ته: "اسان انهن شاعرن جا وارث آهيون، جن انسانذات کي هڪ لازوال پيغام ڏنو آهي. اصل ۾ انسانيت جو پيغام، سپردگي ۽ سرفروشيءَ جو پيغام، مذهبي تفرقي بازي ۽ تعصب کان پرهيز جو پيغام، حب الوطني ۽ بين الاقوامي رواداريءَ جو پيغام، اسان ڀٽائي ۽ درازيءَ جي روايت جا وارث آهيون... هيءُ ڌرتي، جنهن ۾ اسان جي جڙ آهي، هي ڌرتي اسان جي ماءُ آهي. هيءَ ڌرتي جنهن مان سوين فن ۽ ادب جا رنگين گل اسريا آهن، انهيءَ ڌرتيءَ جي فقط انهيءَ ڌرتيءَ جي روايت اسان جي ثقافت جو حصو

آهي. انهيءَ روايت جي حفاظت ئي اسان جي تخليقي ادب کي پنهنجي لازوال انفراديت ڏئي سگهي ٿي.“[1]

ائين پٽائي ۾ درازيءَ سائين کانپوءِ ڪلاسيڪل شاعرن جهڙوڪ نانڪ يوسف, بيدل سائين, بيڪس, رکيل شاهه, چيزل شاهه, روحل فقير, مراد فقير, غمدل سائين, حمل فقير, دلپت صوفي, سامي, مننار فقير, مصري شاهه, ولي محمد فقير لغاري ۽ خوش خير محمد جهڙن شاعرن جي انهيءَ روايت کي قائم رکندڙن جي مالها جو ”مٽيو“ تاج علي شاهه لڪياري بودلائي به آهي, پر ڇا تاج علي شاهه انهيءَ مالها جو جرڪندڙ ”آخري موتي“ مڃجي...!؟

چو ته هاڻ اهڙي ڌڙڪندڙ دل رکندڙ شاعرن تي:

- فنا في الحق
- فنا في الڪائنات
- فنا في الانسان
- فنا في العشق
- فنا في السونهن
- فنا في السنڌ

جي تصوفي ترانن جو نزول بند نه ٿيو آهي ته به جهڪو ضرور ٿي ويو آهي.

لطيف سائين کان وٺي تاج علي شاهه تائين عاشقن جون درگاهون اهي عشق جا آستانه ۽ محبت جا مئخانه آهن جتان هر وقت محبت جو فڪر ماڪ ٻڻجي وسندو رهي ٿو.

[1] (03 سيپٽمبر 1966ع جي ڏينهن بزمِ صوفياءِ سنڌ جي ٽين سنڌ ثقافتي ڪانفرنس ميرپور ٻٺوري ۾ شيخ اياز جي ڪيل صدارتي تقرير مان ٽڪرو)





پيئي جا پرڀات, سا ماڪَ مَ پانيو ماڻهئا!
روئي رڙهي رات, ڏسي ڏکوئين کي!
(مخدوم سرور نوح)

اها حقيقت آهي ته اهڙي حيرتن جي حد تائين حسناڪ ماحول ماڻهن/خلقِ_ خدا کي هر وقت پاڻ ڏانهن پئي متوجه ڪيو آهي.

لطيف سائين چيو ته:

ايندي چون آءُ جي, ويندي چون ويهه,
ڇڏي سارو ڏيهه, اڱڻ وڃجي انهن جي!

ته سائين تاج علي شاهه پنهنجي سڪ ۾ کهي ايندڙن کي انهن لفظن سان ٿو يقين ڏهاني ڪرائي ته:

تڙ لڳ تاج فقير جي, اڱڻ آئيا جي,
سالم ٿيندا سڀي, مطلب مليا تن کي,

هي درگاهون, هي امن جا آستانه, جتي توهان هڪ دفعو اچي انهن جي فڪر کي هيئين سان هنڊائي ته ڏسو! توهان جي دلين تان ڪوڙ, ڪلفت ۽ نفرتن جا سارا زنگ لهي ويندا ۽ توهان جون دليون ڌوپجي صاف ٿي ونديون.

لاهي ٿو لطيف چئي, مٿان قلب ڪس,
جتي محبت رهندي آهي, اتان نفرت نڪري ڀڄي ويندي آهي.

لطيف سائينءَ چيو هو ته:

ٻن ترارن جاءِ, ڪانهي هڪ مياڻ ۾!

ته تاج علي شاهه فرمايو ته:

جاين کهڙي تو چوان, جيءَ اندر جا جاءِ,
تاج علي شاهه ساءِ, اول آخر عشق آ!

عشق ۽ محبت هن ڌرتيءَ جو دين آهي. محبت جا مينهن وسائي دلين تان دردن ۽ دوئيءَ جي دز ۽ ڌوڙ کي صاف ڪرڻ هنن فقيرن جو فڪر پئي رهيو آهي. ان فڪر جي شعوري شروعات به لطيف سائين جن ئي ڪئي هئي. ائين تاج علي شاهه صاحب به ڄڻ ته وحدت واري وات وٺيو لطيف سائين جن جي پٺيان پٺيان پيو اچي.

لطيف سائين چيو:

الست بربڪم، جڏهن ڪَن پيو مِ،
قالو بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيو مِ،
تنهن وير ڪيو مِ، وچن ويڙهيچن سين.

ته تاج علي شاهه چيو ته:

الست بربڪم ارشاد ٿيو پرورَ تو پاران،
قالو بليٰ قلب چيو "تاج علي" تنهن واران،
دلبر تون ڌاران، ڪڇيو پڇيو ڪنهن پئي...!

وري لطيف سائين فرمايو ته:

نڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪڇين ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.

ته لڪياري لال چيو:

اوري اوريم الله سان، پرين ناهه پري،
ڏوتم ڏيان ڏري، "تاج" مون تڏهن مليو.

ائين وِرهه جي واڇوڙي ۾ جڏهن خوف خطرن جا خيال اڏامي ڪک پن ٿي ٿا وڃن ۽ وِهمَ وهاڻيل واٽون به بي معنيٰ بڻجيو ٿيون وڃن ته پوءِ پرين خود پساهه بڻجي ٿو پوي ته ڪيچن جي ڪاڻ ئي ڪانه ٿي رهي، ۽ پوءِ...!؟





عشق جي راهه جي مسافر کي اهڙي "عيد" ٿي نصيب ٿئي، جنهن جو واعدو خدا پنهنجي نيڪ بندن سان ڪيو آهي. تاج علي شاهه ٻڌائي ٿو ته:

اڳي جا اسلام ڪان، اها ڪيائون عيد،
لنگهي سي لاخوف ويا، مٿانهان مريد،
دارون جن جو ديد، تن سامين مارڳ ماڻيو!

اهو "ماڳ" ئي اهو "انعام" آهي، جيڪو وِرهَه جي واٽن جا مسافر عشق جي اڳواٽيءَ ۾ ماڻيندا آهن. اها اهڙي "عيد" آهي، جيڪا حق، انصاف، عشق ۽ آزاديءَ جي عوام دشمن حاڪمن کي ڪنهن به صورت ۾ پلئه ناهي پوڻي. اهي پلي پنهنجي مڪروه سازشن ۽ اوندهه جي طوفانن سان گڏ 360 فتويٰ فروش عالمن جي لوڏ ڪان من پسند فتوائون پيا ڏيارين. اهي فتويٰ فروش جن جا پار پتا لطيف سائين ان طرح ڏنا آهن ته:

جن سناسين سانييو گندي گِراهه،
انهن ڪان الله، اجا آڳاهون ٿيو!

۽ تاج علي شاهه ٻڌايو ته:

اوڏ آهه الله، تون پاڻ ٿو پري ٿئين،
ڪايو پوڙ پلاءُ، سڏو ٿيو سمهيو رهين!

تاريخ عجو اهو طئه شده اصول آهي ته حڪمراني حرص تي لالچ جي انڌ وتل نقلي عالمن ۽ بيضمير فتويٰ فروش ٽولن تي اتهاس جي دانگي ضرور ملجڻي آهي. تڏهن ته لطيف سائين به هر دور جي "يزيد" کي تنبيهه ڪندي خبردار ڪيو هو ته:

سا نه پسندين عيد، جا هوندي مير حسين سان!

”هر دور جي يزيدي اوندهہ راڄ“ ۾ تاج علي شاهہ جو فڪر جيڪو هڪ ڏيئي جئن سهائي پکيڙي اونداهين سان اٽڪڻ جو ساس ڏاريو بيٺو آهي، جيڪو سنڌ جو فڪري پيغام بہ آهي.

تهدل ”تاج عليءَ“ جو، توڙئون توڙ ٿيو،
ڏٺو جن ڏيو، آئون جاڳان انهيءَ جوت کي!

انهيءَ جوت ۾ جاڳندڙ هي درويش ٻڌائي ٿو تہ جيڪڏهن انصاف، عشق ۽ انسانيت جو مارڳ ماڻڻو آهي تہ پوءِ سدا نينهن جو نگهبان ٿيڻو پوندو ۽ جڏهن نينهن جو نگهبان ٿيڻو آهي تہ ان لاءِ بس هڪڙو ئي شرط آهي، جيڪو لطيف سائين ٻڌايو تہ:

سِرُ مڱي سِر گهري، سِر ديءُ ٿئي نہ صلاح!

۽ خليفي صاحب نبي بخش ”قاسم“ ٻڌايو تہ:

سوپون سِرَ گُهرن، سر ريءَ سوپ نہ سپجي!

تہ تاج علي شاهہ وڌيڪ وضاحت ڪندي آخري ڳالهہ ڪئي تہ:

جي نانءُ ڳنهين ٿو نينهن جو، تہ ٻوڙن وجهہ مَ ٻانهن،
ادا ڪر نہ آنهن، ”شل سر ڏني ڪا سوپ ٿئي“

اها سوپ انهن کي ان وقت حاصل ٿيندي آهي، جنهن مهل جيڪي ڪلهن ڪان ڪنڌ ڪورائي، ميدان ملهائي، پرين پسڻ جو مارڳ ماڻيندا آهن. اها سوپ ڪربلا جي ميدان ۾ حضرت امام حسين عليہ السلام جن حاصل ڪئي ۽ جهوڪ (سنڌ) ۾ صوفي شاهہ عنايت شهيد جي حصي جي حاصلات ٻڻي هئي جو ٻنهي عظيم شخصيتن جا سر مبارڪ نيزي تي چڙهي بہ قرآن پاڪ پڙهندا ٿي رهيا.

دارون جن جو ديد، تن سامين مارڳ ماڻيو!





## تڙوٽ تاج فقير جي...!

### (ڪلام تاج علي شاهہ ۽ سندس فقيراڻو فيض)

سنڌو درياءَ جو سفر ڪندڙ لنڊن جي ليکڪ محترمہ ايلائيس البينيا پنهنجي ڪتاب Empires of the Indus ”سنڌوءَ جون سلطنتون“ ۾ ڳڻتي ظاهر ڪندي لکي ٿي: ”سوچيان ٿي تہ مون کي اهي قديم سنسڪرت جا اشلوڪ ياد اچن ٿا، جيڪي پوڄارين جي زبان تي هوندا هئا، اهڙا ئي گيت يوناني سپاهين ۽ صوفي درويشن جي زبان تي بہ رهيا هئا. صدين جو سفر ڪندي اهي لفظ اڄ جڏهن اسان تائين پهچن ٿا تہ احساس ٿا ڏيارين تہ سڀ ڪجهہ ختم ٿي رهيو آهي.“ ۽ ”اهو سڀ ڪجهہ جيڪو ختم ٿي رهيو آهي.“ جنهن لاءِ ليکڪ ڳڻتي ظاهر ڪئي هئي، ان جي جاءِ تي هن وقت ”نئون نئون گهڻو ڪجهہ شروع ٿي ويو آهي.“ اهو نہ رڳو هن خطي، پر انسانذات جي حق ۾ انتهائي ڳڻتي جوڳو آهي. ان ڳڻتيءَ جهڙي صورتحال ۾ اڄ سائين تاج علي شاهہ جي شاعريءَ تي قلم کڻي آسپاس جي صورتحال تي نظر ٿي وجهجي تہ صورتحال صفا مختلف ٿي لڳي، ۽ خبر ٿي پئي تہ سونهن، سڳنڌ، امن ۽ انسانيت جي ازلي ويريءَ انتهاپسنديءَ ۽ بنياد پرستانہ دهشتگرديءَ جو ديو تہ ڇا بلڪ راڪاس برڙباڪاس هن خطي جي نڙگهٽ تي پنهنجا خوني چنبا کوڙي اچي ويهي رهيو آهي. بين الاقوامي بدمعاشن جي لٽ سردار جو حرامي هٿ هر وقت کيس آشيرواد ڏئي رهيو آهي تہ ”شاباس ٻچا، مڇي

مواڙ ٿي...!“ چوتنهنجي ڪڏن ڪرتوتن سان ئي دنيا جي اقتصادي وسيلن تي قابض ٿيڻ جو مون کي قانوني جواز مهيا ٿي ملندو.

نتيجي ۾ جنهن خطي کي ”پاڪ-آستان“ ٿو ڪوٺجي، ان جي انچ انچ سرزمين تي بيگناهہ انساني رت ائين ڪري رهيو آهي، جيئن غريب جي ڪکن ڪانن سان ٺهيل ڪچي جهوپڙيءَ جي وٿين منجهان تيز طوفاني بارش جو پاڻي ڪڙ ڪڙ ڪري ڪرندو آهي.

ڪابل ۽ قنڌار جي اپ سان احوال اوريندڙ پهاڙي چوٽين کي خطرناڪ ۽ زهريلن بمن ۽ ميزائلن جي برسات سان تحس نحس ڪرائڻ کانپوءِ سوات ۽ ان جهڙين ٻين سونهن ڀرين وادين جي حسن کي اجاڙ ڪري، اتي بارودي بوءِ پکيڙي، قدرتي شاهڪارن کي رت جو ريج ڏئي، اهو خوني ديو ڏسندي ڏسندي هن پوري خطي ۾ قيامتون برپا ڪري رهيو آهي. چرچ، ڪليسائون، مسجدون، مندر، امام بارگاهون، اسڪول، جلسا، جلوس، روڊ، رستا، شهر ۽ چونڪ ملياميٽ ڪري ماڻهن جي منهن تان مرڪون روڙي، هاڻ امن جي سفيرن صوفي سڳورن جي مزارن کي نشانو بڻايو پيو وڃي. خودڪش حملن کي جهاد عظيم جو درجو ڏنو پيو وڃي.

افسوس! اڄ امام بري ۽ داتا دربار کان وٺي عبدالله شاهہ غازي، لاهوت لامڪان واري شاهہ نوراني ۽ قلندر شهباز تائين درويشن جي مرقدن تي چڙهيل ريشمي پڙن جي پاندن مان بہ ٽيپو ٽيپو ٿي رت ٽمي رهيو آهي. مزارن جا اڱڻ معصوم ماڻهن جي رت سان ريٽا آهن. درگاهن تي اڪريل الله تعاليٰ جا پاڪ نالا ۽ قرآن پاڪ جون آيتون انساني رت جي ڇنڊن ۽ مارجي ويل ماڻهن جي لاشن جي ٽڪرن جي نشانن سان پنهنجون معنائون ۽ مقصد مٽائي رهيون آهن.

رحمان بابا ۽ خوشحال خان خٽڪ جي پيغام کي پٺي ڏيندڙ جنگجو قبائلين جي باريشن نام نهاد جهادين جيڪو خودڪش حملن جو





خوني کيل شروع ڪيو آهي، ان ۾ باقاعدگيءَ سان هاڻ بلهي شاهہ ۽ خواجہ فريد سائين جي ديس جي درنده صفت دلالن بہ وڏي چڙهي حصو وٺڻ شروع ڪيو آهي. نندين صوبن جي اقتصادي وسيلن تي ڏينهن ڏٺي جو ڌاڙا هڻندڙ هنن جي دماغن ۾ هاڻ باقاعده بنياد پرستانہ دهشتگرديءَ جي فالج جا دورا بہ پوڻ شروع ٿي ويا آهن. اڄ ”پنجابي طالبان“ جي حوالي سان بحث ڇڙي رهيا آهن. ڌرتي ماءُ کي پنهنجن ئي ٻچن جي رت سان وهنجارڻ کان لاتعلق رهي آهي تہ بس پٽ ڏٽي ۾ سچل سائين جي قوم ئي وڃي رهي آهي. قيامتن تي قيامتون برپا ڪندڙ خودڪش حملن ۾ اڄ تائين ڪنهن بہ سنڌيءَ پاڻ کي اڏايو ناهي. اهو آهي سنڌي صوفي بزرگن جي پيغام محبت جو نتيجو.

آمريڪي ليکڪ اؤميل جي ڪتاب Dancing Shadow جو سنڌي ۾ ”سنڌو تهذيب ۽ سنڌو ڌرم جا يورپ ۾ قديم آثار“ جي نالي سان ترجمعو ڪندڙ محترم عطا محمد ڀنڀرو صاحب ان ڪتاب ۾ پنهنجي پاران 11 نمبر صفحي تي لکي ٿو تہ ”سڄي دنيا هن سمي دهشتگردي ۽ بنياد پرستيءَ جي واڳون جي وات ۾ آهي.“ اهڙي وايو منڊل ۾ آمريڪا جي هن ليکڪ ان هيسايل ۽ هچايل دنيا کي مشورو ڏنو آهي تہ ”جيڪڏهن توهان کي امن کپي تہ پوءِ توهان کي سنڌ جي اصولن جي دروازي ڏانهن ڏسڻو پوندو“ صفحي 12 تي اڳتي هلي لکي ٿو تہ ”ڪتاب جي آخري باب ۾ مصنف دنيا ۽ انسانذات کي مشورو ٿي ڏئي تہ اوهان کي سنڌ جا اصول اختيار ڪرڻا پوندا.“

آمريڪي ليکڪ پنهنجي ڪتاب ۾ نتيجو ٿي ڪڍي تہ دنيا جي مڙني قومن جي امامت سنڌي قوم کي ئي ڪرڻي آهي. امن ۽ ترقيءَ لاءِ دنيا کي سنڌ جا اصول اپنائڻا پوندا.

جڏهن تہ ٻئي نامياري آمريڪي ليڪڪ جان ڪوليئر جيڪو 1919ع کان 1933ع تائين سنڌين جي حقن جو وڪيل بہ رهيو. بعد ۾ 1933ع کان 1945ع تائين سنڌين جي معاملي جو ڪمشنر. پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب جنهن جو سنڌيءَ ۾ عطا محمد ڀنڀرو ترجمو ڪري ”آمريڪا جا سنڌي“ جي نالي سان ڇپايو آهي، ۾ لکي ٿو تہ: ”مون کي پوري پڪ آهي تہ هڪ ڏينهن اسان جي بيمار دنيا کي سنڌين جي ان روحاني طاقت جي ضرورت پوندي. سنڌين جي اها ملڪيت سادگي سان زندگي گذارڻ جو هڪ طريقو آهي. اهو منظم طريقو آهي جيڪو جامع بہ آهي، ان ۾ عالم مشهود جو نقطہ نظر بہ آهي تہ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ جو اتساهہ بہ آهي، ان ۾ اهڙيون روايتون آهن، جيڪي اداري جو ڪم ڏئي رهيون آهن. وٽن علامتي نوعيت جو روحاني اعتماد بہ آهي، جنهن ۾ اندرئين ۽ ٻاهرئين نقطہ نظر کان اهو سمجهيو ويندو آهي تہ انسان هن زندهہ دنيا جو جوڙيوال (Co Partner) آهي. انسان ۽ فطرت هڪٻئي سان گڏجي هلن ٿا ۽ هڪٻئي تي دارومدار رکن ٿا.“

سنڌ جي سچي محترم سائين جي ايم سيد بہ پنهنجي مختلف مضمونن، ڪتابن توڙي انٽرويوز ۾ چوندو رهيو آهي تہ ”سنڌ وٽ پنهنجي صوفي بزرگن جو هڪڙو مخصوص پيغام آهي، جنهن ذريعي سنڌ اولهہ ۽ اوڀر جي وچ ۾ پل جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.“ امن اقوام عالم ۽ ترقي بني نوع انسان لاءِ سنڌ کي ڪردار ادا ڪرڻو آهي. سنڌ صوفين جي سرزمين آهي. سنڌي ماڻهوءَ جو مزاج ئي صوفياڻو آهي. صوفي فرمائين ٿا تہ ”انسان خدا جي مظهر جو پرتوو آهي، هر انسان بلڪ هر ساهواري ۾ خدا وسي ٿو هڪ دل ٽوڙڻ ستر ڪعبن ٽوڙڻ کان بہ وڏيڪ گناهہ جو ڪم آهي.“ معنيٰ تہ ڪنهن جي بہ دل کي نہ ڏکوئيو. هر انسان، بلڪ هر ساهہ واري سان ائين محبت ڪريو جيئن خدا سان محبت ڪبي آهي،





يا جيئن پنهنجو پاڻ سان محبت ڪبي آهي، ڇو تہ خدا هر دل ۾ موجود رهندو آهي. اهو آهي نظريہ محبتِ هر ماڻهوءَ جي من ۾ خدا جو گهر ۽ هر جيوَ ۾ خدا جي موجود هجڻ سان ئي نفرت، بغض، ڪيني ۽ ڪلفت جو علاج ڏسيو ويو آهي. مرشد لطيف سائين فرمايو تہ:

مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي!

قرآن پاڪ فرمايو تہ:

ونحن اقرب عليہ من حب اللوريده

ترجمو: اسين انسان کي سندس ڪنڌ جي رڳ کان بہ ويجها آهيون.

قرآن پاڪ کي ”الله تعاليٰ جي زبان“ سڏيو ويو آهي. الله پاڪ پاران موڪليل پيغمبرن جي دستور کي ”دين“ چيو ويو آهي. ياد ڏياريان تہ سچل سائين چيو هو تہ:

سچو سِرُ سُبحان، عالم ليکي آدمي!

يا

آهيان پاڻ الله، جيڏيون! مون کي ڪير ٿيون ڀانئيو!

تڏهن منهنجي پاڙي جي محبوب صوفي شاعر سائين تاج علي شاهہ ترت چئي ڏنو تہ:

دلبر دين ايمان، ورق قرآن،
سهڻل تان صدقي وڃان!

۽ ائين بہ چيائين تہ:

نانڪ، لڇمڻ کان آهيان،
بيشڪ مان ڀڳوان آهيان!

هاڻ ”دلبر“ جيڪو بظاهر هڪ انسان هوندو آهي، سو ”دين ايمان“ بلڪ ”ورق قرآن“ بڻجي وڃي، يا لطيف سائينءَ جي لفظن ۾:

سو هي، سو هُو، سو اجل سو الله،
سو پرين سو پساهه، سو ويري، سو واهرو،

ٿي وڃي ته هر شي ساڳي ٿيو ٿي وڃي، تاج علي شاهه چيو ته:

لا الله لِنگهه تون، آهي هڪ الله،
سو والي وحد وحده، سو پرين سو پساهه،
جيڪي گهري سو ڪري، گسئون ڪج نه گمراهه،
هر جاءِ تون همراهه، توريءَ تڪيو ناهه ٻيو

۽ سچل سائين جي بقول:

آهيان پاڻ الله، جيڏيون! مون کي ڪير ٿيون پائنيو!

يا

الله الله چو چوين، الله پاڻ ٿي جاڻ،

اها ئي دوئيءَ کي دور ڪرڻ جي ريت آهي، چو ته:

ڪين ماپندا من ۾، خودي ۽ خدا،
ٻن ترارن جاءِ، ڪانهي هڪ مياڻ ۾.
(ڀٽائي صاحب)

جنهن من کي محبت پاڪ پوتر ڪري ڇڏيو هجي، اتي نفرت، بغض ۽ ڪيني جي غلاظت ڀلا ڪيئن رهي سگهندي...!؟ دل کي ئي خدا جو گهر مڃيو ويو آهي ۽ حضرت عيسيٰ عليه اسلام چيو ته :محبت ئي خدا آهي ۽ خدا ئي محبت آهي. لطيف سائين جي لفظن ۾:

هٿا اڳئي گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا!

۽ حمل فقير فرمايو ته:

حمل هئاسي هڪ، پر جسي ۾ جدا ٿيو

اهو ئي سنڌ جو پيغام آهي، جنهن ذريعي سنڌي قوم کي اقوام عالم جي امامت ڪرڻي آهي، اهو ئي هن ڌرتيءَ جو دين آهي.





بانور اهو ڪرائڻو آهي، احساس اهو جاڳائڻو آهي ته هر ماڻهو ڪنهن نه ڪنهن جو "محبوب" هوندو آهي. محبوب/دلبر پوءِ ڪنهن جو به هجي، ڪنهن نه ڪنهن لاءِ "دين ۽ ايمان" هوندو آهي، "ورق قرآن" هوندو آهي. هر ماڻهوءَ جو "من" "خداوند ڪريم جي دربار" هوندو آهي.

اڇو ته هر ماڻهوءَ کي انهيءَ نظر سان ڏسون، جيئن هر عاشق پنهنجي محبوب کي ڏسندو آهي.

اڇو ته مڙئي هڪٻئي جا عاشق ٿيون!
اڇو ته مڙئي هڪٻئي جا محبوب ٿيون!
تڏهن ئي محبت جي معراج کي ماڻي سگهنداسين،
تڏهن ئي هن دوزخ جهڙي ڌرتيءَ کي بهشت بڻائي سگهنداسين،
اهو ئي صوفين جو پيغام آهي،
اهو ئي سنڌ جو پيغام آهي،

اهو ئي شاهه لطيف، سچل سائين توڙي تاج علي شاهه جو پيغام آهي.

اڇو ته ان پيغام کي عام ڪريون!

جيئن دنيا مان بدبودار بنياد پرستيءَ جون پاڙون هميشه هميشه لاءِ پٽجي وڃن.

جيئن دنيا گولين جي گونجار ۽ بم ڌماڪن جي بدران تنبوري جون تارون ٻڌجي پوي،

سُر ۽ ساز ٻڌجي پوي،
عشق جو آواز ٻڌجي پوي،
روحاني راز ٻڌجي پوي،
دنيا گيت ٻڌجي پوي،
امن ۽ محبت جو گيت،
سڪ، ساڃاهه، پيار ۽ پريت جو گيت،

سنڌ جي صوفين جو مئہ رقصم واري مدهوشيءَ وارو گيت،
جنهن جي صدائن سان، سنڌ جي هوائن ۾ سڪون ئي سڪون هجي.
اهڙو سڪون جهڙو گوتم جي مک مبارڪ تي پسبو آهي،
اهڙو سڪون جيڪو پرڀات مهل ڀٽ ڌڻيءَ جي درگاهہ تي، آسڻ جي آسپاس ماڪ ڦڙيءَ جو روپ وٺي نازل ٿيندو آهي،
اهڙو سڪون جهڙو تاج علي شاهہ جي مئخاني جي ديوار تي ماڪ مهل ڳيرن جي ڳٽڪڻ وقت هوندو آهي،
اهڙو سڪون جيڪو تاج علي شاهہ جي آسڻ تي اچي هر ڪنهن کي حاصل ٿيندو آهي، جتي هن جي فڪر جو فيض هر ڪنهن آسيءَ جي اڃ پيوا اجهائيندو ۽ غمن، گوندرن کي گهٽائيندو ٿو رهي.

تڙ وٽ تاج فقير جي، کهي اچن ڪير،
هٿ هدايت ڦير، اڱڻ تي جي آئيا.

تڙ منجهہ تاج فقير جي، تنهنجو فيض فڪر،
لٿو ڏک ڏمر، اڱڻ تي جي آئيا.





# سامي ”سن“ لنگهي ويا

## (تاج علي شاهہ جي هڪڙي بيت جي تشريح)

شاعريءَ جو هڪڙو عالمي، فڪري معيار اهو بہ مقرر ٿيل آهي تہ:
شاعري اها امر رهڻي ۽ تاريخ جو وطن پرست واڄٽ بڻجي وڃڻي آهي.

• جيڪا صدين جي صفر کان پوءِ بہ پنهنجي معنيٰ ۽ مقصديت جا معيار تبديل نہ ڪري.
• جيڪا شاعري پنهنجي جوهر ۾ گهڻ معنوي هجي.
• جيڪا شاعري زمان ۽ مڪان جي قيد ۽ پابندين کان ماورا هجي.
• جيڪا شاعري مختلف وقتن، مختلف موقعن، مختلف واقعن، تاريخي طوفانن، اوچتو آيل آپدائن ۽ المين کي ماضيءَ، حال توڙي مستقبل جي آئيني ۾ پنهنجي تاويلن تحت پنهنجي قوم، پنهنجي وطن، پنهنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ وارن جو آواز بڻجڻ جو ساهس رکندڙ هجي.
• جيڪا شاعري هر مڪتب فڪر جي ماڻهن جي جيءَ جو جز بڻجي انهن جي جذبن کي جهنجهوڙي ۽ دلِ تنبور جي تارن کي ڇيڙڻ جو اعليٰ آدرش رکندڙ هجي.

• جيڪا شاعري وقت جو آواز بڻجي مظلوم قوم جي رهنمائيءَ جا رستا متعين ڪندڙ هجي ۽ هر قومي، طبقاتي، عوامي، اقتصادي، جمهوري، ثقافتي، اخلاقي ۽ سماجي آزاديءَ جو اتساهه ڏياريندڙ هجي.

• جنهن شاعريءَ جي فڪري گهرائيءَ جون پاڙون پنهنجي قوم جي دلين توڙي ڌرتي ۽ تاريخ ۾ مضبوطيءَ سان کتل هجن.

تڏهن ئي اها شاعري "جيءُ" چوائيندي جڳ کي.

ان ڪسوٽي تي پرکڻ لاءِ مون سائين تاج علي شاهه جي ڪلام "تحفه تاج قلندري" مان جنهن بيت جي چونڊ ڪئي آهي، ان جي تشريح ڪندي پڙهندڙن کي به اها اپيل ڪرڻ چاهيندس ته اچو ته ان بيت کي لطيف سائينءَ جي هنن سٽن جي ساجاهه جي سفر جيئن سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون:

سائينم سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

هن بيت ۾ لطيف سائين سنڌ جي قومي، طبقاتي، جمهوري، ثقافتي، آدرشي، معاشي، معاشرتي، سيڪيولر ۽ سائنٽيفڪ بنيادن تي حاصل ٿيندڙ آزاديءَ واري "سڪار" کانپوءِ سڀني عالمن جي آباديءَ جي روپ ۾ پوري دنيا جي عالمي ڀلائيءَ جي فڪر جو فيض ڏنو آهي. ڀٽائي سائين جي مئخاني جي مٽ مان سائين تاج علي شاهه به ڀرپور فيض پرايو آهي. لطيف سائين سنڌ جي امن، خوشحالي ۽ آزاديءَ جي دعائن کانپوءِ پوري دنيا جي ماڻهن، ملڪن، انهن جي سرحدن سميت قومي، طبقاتي، جمهوري، اقتصادي، ثقافتي ۽ فڪري آزادين لاءِ نيڪ خواهشن وارين دعائن جا دريچا کولي سنڌي ماڻهوءَ جي رهنمائي ڪئي آهي ته پنهنجي ڌرتي ۽ ڌرتي واسين کانپوءِ باقي دنيا جي مظلوم ماڻهن، قومن ۽ ملڪن ۾





هلندڙ جدوجهدن لاءِ پنهنجي سياسي ۽ اخلاقي سپورٽ ڪرڻ ۽ انهن جو حصو ٿيڻ به توهان جي انساني فرضن ۾ شامل آهي.

چو ته بحيثيت مظلوم جي، توهان کي پاڻ جهڙن مظلومن، محڪوم ماڻهن توڙي قومن جي جدوجهد سان پاڻ کي ڳنڍيو رکڻو آهي، چو ته پوري دنيا جا محڪوم ۽ مظلوم پاڻ ۾ ڀائر آهن. تڏهن ئي ته مارڪس جهڙن مفڪرن کي به اپيل ڪرڻي پئي ته "پوري دنيا جا محڪومو! مظلومو! مزدورو! پاڻ ۾ متحده ٿي وڃو...!"

ائين هيٺ ڏنل سائين تاج علي شاهه جي بيت جو به اهو ساڳيو ئي فڪري سفر/پسمنظر آهي. سائين تاج علي شاهه ياد ٿو ڏياري ته اڄ جي سنڌ جو ساجاهه وند، باشعور ۽ فڪري طرح پڄي پختو ٿيل ذهن (قومي ڪارڪن/قومي ڪيڊر) جيڪو آهي، ان نظرياتي طرح ڪٿان کان پنهنجو قومي، وطني، فڪري ۽ نظرياتي سفر شروع ڪيو آهي، ۽ اڳتي هلي پنهنجي نظرياتي تربيت کي دنيا جي محڪوم قومن جي قومي، فڪري، نظرياتي آزاديءَ جي تحريڪن/تنظيمن سان ڪيئن ڳنڍيو رکيو/رکڻو آهي. سائين تاج علي شاهه جو اهو بيت آهي ته:

(س) ئون سن لنگهي ويا، ساڻ کڻي ساجاهه،
سامين صفات الحب چئي، ورتو هي ويساهه،
ويتر ويراڳين جو آديسي اوراح،
اٿئي پهر عشق ۾، پڄي ٿيئڙا پاهه،
اندر هاڻ الله، وسي ويراڳين جي!

بيت جي مٿين سٽ ۾ لفظ "سن" جي هڪڙي معنيٰ وقت جي تعين جي حوالي سان به آهي. مثال طور سن 1947ع يا سن 2022ع وغيره.

"سن" جي هڪڙي معنيٰ برابر عمر جي، هڪ جيڏو يا هم عمر به آهي.

"سن" سنڌو درياءَ جي ساڄي ڪپ تي آباد ڄامشوري ضلعي جو قديم تاريخي شهر بہ آهي. اهو "سن" جتان سنڌ وطن جي وارثيءَ جون صدائون تاريخ جي پڪار جا پڙاڏا بڻجي گونجنديون رهيون آهن. اهو "سن" جتان سنڌ جي عظيم انقلابي عالم, ڌرتيءَ جي درويش, ڏيهہ جي ڏاهي ۽ ڌارين توڙي انهن جي دلال مذهبي پيشوائن (جن مذهب جون نقلي تاويلون ٻڌائي ڏيهي ماڻهن کي مرغوب ۽ مغلوب پئي ڪيو تن) کي هڪ پل لاءِ بہ پنهنجي ڌرتيءَ تي برداشت نہ ڪندڙ مخدوم بلاول سمي صاحب کي شاهہ حيدر سنائيءَ جهڙا وفا جا پيڪر ۽ بلاولي تحريڪ جا مزاحمتي وطن پرست سرويچ ساٿي پئي مهيا ٿي مليا. اهو شاهہ حيدر سنائي جنهن مخدوم صاحب جي صلاح سان ارغونن جي جاسوس مرشد توڙي ارغونن جي قاضي القضات رهندڙ قاضي قاضن جهڙي غدار سنڌ جي روحاني رهبر ۽ مهدي سڏائيندڙ سيد ميران شاهہ جو نپوري جون سن وٽ سنڌو درياءَ ۾ ٻيڙيون ٻوڙائي ڪيس سنڌ مان هڪالي افغانستان ڀڄڻ تي مجبور ڪيو هو. انهيءَ سن جي مٽي جي مٽيا جو سفر جيڪو شاهہ حيدر سنائيءَ کان شروع ٿيو هوسو 20هين صديءَ جي شروعات کان (سائين جي ايم سيد جي ولادت 17 جنوري 1904ع کان) جو جاري ۽ ساري رهيو آهي تہ وقت گذرڻ سان گڏ ان جي وفا واري پختگي ويتر وڌندي پئي رهي آهي.

انهيءَ "سن" اڄ جي سنڌ جي سياسي قبلي جي حيثيت ماڻي ورتي آهي, جنهن مان اٿيل صدائن جي طفيل اڄ سنڌ جو ماڻهو ساڃاهہ ۽ قومي شعور جي ايمان "سنڌ وطن آهي, سنڌي قوم آهن, ۽ آزادي اسان جو ڪائناتي حق آهي" سان لبريز ٿي وطن جي وارثيءَ جا گيت ڳائيندي انهيءَ جدوجهد ۾ ٿاڻن, قيدن, ڪورٽن, ٽارچر سيلن توڙي موت سان





مقابل ٿي عشق جي آذانن تہ "وطن جي حب ايمان جو جزو آهي" جي انساني صورت, جنهن جو ايمان رهيو تہ:

"غُلامي گار آهي,
مُون کي مُحبت ۾ بہ پنهنجي,
محبوب جي غُلامي قبول ڪانهي...!"[2]

انهيءَ عشقِ وطن جي وجداني ڪيفيت ۾ مست مدام ٿي مخمور رهندڙ سيد جي فڪري نظريي سان هٿياربند ٿي سنڌي ماڻهو پنهنجي قومي آزاديءَ جي حصول لاءِ توڙي سنڌ ڌرتيءَ جي قدرتي وسيلن جي ڌاري آباديءَ پاران لٽ مار خلاف لاڳيتو مزاحمت ڪندو رهيو آهي.

وطن جو عشق اهو عشق آهي, جيڪو جڏهن ماڻهوءَ تي غلبو حاصل ڪندو آهي تہ پيتائيءَ جي لفظن ۾ ان ماڻهوءَ جي ڪيفيت ائين ٿي ويندي آهي تہ:

نئون نينهن لڳوس, ڳري ۽ ڳالهيون ڪري!

عشق جي انهيءَ ڪيفيت لاءِ سائين جي ايم سيد فرمايو تہ:

"عشق جڏهن
بغاوت ۽ جنون تي لهي ايندو آهي,
تڏهن عاشق
انجام جي پرواهہ ناهن ڪندا"[3]

انهيءَ وطن دوست ساڃاهہ جا سبق سيد جو پيغام آهن. اهڙن عاشقن جي سائين تاج علي شاهہ مٽين بيت ۾ نشاندهي ڪندي ياد ڏياريو آهي تہ:

[2] سائين جي ايم سيد جو نثري نظم ڪتاب "ڪوتا تار تي ويڻل پنڇي" مرتب: رحيمداد جوڳي
[3] سائين جي ايم سيد جو نثري نظم ڪتاب "ڪوتا تار تي ويڻل پنڇي" مرتب: رحيمداد جوڳي

(س)ئون "سن" لنگهي ويا، ساڻ ڪٽي ساڃاهہ!

مطلب تہ اهڙا آزاديءَ جا متوالا 20هين ۽ 21هين صديءَ جي سنڌ وطن جي امن، خوشحالي، هر قسم جي قومي، فڪري، ثقافتي، طبقاتي، اقتصادي تسلط کان آزادي جي ساڃاهہ ۽ شعور "سن" مان ئي ڪٽي اڳتي وڌيا آهن. اها فڪر جي ڦرهي پڙهڻ لاءِ انهن جون پهريون مڪتب "سن" ئي رهيو آهي. تڏهن تاج علي شاهہ وضاحت ڪئي تہ انهن قومي شعور وارن سچن سامين ۽ قومي ڪارڪنن جي من ۾ جيڪو وطن جي وارثيءَ جو ويساهہ ويٺل آهي، سو اهڙي طرح آهي تہ:

سامين صفات الحب چئي، ورتو هي ويساهہ!

چو تہ انهن سنڌ وطن سان وفا جا اهڙا پيچ پاتا آهن. جو جيئن ٿو انهن جو عشق اجري اڇو ٿئي، تيئن ٿا ان عشق ۾ رچي پچي لال ٿين. انهن جو اهڙو ويساهہ انهن کي فڪري طرح پختو بڻائي اڳتي وڌي ٿو وڃي، تڏهن تاج علي شاهہ جي تندن جي تنوار پڌائي ٿي تہ:

ويتر ويراڳين جو، آديسي اوراح!

اهو "آديسي اوراح" سنڌ جي سرحدن کان اڳتي ٽپڻ جي آگاهي ٿو حاصل ڪري تہ سنڌ جو شعور بنگال، بلوچستان ۽ باچا خان جي سرحد (هاڻ خيبرپختونخواهہ) جي ماڻهن جي قومي حقن جي حمايت جو هوڪو بڻجڻ ڪانپوءِ انهيءَ جو نظرياتي پنڌ اجا بہ آڳاهون ٿو ٿئي، ۽ دنيا جي هر خطي جي قومي آزادي لاءِ ٿيندڙ جدوجهد هنن (سنڌ جي قومي نظرياتي ڪارڪنن) کي پنهنجي جدوجهد ٿي لڳي/لڳڻ گهرجي.

پوءِ سيد جي فڪر جون پرچارڪ ۽ پوئلڳ تنظيمون ۽ انهن جا ڪارڪن دنيا جي انقلابي جدوجهدن مان اتساهہ ٿا وٺن/۽ ضرور وٺندا ۽ اڳتي وڌي مارڪس، لينن، هوچي منہ، مائوزي تنگ، ڪماالسنگ،





ڪاسترو، ناصر، مارشل ٽيٽو کان شيخ مجيب الرحمان جي جدوجهدن سان پنهنجو جيءُ جوڙي ٿا ڇڏين/جوڙي ڇڏيندا.

جوڳين جيءُ جبار تان، ڪالهہ ڪيو قُربان!

جي سراپا صورت بڻجي ٿا وڃن/بڻجي ويندا، جنهن جدوجهد جي هڪڙي جهلڪ اسان کي فارسيءَ جي مشهور شاعر حافظ شيرازي جي شعر مان بہ ملي ٿي. حافظ جي نوري نگاهہ ۾ هن ڦوروءِ استحصالي طبقي "الله تعاليٰ جي مساواتي برابريءَ واري نظام" کي بگاڙي ان جي جيڪا حالت ٺاهي آهي، ان کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي برابريءَ وارو "نئون جهان" جوڙڻ واري آس کي جدوجهد جو روپ بخشيندو حافظ شيرازي فرمائي ٿو تہ:

"جيئن الله سائينءَ جو هن دنيا تي اختيار آهي، تيئن جي مون مسڪين جو اختيار هجي تہ هن سموري جهان کي هينئن جو ڪٽي هٽانس تہ ٽڪرا ٽڪرا ٿي وڃي ۽ هڪڙو اهڙو نئون جهان ٺاهيان، جنهن ۾ سيني آسوندن ماڻهن مان هڪڙي جي بہ آس ناڪام نہ رهجي وڃي."

(بيت جو ترجمو: رسول بخش پليجو: ڪتاب تنين ماٽڪ ميڙيا)

اهڙو جهان جهڙو حافظ شيرازي ٺاهڻ ٿو چاهي، سو بلڪل صوفيءَ جي دل جهڙو جهان هوندو آهي، جنهن ۾ نہ نفرت، نہ بيزاري، نہ بغض، نہ حق تلفي، نہ ڪنهن استحصال جي سوچ هوندي آهي، جيئن خيام چيو تہ:

"ڪاش! هن دنيا کي ڊاهي پنهنجي دل جهڙو ٺاهيان"

اهڙي نظام لاءِ انهيءَ استحصالي طبقي خلاف ٿيندڙ عالمي جدوجهد ۾ "سن" جي ساڃاهہ واري سفر جي ساميئڙن جي اندر جي اٽڪڻ کي تاج علي شاهہ جي هيءَ سٽ واضح ڪري ٻُڌائي ٿي تہ:

اٿئي پهر عشق ۾، پَچي ٽيئڙا پاهہ!

اهي قومي ڪارڪن ۽ صحيح ساڃاهہ وند شعور وارا سچا ساميئڙا جيڪي ”جو دم غافل، سو دم ڪافر“ جيان سارو ئي وقت دنيا جي مظلوم قومن جي آزاديءَ ۽ سلامتي توڙي خوشحالي وارين جدوجهدن جي اخلاقي سپورٽ توڙي انهن لاءِ نيڪ جذبات رکي عالمي سامراج سميت دنيا جي مختلف خطن ۾ بينڪي والار خلاف مختلف فورمن تي آواز اٿاري پاڻ کي دنيا جي مظلوم قومن جو ساٿاري ٻڌائي ٿا ويهن/ٻڌائي ويهڻو اٿن۔ تڏهن تہ سائين تاج علي شاهہ تن جا پار پتا ڏئيندي دنيا کي آگاهہ پيو ڪري تہ منهنجي ڌرتيءَ جا اهي ”سچا ساميئڙا“ هر وقت عشق ۽ عمل جي اتساهہ ۾ آهن.

اٿئي پهر عشق ۾، پڇي ٽيئڙا پاهہ!
۽ پوءِ...؟
اندر هاڻ الله، وسي ويراڳين جي!

هتي تاج علي شاهہ استحصالي طبقي جي ظلم خلاف مزاحمت جي حوالي سان جدوجهد ڪندڙن جي جيءَ ۾ جڏهن ”اندر هاڻ الله“ ٿو چوي تہ اتي ”الله“ مان مراد/مطلب الله تعاليٰ جي ”فطري مساواتي برابريءَ واري نظام“ ڏانهن ئي اشارو آهي. ان سڄي بحث کي سميٽي اچو تہ ان روشنيءَ ۾ وري بہ انهيءَ بيت کي پڙهي پرجهي، مزو وٺي ساري پسمنظر ۾ سمجهون.

(س)ئون سن لنگهي ويا، ساڻ ڪٽي ساڃاهہ،
سامين صفات الحب چئي، ورتو هي ويساهہ،
ويتر ويراڳين جو، آديسي اوراح،
انئي پهر عشق ۾، پڇي ٽيئڙا پاهہ،
اندر هاڻ الله، وسي ويراڳين جي!



# دلبر دين ايمان

## (ڪلام تاج علي شاهہ ۽ عالمِ اقوام کي اپيل)

نانڪ لڇمڻ ڪانہ آهيان،
بيشڪ! مان پڳوان آهيان،
گنگا جمنا ساڌو سيري، مڪ مدينہ منزل ميري،
ڪعبو مان قرآن آهيان،
بيشڪ! مان پڳوان آهيان،
ملان بن کي سبق سڻايم، ٻانيڻ بن کي تلڪ لڳايم،
آپي خوش ارمان آهيان،
بيشڪ! مان پڳوان آهيان،
ڪرشن بن کي گنيان چاريم، رام، سيتا بن وچہ پاريم
ساري عمر سيدان آهيان،
بيشڪ مان پڳوان آهيان،
بيرنگ بيحد بهر بنايم، ڪربل جي وچ آپ ڪهايم،
سڀ ڪنهن هنڌ سبحان آهيان،
بيشڪ! مان پڳوان آهيان،
”تاج“ علي وچ ديرا لايم، آپي احد احمد سڏايم،
عشق ڪيو انسان آهيان،
بيشڪ مان پڳوان آهيان!

اڄ جڏهن انسانيت نفرتن جي چڪيا تي جلي، پچي، ڪامي، ٿهڪي ۽ پڄري رهي آهي، جڏهن گيتا جهڙي قديم ويد جا پرچارڪ ۽ پوڄاري روز بروز هزارين ميلن تي مار ڪندڙ پرٿوي ۽ اگني ميزائلن ۽ ائٽمي اسلحي جا نت نوان تجربا ڪري انسانيت جي امڪاني موت جي خوشيءَ ۾ ٺهڪ ڏئي ٽلي رهيا آهن.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جيڪو "محبت خدا آهي" جي فڪر جي پرچار ڪندي صليب جو سينگار بڻجي ويو ان جا پوئلڳ بائيبل مقدس ڪان منهن موڙي دنيا جي نقشي تان انسانيت سميت ڪل ساهواري مخلوق جي خاتمي آڻڻ وارن خطرناڪ هٿيارن جا انبار لڳايو دڙڪن، داٻن، دهمانن سان ساري دنيا جو ساهہ مٺ ۾ ڪيل مجبور انسانيت جو رت پيو مڇيو مواڙ ٿيو پيا اوڳرايون ڏين. انهن ڪان انهن ڪوشش ۾ بہ هٿ اڳيان وري فڪرِ موسيٰ جا پوئلڳ آهن. جيڪي پاڻ ڪانسواءِ ڪنهن ڪي بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهن.

اڄ جڏهن قرآن پاڪ جا هر هر حوالا ڏيندڙ صرف پاڻ ڪي ئي "شريعت جو صاحب" سمجهندڙن جا ڪجهہ چڱا موچارا ٽولا مسجدن ۽ امام بارگاهن ۾ بيگناهہ انسانن جي لاشن جا انبار لڳايو دين جي دعوتِ تبليغ ۾ مشغول آهن، تڏهن عشق ۽ امن جي ڌرتي سنڌ جون درگاهون، هي مقبرا، هي اوتارا ۽ هي محبت جا مئخانہ ئي آهن، جتان عشق جون آذانون اينديون ٿيون رهن، جتان محبت جو درس ۽ فيض هر عام و خاص لاءِ جاري ۽ ساري آهي. هي شاهہ لطيف جي تنبوري جي تارن مان نڪرندڙ واين جا ورلاپ، هي سچل سائينءَ جا سڪ ڀريا سنيها ۽ نينهن جا نعرا، هي صوفين جون مئہ رقصم جي مستيءَ ۾ عشق جون الستي صدائون، هو ڀڳت ڪنور رام جي ڪوئل جي ڪوڪ ۽ نوڙت جي نينهن واريون قربن ڀريون ڪافيون، هو ماسٽر چندر جي مڌر آواز ۾ عشق جي آلاپن وارا ٻهہ





ٻهہ ٻهڪندڙ ٻول ۽ هي تاج علي شاهہ جا محبت ۾ من مخمور ڪندڙ گيت ئي آهن، جيڪي پيار، محبت، انساني مساوات، ڀائيچاري، امن، آشتي، صلح ۽ عالم انسانيت جي سڪون جي ضمانت آهن.

عشق ملڻو سون انعام،
دلبر جي دربار مان،
عشق جون لهرون عاشق جاڻن،
مام مجازي مرد ٿا ماڻن،
دل ۾ پيل ٿين دام،
دلبر جي دربار مان

هي سڀ انتهاپسند ۽ بنياد پرست ٽولا جن جي چپن تي مقدس قرآني آيتون ۽ هٿن ۾ ڪلاشنڪوف ۽ معيشت هيرون جي ڪاشتڪاري ۽ هٿيارن جو واپار آهي. جن جي هٺ، ضد ۽ جنون هزارين فوٽ اوچا پهاڙ ئي ڏوڙ ڪرائي ڇڏيا. اها جنوني جذباتي مخلوق آسماني ڳالهيون ڪرڻ بدران جيڪڏهن شاهہ، سچل، سامي، روحل، چيزل، حمل، بيدل، بيڪس، مصري شاهہ، خوش خير محمد، پير اعجاز منئار فقير ۽ تاج علي شاهہ جن جي دل جون صدائون پڙهن يا ٻڌن واتان ئي خاموش رهي دل جي ڪنن سان ٻڌڻ بہ گوارہ ڪن تہ ڪڏهن بہ ماڻهوءَ تي ڪفر جي فتويٰ صادر نہ ڪن.

اهي مئخانہ ئي تہ آهن، جتان ماڻهو عشق جا سبق سکندو آهي. سرمدي سنت ڪان اڻواقف ۽ ان ڪي ڪفر ڄاڻائي منهن موڙڻ وارين اکين کي پلا ڪهڙي خبر تہ ڪنهن ڳاڙهہ ڳتول ڳيروءَ جي نيڻن ۾ ڏسڻ سان ئي رب تائين رسڻ جي معرفت ملي ويندي آهي ۽ عشق جڏهن عبادت بڻجي ويندو آهي تہ ڪل مذهبن ۽ مسلڪن ڪان مٿانهون بڻجي ويندو آهي، ۽ پوءِ اتي ئي عرفات هوندي آهي، جتي وڃي ٿيون اکيون اٽڪن، جنهن جي شاهدي ڏيندي تاج علي شاهہ چئي ٿو تہ:

آهي ات عرفات، جت وڃي ٿيون اڪن اکيون،
تڏهن تہ سچل جي خليفي نانڪ يوسف بہ چيو تہ:
اکڙين منجهہ الله، پرين تنهنجي اکڙين منجهہ الله،
۽ تاج علي شاهہ اکڙين جي اسرارن کي ائين بيان ڪيو تہ:

اکين پرايون مَٽيون، اکين ٻڌايون پٽيون،
اک تہ لڳي وئي اک سان، اکين پرايون چٽيون!

اکيون سجاڻن کي ڪي، ٿا عشق ڪمائين جيڪي،
اکين دکايا ديرا، اکين هلايون هٽيون،

ها عشق، اکين جي اولي، ڳالهہ ويا ڪي ڳولي،
چٽنگ لڳي وئي چولي، اکين پياريون وٽيون!

"تاج علي شاهہ" توري، عشق اکين جو اوري،
ڏيهہ ڏنو مون ڏوري، اکين گهمايون گهٽيون!

اهي اکيون ئي آهن، جتان عشق جي راهہ شروع ٿي وڃي دل جي دهليز تي دستڪ ڏيندي آهي ۽ مجاز جا مچ پڙڪڻ شروع ٿيندا آهن. پلا مجاز کان خالي جذبي کي ڪهڙي ڪل؟ تہ ڪي ڪي منهن محراب بہ ٿيندا آهن، جن ۾ درد واريون دليون سڪ جا سجدا بہ ڪنديون آهن. عشق کان ڪوريءَ دل کي ڪهڙي خبر تہ دل ئي مسجد، دل ئي مندر، دل ئي ديول هوندي آهي. اڪيلي انسان (محبوب) سان محبت جي راهہ ئي تہ ڪل ڪائنات توڙي خالق ڪائنات کي پائڻ جي منزل هوندي آهي. پيون ڪل عبادتون اجايون هونديون آهن. لطيفي لفظن ۾ تہ "پيون واٽون مڙئي وَر" هونديون آهن. فنا في الانسان ئي اها منزل آهي، جو محبوب خود خدا بڻجي ويندو آهي، جنهن ۾ رچي پچي لال ٿيڻ ڪانپوءِ ئي مونن مان منهن ڪيڍي





ڪراڙ ڪنڌي تي جهوڪ ماري، تنبوري جي تارن کي پنهنجي نفيس آڱرين سان ڇهندي لطيف سائينءَ جي صدا پولار ۾ پکڙجي وئي هئي تہ:

ڪونهي ات ڪوهيار، جت تو پوري پانيئو

۽ وري آسانيءَ واري وضاحت ڪيائين تہ:

سو هي، سو هو_ سو اجل، سو الله!
سو پرين سو پساهہ، سو ويري سو واهرو!

سرائيڪي پٽيءَ جي عظيم ڏات ڌڻي خواجہ فريد بہ چئي ويئو تہ:

ميڏا عشق بہ تون، ميڏا يار وِ تون،
ميڏا دين وِ تون، ايمان وِ تون،
ميڏا قبلہ، ڪعبہ، مسجد منبر،
مصحف تي، فرقان وِ تون،
ميڏي فرض فريضي، حج زڪواتان
صوم، صلات، آذان وِ تون،
ميڏي زهد عبادت، طاعت، تقويٰ،
علم وِ تون، عرفان وِ تون،
ميڏا ذڪر وِ تون، ميڏ فڪر وِ تون،
ميڏا شوق وِ تون، وجدان وِ تون!

اتي منهنجي سڪرنڊ جي پير جو محبوب صوفي شاعر سائين تاج علي شاهہ نہ رڳو انهيءَ "سهڻي انسان" کي عشق جي اعليٰ مرتبي ۽ عظمت جي اوچي معراج تي پهچائي ٿو ڇڏي، بلڪہ ان جو مانُ ايئن ٿو مٿانهون فرمائي جو پڙهڻ سان دل دنگ رهجو وڃي...! ان تان سئو سئو دفعا صدقي ٿيندي ٻڌائي ٿو:

دلبر دين ايمان، ورق ورق قرآن،
سهڻل تان صدقي وڃان،

اکيون يار عجيب جون،
ڪعبو مک ميدان، ورق قرآن،
سهڻا تان صدقي وڃان،
لبڙا لال گُلاب پئي،
موتي ڏند مرجان، ورق قرآن،
سهڻا تان صدقي وڃان،
چُمان زلف غلاف کي،
صورت جا سلطان، ورق قرآن،
سهڻا تان صدقي وڃان،
حسن جي هلڻ سندو،
ڪري پوڻءِ بيان، ورق قرآن،
سهڻا تان صدقي وڃان،
تهدل "تاج علي" چوي،
من ٿيو مستان، ورق قرآن،
سهڻا تان صدقي وڃان!

اهو پيغام پڙهندي پڙهندي وقت جي صدا ٿي ڪنن ۾ گونجڻ لڳي ته وقت اڇي ويو آهي ته اهو ئي پيغام جيڪو هن ڌرتيءَ جي ڌوڙ مان ڦٽي نڪتو آهي، ان کي ئي ترجمو ڪرائي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي نفرت جي پوڄارين، وائيٽ هائوس، بينڪنگم پئلس ۽ ٻين اهڙين مصنوعي جنتن ۾ رهندڙ هر هڪ ابن ابليس جي ڪنن ۾ اهي عشق جون آذانون پهچايو...! جڏهن انهن اهي پنهنجا نينهن جا نغما ٻڌا ۽ هڪ دفعو انهن جو ضمير چرڪ ڀري جاڳي پيو ته انهن کي اها ڳالهه به سمجهه ۾ اچي ويندي ته انسانيت ختم ٿيڻ سان گيتا، انجيل، توريت، بائيبل مقدس توڙي هر پاڪ ڪتاب جو به خاتمو اچي ويندو، پوءِ نه رهندو رام، نه رسول،





نه ڀسوزا، نه رهندو ڀڳوان نه رهندو گاڊ نه رهندو رحمان، نه رهندو بانس، نه وڃندي بانسري، انهن کي ان ڳالهه جو احساس ئي مستقل طور تي مهلڪ هٿيارن جي خاتمي جو سبب بڻجي سگهي ٿو. پر انهن مٿين سارن ابن ابليس ذهنيت وارن مصنوعي جنتن جي رهواسين کي اهو احساس ڏيارڻ لاءِ سنڌ ۽ سنڌي قوم جي هن وقت اجان اها حيثيت ئي ناهي.... سنڌ کي انهي حيثيت ماڻڻ لاءِ اجان الاءِ ته ڪيترن انتظار جي ڪٺن لمحن توڙي جدوجهد جي مرحلن کي پار ڪرڻو پوندو.....!

اهو احساس ئي نفرتن جي ٻرندڙ آتش فشان تي محبت جي پلر جي پالوت ٿي سگهي ٿو اهو احساس ئي هر قسم جي جنگ، جبر ۽ جدل جي خاتمي جو جواز بڻجي سگهي ٿو.

مجموعي طور اچ به سنڌ جي صوفيانه ضمير جي شعوري صدا جي پڪارن جا پڙاڏا انهن انسانذات بلڪ هر ساهه واري جيو جي خاتمي آڻيندڙ هٿيارن جا ڪارخانا ۽ زهريليون ڪيميائي گئسون جوڙيندڙن جي وحشي جنون سان مخاطب آهن ته:

اي امن عالم توڙي انسانيت جا مُنڪرو!
اي نفرتن جون ديوارون ڪڙيون ڪندڙ موت جا سوداگرو!
اي دهشتگرديءَ کي پنهنجو دين سمجهندڙوءَ!
اي پئسي جا پوڄاريو!
اي مفادن کي خدا مڃيندڙ ڌرتيءَ جا يزدانو!
اي ائٽمي هٿيارن کان جراثيمي حملن تائين جا موجدؤ!
اي ڪائنات جي حسن ۽ هر قسم جي زندگيءَ جا وحشي ويريؤ!
اي مستقبل جي تاريخ جا توا پنهنجي منهن تي مليندڙ مڪار وحشيو!

جيڪڏهن توهان ويد، بائيبل ۽ قرآن نٿا پڙهو ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ئي سهي گرو رجنيش جي مٺ کي پنهنجي چپن تي چاڙهي ته

ڏسو! جيڪو چئي ٿو تہ ”محبت سان ڏڙڪندڙ دل خدا جي چپن تي بانسريءَ جو مڌر آواز بڻجي ويندي آهي، محبت جڏهن هڪ پيرو جنم وٺندي آهي، تڏهن اها توهان کي پنهنجو محور بڻائي چڏيندي آهي ۽ توهان هڪ آرڪيسٽرا جي خوبصورت تال بڻجي ويندا آهيو جيڪو توهان جي آلاپن سان ٻاهر نڪري نروار ٿيندو آهي.“ اوشو محبت جي تبليغ ڪندي اجان بہ اڳتي اپيل ٿو ڪري تہ ”مڪمل محبتون ڪريو، هڪ ڏينهن اهي عبادتن جو روپ اختيار ڪري وينديون ۽ هر عاشق ۽ هر محبوبا خدا جي گس جو دروازو بڻجي ويندو.“

سنڌ جو صوفياڻو ضمير انسانيت جي ويري وحشين کي وري بہ اپيل ٿو ڪري تہ جيڪڏهن توهان رجنيش اوشو کي نٿا پڙهو تہ سنڌ جو الستي پيغام پڙهو شاهہ پڙهو جيڪو چئي ٿو تہ:

مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي تو کي لڳي!

سچل پڙهو حمل پڙهو پير اعجاز پڙهو اياز پڙهو شمشير، تنوير، تاجل ۽ استاد پڙهو جيڪڏهن توهان کي ڪٿي بہ ڪنهن بہ جاءِ تي تاج علي شاهہ جو ”تحفہ تاج قلندري“ ملي وڃي تہ اهو پڙهو جنهن ۾ پاڻ فرمائين ٿا تہ:

هڪ عشق هجي، ٻيو ايمان هجي!
دم دم دل ۾ دلبر جو ڌيان هجي!
هڪ سوز هجي، ٻيو ساز هجي!
مشڪڻ محبوبن جو نخرو ناز هجي،
منجهہ باغ بقا جي، بستان هجي!
دم دم دل ۾ دلبر جو ڌيان هجي،
هڪ سوز هجي، ٻيو ساز هجي،
حَسينن جي حُسن جي هڳڪار هجي،





محبوب هجي، مئخان هجي،
دم دم دل ۾ دلبر جو ڌيان هجي،
ترڪ ”تاج علي شاهہ“ دشمن دور هجي،
سڪ، سوز صنم جو سُرور هجي،
گڏ يارن سان گذارن هجي!
دم دم دل ۾ دلبر جو ڌيان هجي!

تنهن ڪري اچو تہ اڄ سائين تاج علي شاهہ جي مزار تي وچن ڪريون تہ پيار، محبت، امن، سونهن، سڪون، مساوات ۽ ڀائيچاري جي واڌاري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ کان ڪنهن بہ صورت ۾ نہ ڪيٻايون!

اچو تہ پاڻ تي عائد ٿيل جوابداريءَ سان نڀائڻ لاءِ سندرو ساهيون!

اچو تہ عالمي وحشيت جو ضمير جاڳائڻ لاءِ جيءَ سان جاکوڙيون!

اچو تہ ڪائنات جي عشق، حسن ۽ نغمگي توڙي زندگي جي تاحيات رهڻ لاءِ پنهنجي جوابدارين سان نڀائڻ واري سانگ کي پنهنجي جيءَ جو جز بڻائڻ لاءِ پنهنجون سڀئي توانائيون ڪتب آڻڻ لاءِ اڳيان اڳيان اچون.

اچو تہ پنهنجو ”دلبر دين ايمان“ بچائڻ لاءِ سلامتي واري واٽ جا وارث بڻجي شيطاني راهہ جي رڪاوٽ بڻجڻ جا جيءَ سان جتن ڪريون.

متان چوي خان، بلوچ تہ ڪميٽيءَ مان ڪين ٿيو!
(لطيف سائين)

# جت عشق وارن احرام ٻڌو

(ڪلام تاج علي شاهہ ۾ انتهاپسنديءَ جي عشق جي ذريعي روڪٿام)

ڌرتيءَ سان ڪميٽيڊ شاعرن جون اکيون آرسيون هونديون آهن، جن سان هو ماضي جي ماضيءَ کان حال جي حقيقتن ۽ مستقبل جي بہ مستقبل کي بہ ڏور تائين ڏسڻ جي سگهہ رکنديون آهن. اها حقيقت توهان تي تڏهن عيان ٿيندي جڏهن توهان انهن جي شاعريءَ جي سمنڊ جي تهہ تائين لهي ويندئو.

مولانا عزيز الله ٻوهيو جي ڪنهن ڪتاب ۾ هڪ واقعو پڙهيو هيم تہ "ٻي مهاڀاري لڙائي هلندي انگريز کي جڏهن وڏيڪ لشڪر جي ضرورت پيش آئي تہ وائسراءِ هند برصغير جي وڏن سردارن، جاگيردارن، خانصاحبن جي هڪ ميٽنگ گهرائي، سڀ سردار وغيره جڏهن شريڪ ٿيا تہ (وائسراءِ جو پنهنجو مطلب هو) سو ذاتي طرح تمام چڱي نموني هنن سان پيش آيو. ان موقعي تي وائسراءِ جو مشفقانہ رويو ڏسي هڪڙي پٺاڻ سردار يعني خان صاحب موقعي مان فائدو وٺندي تبليغي انداز ۾ پنهنجي انگريز آقا کي چيو تہ "سائين! توهان تمام سنا، نيڪ ۽ ٻاجهارا آهيو. آئون چاهيان ٿو تہ توهان جهڙو نيڪ سيرت ۽ ڀلو ماڻهو جيئن هتي سرخرو آهي، تيئن اڳئين جهان ۾ بہ جنت ۾ هجي، پر توهان نبيءَ تي ڪلمو ڪونہ پڙهيو آهي، تنهن ڪري توهان دوزخ جي باهہ جي حوالي ٿي ويندا، ان ڳالهہ جي مونکي ڏاڍي ڳڻتي آهي، تنهن ڪري آئون توهان کي صلاح ٿو ڏيان تہ انهيءَ دوزخ جي باهہ کان بچڻ لاءِ توهان ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيو ۽ مرڻ ڪانپوءِ جنت جا مزا ماڻيو" انگريز کي جيئن تہ





هن ۾ ڪم هو لشڪر وٺڻو هوس، ٻيو تہ خان صاحب جي ذهني سطح بہ سمجهي ويو. انڪري مسڪرائي خانصاحب کي چيائين تہ: "واقعي اسان ڪلمو ڪونہ پڙهيو آهي، سو اسان دوزخ جي حوالي ٿي ٿينداسين ۽ توهان ڪلمي پڙهڻ جي ڪري جنت جا مزا ماڻيندئو. پر سردار صاحب! اسان جي ڳڻتي نہ ڪريو. اسان هن دنيا ۾ اهڙو تہ علم پڙهيو آهي، جيڪو توهان نہ پڙهيو آهي، ان علم ذريعي اسين دوزخ کي بہ جنت ۾ تبديل ڪري ڇڏينداسين، پر توهان ڳڻتي ڪريو پنهنجي جنت جي، جتي توهان پنهنجي بي علمي، جهالت ۽ گهٽ سهپ جي ڪري اتي بہ توهان وڏو گند ڪندئو ۽ جنت کي دوزخ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندئو!."

اهو سڀ ڪجهہ ذهن ۾ رکي جڏهن آئون پنهنجي ديس جي هڪڙي عاشق مست فقير سائين تاج علي شاهہ کي ٿو پڙهان تہ آئون حيرتن جي جهان ۾ ڪوئجي ٿو وڃان تہ هل...! ڇا تہ هن فقير جو مشاهدو هو! ڇا تہ هن فقير جي دور رس نگاهہ هئي، جنهن هن کي عجيب اسرار ٿي ڏيکاريا. هن جي نيٽڻ جي نگاهن کان ڪائي ڳالهہ ڳجهي نہ رهي هئي، ڇو تہ هن جون اکيون آرسيون هيون، جن جي اڳيان سارو سماج جيئن جو تيئن عيان هو. وائسراءِ ۽ خان صاحب جا مٿيان مڪالمہ پڙهي تاج علي شاهہ جي زندگي، فڪر ۽ ڪلام تي نگاهہ ٿو وجهان تہ هيءُ انسان خود بہ هن دوزخ جهڙي ڌرتيءَ جي ظلمن جي عذاب ۾ پچندڙ مسڪين ماڻهن جي ڏکن، دردن ۽ سورن کي گهٽائڻ لاءِ هن ڌرتيءَ کي بهشت بڻائڻ لاءِ پاڻ بہ سڄي يا اڌ سڄي طرح ڪوشش ڪري رهيو آهي، جو چئي ٿو تہ:

تن ڪهڙي بک بهشت جي، جنت جوڙي جن،
جي پاڻ مارن موت کي، سي مُوران ڪين مرن،
ماريندا ميدان ۾، مئا ڪيئن جيئرن،
ذالڪم تعلقون اي سياڻا ڪي سمجهن،

”تاج“ علي جا تجلا، ڏوران پيا ڏسجن،
لڪياري لهن، سڀ ڪنهن سار سيد چئي!

هن درويش ائين بہ چيو تہ:

تڙ وٽ تاج فقير جي، ڪهي اچن ڪير،
هٽ هدايت ڦير، اڱڻ تي جي آئيا!

ائين هن فقير سائين تاج علي شاهہ جي تڙ تي هن عشق جي آسڻ تي، هن محبت جي مئخاني تي ڪيئي ڏرتيءَ جي دوزخ جي داروغن جا ستايل سورن جا ساڙيل ۽ ماريل هر سال اچي حاضر ٿيندا آهن تہ جيئن هو بہ من جا مطلب حاصل ڪري سگهن. پر تاج علي شاهہ چئي ٿو تہ ”مطلب“ اهو ماڻيندو، جنهن تي حق جي هدايت جو هٽ ڦرندو ۽ فقير انهن سڀني لاءِ دعاڳو آهي تہ:

هٽ هدايت ڦير، اڱڻ تي جي آئيا!

۽ هدايت جو هٽ تڏهن ڦرندو جڏهن عشق جي آسڻ تان تاج علي شاهہ جي مئخاني مان محبت جي مڌ جون ڇڪيون چکي، مست ٿي، اهو ”سيڪي“ سمجهندئو جنهن لاءِ لطيف سائين چيو تہ:

پي پيالو عشق جو سڀ ڪي سمجهيو سون،
مڌ پئيندي مون، ساجن سهي سڃاتو!

معنيٰ شرط آهي ”سمجهہ“ جو. پر اسان ڪان ڪٿي نہ ڪٿي سمجهڻ ۾ ڪا نہ ڪا غلطي ضرور ٿي آهي. يا تہ هت اچي اسان هن عاشق جي انداز کي سمجهيو ئي ناهي، يا تہ عشق جو پيالو پيتو ئي ناهي، يا پيتو بہ آهي تہ ائين نہ پيتو آهي، جيئن سائين تاج علي شاهہ اسان کي پيارڻ پيو گهري. تڏهن ئي تہ لطيف سائين جي لفظن ۾ اهو ”سڀ ڪي“ اسان سمجهي نہ سگهيا آهيون. جيڪو هيءُ فقير سمجهائڻ پيو چاهي. چو تہ اڄ بہ هن عشق جي پڙ ۾، محبت جي مچ ۾ پچڻ لاءِ ايترائي يا ان کان





ٿورا گهٽ پتنگا پهتا آهن. جيترا گذريل سال پهتا هئا ۽ اها ڳڻتيءَ جي ڳالهہ ضرور آهي تہ آخر ائين ڇو...!؟ هر سال حاضري گهٽجندي ڇو پئي وڃي، يا حاضري ساڳئي جيتري ڇو..؟ آخر اها حاضري هر سال وڌي ڇو نٿي...؟ ههڙن عاشقن جي آستانن تي ايندڙن جو تعداد آهستي آهستي محدود ڇو پيو ٿيندو وڃي...؟

جڏهن تہ ٻئي طرف دنيا کي دوزخ جي باهہ ۾ تبديل ڪندڙ قوتن پاران هن خطي کي بنياد پرستيءَ جي باهہ ۾ ڌڪڻ لاءِ منظم طريقي سان مدرسن جو ڄار وڇايو پيو وڃي، اهي مدرسا جتي اڳي رڳي طالبن کي پني پيٽ پرڻ جي عملي سکيا ڏني ويندي هئي، اڄ اتي جهادي جماعتون پيون تيار ٿين. پر جهاد ٿئي ڪنهن سان پيو...؟ مسلمانن جو مسلمانن سان، اڇيوَ تي ڳالهہ سمجهہ ۾...؟؟

بقول مانجهي فقير جي تہ:

عجب اهو اسلام، تہ ماڻهو مار ثواب،
جنت ڪاڻ ٻن جي، ڏين اذيتون عذاب!

توهان آسپاس چوڌاري نظر ڦيرائي تہ ڏسو...! هر جاءِ ننڍا وڏا مدرسہ بلڪہ ڪٿي ڪٿي تہ يونيورسٽين جيڏا مدرسہ تيار ٿي رهيا آهن، جتي آپگهاتي بمبارن ۽ بارودي جئڪيٽن جون فئڪٽريون چوويهہ ئي ڪلاڪ پنهنجو ڪم ڪري رهيون آهن. جتان وڏي تعداد ۾ خودڪش بمبارن جون کيپون تيار ٿي پوري ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي رهيون آهن. ۽ اهي مدرسا نهيا ڪٿان آهن...؟؟ سائين تاج علي شاهہ ٻڌائي ٿو تہ:

چوريءَ، زوريءَ، وياج خوريءَ مان خدا جا گهر نهيا،
مولوين ملت ڪري، جوڙي ڪٽي جائز ڪيا!

جتان نفرتن جو ٻج ڇٽيو پيو وڃي، جتان منافقت، هٺ ڌرمي، اڻ سهپ ۽ مخالفن لاءِ ڪفر جي فتوائن جا سرٽيفڪيٽ عام جام پيا ملن، جتان انسانيت کي تقسيم ۽ تباهه ڪرڻ جو ڪم وڏي پئماني تي جاري ۽ ساري آهي، افسوس ته ڪجهه سماجي فيڪٽرن جهڙوڪ غربت، جهالت، گهٽ تعليم ۽ مذهب جي منظم مُلاڻي رُخ جي تبليغي تال ڪان بتال ٿي عام ماڻهن جي به اوڏهان پرمار آهي. مدرسن ۾ طالبن جو تعداد روز بروز وڌندو پيو وڃي. ٻئي طرف هي صوفين جون درگاهون، اهي امن محبت جا مينار، جتي آهستي آهستي ايندڙن جو تعداد گهٽجندو پيو وڃي. آئون ائين نٿو چوان ته اتي صفا ماڻهن اچڻ ئي ڇڏي ڏنو آهي، پر مدرسن، تبليغي مرڪزن ۽ ملن جي اجتماعن جي مقابلي ۾ ته يارو! اسين گهٽ ٿيندا پيا وڃون نه...! هڪ طرف تصوف جي طور طريقن جي بنهه ويجهڙو جيڪي سيڪيولر جماعتون آهن، ترقي پسند تنظيمون آهن، اهي آهستي آهستي سُڪڙجي سوڙهيون ٿي رهيون آهن، جيڪي ڪڏهن انتهاپسنديءَ آڏو بند ٻڌيل هيون، اڄ خود انهن جي آڏو بنياد پرستي/انتهاپسندي بند ٻڌجي رهي آهي- اهو سڀ ڪجهه آخر ڇو پيو ٿئي...؟ اهو انڪري پيو ٿئي جو سياست جيڪا خود خدمت جو درجو رکي ٿي، انڪري عبادت ٻڌجي پئي ٿي، ان جو هت ڄاڻي واڻي برو حشر ڪيو ويو آهي. هن خطي ۾ سياست معنيٰ ڪوڙ ٺڳي، منافقي، ڪرپشن ۽ ڪرسيءَ جو حصول ٻڌائي وئي آهي. ان سياست کي وري مذهب سان گڏايو ويو آهي. هت نظر نه ايندڙ هٿن سياست ۽ مذهب کي پاڻ ۾ ائين ملائي ڇڏيو آهي جو جڻ ته پٽائي صاحب جي لفظن ۾:

هٿا اڳيئي گڏ، پر ٻُڏڻ ۾ به ٿيا!

هاڻ حالت اها آهي ته هر سياسي جماعت جو اڳواڻ ملو ۽ هر مذهبي جماعت جو اڳواڻ سياستدان ٻڌجي پيو آهي، جن وري ماڻهن جي





ذهنن ۾ الله ۽ رسول جي مذهب جو نه، پر جاهل ملن جو پيدا ڪيل زهر پري ڇڏيو آهي. اهي جنت جي حورن جي حسن جي اهڙي ته تشريح ڪندا آهن جو ٻڌندڙن جي ذهنن ۾ جنسي تصور پيو اپرندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته ڪيترن جا وضوئي ٽٽي پوندا آهن. نتيجي ۾ عبادتون الله تعاليٰ جي رضامندي لاءِ نه، پر حورن/غلمانن جي حاصلات لاءِ پيون ٿين.

سياست مان جڏهن کان سائنسي اصولن کي بيدخل ڪيو ويو آهي ته نتيجو "تباهي" اسان ۽ توهان جي سامهون آهي. هڪ گهري سازش تحت تعليم انتهائي مهانگي ڪئي وئي آهي. پيو گذريل ٽن- چئن سالن کان وٺي ڪرونا جي آڙ ۾ اڪثر وقت تعليمي ادارن کي تالا هڻڻ جو گورنمينٽ سچو ڪوڙو جواز گهڙيو ئي ويٺي آهي. پرائيويٽ اسڪولن جون ڳاتي توڙ فيون آهن. سرڪاري اسڪولن کي پوتارن ٻج ۽ ڪلر جا پانڊا ٻڌائي ڇڏيو آهي. ميرٽ جي لتاڙ ڪري استاد سياسي بنيادن تحت ڀرتي ڪيا پيا وڃن. سياسي وڏيرا پنهنجن مئنيجرن، منشين، ڪمدارن ۽ انهن جي اڻ پڙهيل ۽ جاهل اولاد ۽ پنهنجي "جيءُ حضوري" ٻولڙين ۽ واٺن کي استاد ڀرتي ڪرايو ويٺا آهن، ته جيئن اليڪشن جي موسم ۾ اهي کين ڪوڙا ٺپا هڻي دٻا ڀري ڏين، جنهن ڪري نه شعوري جاڳرتا جي اوسر ٿي ٿئي نه بهتر نتيجا ڏيندڙ تعليم ڏيڻ جو شعور ٿو وڌي ۽ ويجهي. نه ڪچڙو ذهن بري ۽ ڀلي جي تميز جي فرق کي ٿو سمجهي. نتيجي ۾ هر روز ڪٿي نه ڪٿي ڪو وڏو ڌماڪو ٿو ٿئي، ماڻهو مرن ٿا، لاشن جا ٽڪرا ٽڪرا ٿي اڏامي وڃن ٿا، روڊ، رستا، چونڪ، بازارون اسڪولن تائين به شهر لاشن سان سٿجي ٿا وڃن، ۽ شام جو انهن ڌماڪن جا ماسٽر مائينڊ Master Mind ٽي وي اڳيان ويهي پنهنجي ڪامياب بدمعاشين تي هنبوشيون ٿا هڻن ته ٻئي طرف حڪمران رڳو سڪٽيون مذمتون ڪندا، يا وڌ ۾ وڌ ان ڌماڪي ۽ قتل عام متعلق ڪن

ڪميشنن جوڙڻ جو اعلان ٿا ڪن. هن ملڪ جو اهو به الميو رهيو آهي ته ڪنهن به واقعي تي ڪا ڪميشن ٺهي ته سمجهو اهو مسئلو ويو سدائين لاءِ پاتال ۾ تحقيق ته تحقيق جي ماڳ. مورڳو ڪنهن وڏي مسئلي کي ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ئي نه ڪئي ويندي آهي، ائين هر ڪميشن جو انجام به ڏاڍو برو ٿيندو پئي رهيو آهي. وقت گذرڻ سان گڏ ماڻهن کان نيٺ اهو واقعو ئي وسري ويندو آهي، پر ان جي جاچ لاءِ جڙيل ڪميشن جي رپورٽ منظرعام تي ايندي ئي نه آهي.

ٻئي طرف ذهني مفلوج ٻمبارن جي ذهنن ۾ اهو فتور ڀريو ويندو آهي ته ”توهان جي بٽڻ دٻائڻ سان ئي ڌماڪو ٿيندو ۽ ڌماڪي ٿيڻ سان ئي توهان جنت جي حورن جي هنج ۾ پهچي هندورن ۾ پيا لڏندا، بس دير نه ڪريو! حورن کي توهان مجاهدن جو شديد انتظار آهي...!“ وغيره. جيستائين ماڻهن جي ذهنن مان ان سوچ جو خاتمو نه آڻبو، جيسين ماڻهن جا ذهن صاف نه ڪبا، جيسين ماڻهن جي ذهنن ۾ اها ڳالهه گهر نه ڪندي ته:

هي نفل نمازون،
هي فرض، واجب، سنتون،
هي زهد، تقويٰ، طاعتون،
هي مڙئي عبادتون!

انسان ۽ خدا جي وچ ۾ رابطي جو ذريعو آهن، جيئن توهان خدا جي ويجهو ٿي سگهو، جيئن توهان پنهنجي من ۾ ئي خدا کي پائي سگهو، چو ته عيسيٰ ابن مريم چيو هو ته: ”خدا محبت آهي ۽ محبت ئي خدا آهي.“

اوشوءَ چيو ته ”مان عاجزي کي خدا پرستي سمجهان ٿو ۽ خدا تي اهڙو يقين ئي نجات جو دروازو آهي.“

خدا جيڪو خود محبت آهي، اهو توهان جي دل ۾ ان وقت ئي سمائجي سگهندو، جڏهن توهان جي دل ۾ عاجزيءَ جو اعليٰ ظرف پيدا





ٿيندو، جنهن دل ۾ عاجزي اچي ويندي آهي، ان ئي دل ۾ خدا سمائجي ويندو آهي، ته پوءِ اتي انا يا نفرت رهي نه سگهندي آهي، ڪنهن به مياڻ ۾ ٻه تلوارون گڏ نه رهي سگهنديون آهن، ۽ نه ئي ٻه شينهن ٻيلي ۾ يا ٻه سانهَ پاڏا جوءِ ۾ رهي سگهندا آهن. ائين ڪنهن کي به انهن عبادتن جي غرور ۾ اچي خدا تعاليٰ جي هن فرمان کي وسارڻو ناهي ته ”لا اقراءِ في الدين“ نه ڪنهن کي رب پاڪ جو هي فرمان وسارڻ گهرجي ته ”لَڪُم، دِينَڪُم، وَلِيَ دين“ چو ته مڙني عبادتن کي ”حقوق الله“ جو درجو حاصل آهي، جڏهن ته ”حقوق العباد“ يعني بندن جا حق يا خلق خدا جا حق ان کي ”حقوق الله“ يعني (خدا تعاليٰ جا حق) کان به اُتاهون ۽ بلند درجو حاصل آهي. لطيف سائين چيو ته:

روزا ۽ نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي!

انهيءَ ”ٻئي فهم“ يعني نوڙت ۽ نياز جو درجو عبادتن کان به اتم آهي، تڏهن ته تاج علي شاهه چيو ته:

نوڙت نياز جو درجو، نمازن کان وڏو آهي،
نماز به آ نياز سان، نياز کان سواءِ ناهي،

عمر ساري عبادت ۾، ڪيا شيطان ٿي سجدا،
خدا جي ذات آ زبري، اتي ڪنهن جي حجت ناهي،

وڙهيا جيڪي امامن سان، پڙهيون تن پي نمازون ٿي،
اها ناهي عبادت ڪا، خدا ان کان خفا آهي،

ڪيو رب کي ادا راضي، محبت سان، سخاوت سان،
سخي دوست آهي رب جو، سخيءَ کي ڪال ڪو ناهي!

آهي هي "تاج علي شاھ"، گولن سندو گولو
هينائينءَ جي حقابت ۾، نرمائي ڳرَ نفعو آهي!

ٻئي طرف دنيا جي اڪثر مذهبن جا مڃيندڙ پنهنجي مذهبن کي آفاقي سمجهي ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن سان پنهنجي نينهن جو ناتو ئي ڇني ڇڏيندا آهن. آفاق معنيٰ آسمان، آسماني مافوق الفطرت قوتن جي عشق جي ٻٽاڪ هڻندڙ ڀلا اهو ٻڌائي سگهندا تہ ٻنا ڪنهن نينهن نظاري ڏسڻ جي، عشق جو اعليٰ مقام ڀلا ڪيئن حاصل ٿيندو...؟ انهن جي سمجهه ۾ اجا تائين اها ڳالهه نہ وڃي آهي تہ خدا جي ويجهڙائيءَ جو راز انساني ناتن، رشتن ۽ ان کان بہ اتاهين درجي، محبت جي معراج تي مشتمل آهي، جنهن ماڻهوءَ کي مخلوق سان محبت ناهي، اهو خالق کي ڪهڙي ريت چاهي سگهندو...؟ ڪعبت الله کي خدا جو گهر چيو ويو آهي، پوءِ اهو بہ فرمان جاري ٿيو تہ "هڪ دل ٽوڙڻ ستر ڪعبن کي ڊاهڻ برابر آهي، هڪ انسان جو قتل پوري انسانيت جي قتل برابر آهي" مطلب تہ اهي جنوني ٽولا جيسين انسان جي اهميت ۽ عظمت کي نہ سمجهندا، تيستائين خدا تعاليٰ کي ڪيئن چاهي سگهندا...؟ بقول لطيف سائين جي:

انهن کان الله، اجا آڳاهون ٿيو!

اهو انهن لاءِ ڪيئن ممڪن آهي...؟ ان لاءِ اچو تہ تاج علي شاھ جي آسڻ تي گڏ ٿيندڙ سيئي ساٿي، ان مطلب کي پائڻ لاءِ تاج علي شاھ جي ڪلامِ بحر ۾ ٽٻي هڻي ڏسون، جتي پاڻ کي مطلب جا موتي ملي ويندا ۽ تاج علي شاھ جي فڪر جو فرمان آهي تہ:

عشق مليو سون انعام،
دلبر جي دربار مان!

دلبر جي دربار ۾ داخل ٿيڻ لاءِ اول شرط آهي عشق جو، پر اهو عشق ڪنهن سان...؟ مافوق الفطرت قوت يا اڻڏٺل ۽ لامحدود، لاشريڪ ۽ ٻي





نياز خدا سان...؟ پر خدا تعاليٰ جي خاص مخلوق، خاص تخليق "انسان" سان نہ. خدا جي بهترين تخليق يعني "انسان" خدا تعاليٰ کي ايترو تہ پيارو آهي جو ان کي سجدو ڪرڻ لاءِ خدا پاڪ پنهنجي نوري مخلوق يعني ملائڪن کي بہ مجبور ڪري ڇڏيو هو.

وحدت الوجودي صوفين شاهدي ڏني آهي تہ "انسان ڪُلَ جو جُز آهي، ۽ انسان خود خدا تعاليٰ جي مظهر جو پرتوو آهي." تنهن ڪري انسان سان محبت خود خدا سان محبت آهي. هيءُ لفظ پڙهندي ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن پڙهندڙ کي ذهن تي سوال تري اچي تہ "ڪيئن مڃجي تہ خدا انسان کي انسان سان محبت جي تلقين ڪئي آهي...؟" تنهن ڪري اچو تہ تاج علي شاھ کان ٻڌون، پاڻ ٻڌائي پيو تہ:

عشق جو اعليٰ شان،
عشق انسان صورت تي آيو
ڪٿي اپيچند، احمد سڏائي،
ڪٿي قلندري ٿو ڪار ڪمائي،
هوش عقل حيران، عربي اثبات ٿي آيو
عشق انسان صورت تي آيو!

دلبر جي دربار ۾ پهچڻ لاءِ ڪنهن رنگ، نسل، ڪنهن ڪاري، گوري، ڪنهن ذات پات جو ڪوئي شرط ناهي. قرآن پاڪ چيو آهي تہ: "سنو اهو آهي، جنهن جا عمل سنا آهن، جنهن جو ڪردار سنو آهي، ڪنهن عربيءَ کي ڪنهن عجميءَ تي فوقيت ڪانهي" بلڪل ائين جيئن لطيف سائين فرمايو تہ:

ڪا نہ پڇي ٿو ذات، جي آيا سي اگهي ويا،

۽ تاج علي شاھ نشاندهي ڪئي تہ:

اوهان ڏي سوز مان سهڻا، جو آيو سو اگهايو تو،
منا مننار من مُهڻا، ناتو ان سان نڀايو تو!

سائين تاج علي شاهه ان عشق جي تشريح ڪندي فرمائي ٿو ته: اهو عشق رنگ، نسل، ذات پات ۽ ملت ڪان مٿانهون ۽ بالاتر آهي، فرمائي ٿو ته:

علم عقل جا وير!
رک تون اندر عشق اڪير!
عشق نه ڪافر، عشق نه مون،
عاشق مست فقير،
رک تون اندر عشق اڪير!
عشق نه هندي، عشق نه سنڌي،
عاشق مير امير،
رک تون اندر عشق اڪير!
عشق نه ڪعبا، عشق نه قبلا،
عاشق پير وزير،
رک تون اندر عشق اڪير!
عشق نه لنڊن، عشق نه پئرس،
عاشق هوت امير،
رک تون اندر عشق اڪير!
عشق نه چيني، عشق نه روسي،
عاشق قطب ڪبير،
رک تون اندر عشق اڪير،
عشق نه مذهب، عشق نه ملت،
علي تاج فقير،
رک تون اندر عشق اڪير!

ان عشق ساگر جي ڪامياب غواص اڳتي ائين به چيو ته:

جت عشق وارن احرام ٻڌو،
اتي ڪفر نڪي اسلام لڌو!





# پتنگ ٿي پچون ٿا

## (ڪلام تاج علي شاهه سيد جي فڪر جي روشنيءَ ۾)

راڄ سهيرس ۽ مهاراجا ڏاهر ڪان وٺي اڄ تائين ”وطن جي حب ايمان جو جُزو آهي.“ جي پاداش ۾ شهادتون ماڻيندڙ سوين هزارين سرفروش سنڌ جي شهيدن جو فڪري وارث محترم سائين جي ايم سيد پنهنجي سيني ڪتابن ۾ دعويٰ ڪندو رهيو آهي ته:

”سنڌ کي پنهنجو هڪڙو الڳ عالمي فڪري پيغام آهي، جنهن جا متا آهن. ✻ اتحاد انساني ✻ امن عالم ✻ ترقي بني نوع انسان ✻ ۽ مذهبي رواداريءَ جو پيغام“ جنهن کي هو هنن لفظن سان ٿو بيان ڪري ته:

”سرزمين سنڌ کي اتحاد انساني، امن عالم ۽ ماڻهن جي مادياتي ۽ روحاني ترقيءَ لاءِ هڪ خاص پيغام آهي، ان پيغام جي اسان جي ولين، درويشن تي الامڪان تشريح ڪري ماڻهن جي تربيت پئي ڪئي آهي.“ جيئن ڏنو آ مون“ ۾ اڳتي لکي ٿو ته:

”مسلم صوفين، هن ملڪ ۾ شاهه لطيف جي سرڪردگيءَ هيٺ مذهبن جي بنيادي وحدت جو پرچار ڪري مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ رواداري پيدا ڪئي، جنهن جو عملي ثبوت هتي هندو- مسلم رهاڪن جي باهمي خوشگوار تعلقات مان ملي سگهندو. هندستان جي ٻين حصن وانگر ڇوت ڇات جو مرض سنڌ ۾ ڪوليو به نه ليندو.“

ائين سائين ڌرتيءَ جي درد جي صدا ٻڌجي حافظ شيرازيءَ جي هن شعر:

من هائي هوي، ميڪنم ڪس بشنود يا نشنود!

معنيٰ: (آئون پيو اندر جون آهون ڪريان، پوءِ ڪير ٻڌي يا نہ ٻڌي) جيان پنهنجو نينهن نڀائيندو رهيو.

اچو تہ صوفين جي پيغام مان قومي، عوامي، فڪري ۽ نظرياتي نقطا چونڊي سنڌ جي لڪيل پڙهيل نوجوانن جي اصلاح ڪندڙ صوفي لا ڪوفي محترم سائين جي ايم سيد جي فڪري پيغام ڪي سنڌ جي هڪڙي ٻئي صوفي بزرگ ۽ شاعر محترم سائين تاج علي شاهہ لڪياريءَ جي فڪري پيغام جي روشنيءَ ۾ پڙهي پروڙڻ جي ڪوشش ڪريون! جنهن جي پيغام ۾ بہ پيار، محبت جي پرچار سان گڏ اناالحق جي نينهن جا نعرا بہ آهن تہ انسانذات ڪي محبت جو معراج ماڻڻ جي تلقين جا روشن ڪرڻا بہ آهن تہ عشق۔ وطن جون آذانون ۽ انهيءَ جي آزاديءَ ۽ شاندار مستقبل جا سندر سپنا بہ گونجندا ٿا رهن. ان سلسلي ۾ اچو تہ شروعات لطيف سائينءَ ڪان ٿا ڪريون، جيڪو چئي ٿو تہ:

وطن ريءَ ويهي، مون جي گهاريا ڏينهڙا.

❊

واجهائي وطن ڪي، آئون جي هت مياس.

❊

حيف تنين ڪي هوءِ، وطن جن وساريو.

❊

مُيائي جياس، جي وڃي مڙهہ ملير ڏي.

❊

ويندیس وطن سامهون، ملير منهنجو ماڳ

❊

پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پڄنمر ڏينهڙا.





❊

وطن مون ملير، قضا آنديس ڪوٽ ۾.

❊

سندي جا ساٿيهہ، ڪيهہ ڪٿوري پائئيان.

❊

ڪريان ٻي نہ ڪن، ويندیس وطن سامهين.

پنهنجي ڪتاب "سنڌي ڪلچر" ۾ سائين جي ايم سيد لکي ٿو تہ: "هر قوم ڪي هزارين ورهين جي تجربي، تاريخي روايات، ملڪي ماحول وغيره جي ڪري ڪي بنيادي ورثا ميراث ٿي ملن ٿا، جن جي حفاظت ۽ ترقي هو سندس مکيہ فرض سمجهي ٿي، جن جا مکيہ ورثا هيٺيان آهن.

1. وطن ۾ ان جي آزادنہ زندگي بسر ڪرڻ.
2. قومي زبان.
3. قومي ڪلچر.
4. قومي اقتصادي مفاد."

اڳتي لکي ٿو تہ "سنڌ، ان جي زبان، ڪلچر ۽ ڪردار ۽ مفاد سلامت آهن، دنيا جي ٻين آزاد قومن وانگر هنن کي بہ پنهنجي نموني آزاد زندگي گذارڻ جو پورو حق آهي. ڊينمارڪ، فنلينڊ، سوئيڊن، پورچوگال، هالينڊ، سائپرس، لبنان، جارڊن، سيريا، يمن وغيره ملڪ ۽ قومون آزاد ۽ قومن جي سڀا جون ميمبر آهن، سي ڪيترين ئي ڳالهين ۾ هن (سنڌ) کان نہ ايراضيءَ ۾، نہ آباديءَ ۾ وڏا آهن."

اٿين ڪو بہ فرض شناس، آزادي پسند روح جو مالڪ، ڌرتي ۽ ڌرتيءَ وارن جو عاشق ۽ اڳواڻ ذاتي، نظرياتي ۽ عملي طرح پيو سوچيندو ۽ لوچيندو

آهي. اهڙو قومي اڳواڻ ڀاڻ کي عملي طرح ڌرتيءَ کان ڇني ڌار ڪرڻ جو ڪفر ڪمائي ٿي نہ سگهندو آهي. هن جي خوشيءَ جو خمار تہ وطن جي آزاد هوائن ۾ ئي سڪون جون ساعتون ماڻي سگهندو آهي. غلام هوائن ۾ هن جو ساهہ ٻوساتجڻ ۽ من منجهڻ لڳندو آهي. وقت جي وحشي عمرن سيد کي سدائين لاءِ مارئيءَ جيان قيدن ۾ ڪوٽ ڪڙن حوالي ڪري ڇڏيو هو جو لطيف سائين جڻ تہ هن جي روح جي ترجماني پئي ڪئي تہ:

هٿين پيرين پيڪڙا، ڪوٽن اندر ڪير،

❋

قسمت قيد ڪياس، نہ تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،

❋

ڪڍ بندياڻي بند مان، جيئري لاهہ زنجير،

❋

قضا آنديس ڪوٽ ۾، لکئي ڪيس لوهہ،

❋

قسمت آڻي ڪوٽ ۾، هنڌ ڏيکاريم هيءُ،

❋

جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،

❋

هٿين هٿ ڪڙول، هينئڙي پيم هن جا.

۽ پوءِ پڇاڙي جهڙي شاعر جي ذات بہ جڻ تہ سيد جي چپن جي سراپا دعا بڻجي ٿي وڃي تہ:

منهنجي آهہ اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي،

يا





الله ڪر آ جو، وطن ويڙهيچن جو!

ائين لطيف سائين جي ڪلام جي روشنيءَ ۾ جڏهن جديد سنڌ جي مفڪر سائين جي ايم سيد جي عشق جو تعين ڪري وري جڏهن سيد تاج علي شاهہ جي ڪلام کي ٿا پڙهون تہ تاج علي شاهہ انهيءَ ساري صورتحال ۾ عشق کي استعارو ڪٺي چوي ٿو تہ:

عشق وارا ايندا، ويا، خبر سچي ڏيندا ويا،
ونحن اقرب ويڙهي اندر، خالق سان کلندا ويا!

هر دور ۾ وطن ۽ وطن وارن جي عشق ۾ سرشار عاشق ڀاڻ سان ڪوڙ ساريون سچيون خبرون ڪٺي ايندا آهن، ائين تاريخ جي مختلف وقتن تي سنڌمان بہ عاشقن جو اهڙو آواز ايندو رهيو آهي. مثال طور:

ڀاڳو ڀان چيو:

جر نہ ڪتي ڪنگرين، راوَ نہ ڳنڍين ويڻ،
جي گولي ويندي گجرين، تہ بہ چوندا دودي ڀيڻ!

صوفي شاهہ عنايت چيو تہ:

“هيءَ ساري زمين خدا جي آهي،
تنهنڪري جيڪو کيڙي سو کائي”

لطيف سائينءَ چيو تہ:

سئو سرن ڀائي، جي تند برابر توريان،
اٿل اوڏهان ٿئي، جيڏهان ٻيجل ٻرائي!
خليفي نبي بخش “قاسم“ چيو تہ:
سئو سرن ڀائي، وک ونجي هيڪڙي!

شيخ اياز چيو تہ:

ڪانهي ڪا تاريخ ۾، ويڙهہ سوا ٻي واهہ!

تہ سائين جي ايم سيد ٻڌايو تہ:

”سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي، سنڌي قوم آهن ۽ آزادي اسان جو ڪائناتي حق آهي.“

انهيءَ ڪائناتي حق ”آزادي“ کي حاصل ڪرڻ لاءِ خليفي صاحب وڌيڪ چيو تہ:

سوڀ برابر سسيون، توريان تا نہ ترن!

جيئن دنيا ۾ ڪٿي بہ نيڪ مقصدن جي حصول لاءِ ڪوششون ڪندڙ ڪارڪنن جو وڏو انگ سدائين باڪردار، نيڪ ۽ صالح پئي رهيو آهي. ائين ٿي ئي نٿو سگهي تہ مقصد نيڪ هجي ۽ ان جي حصول جي لاءِ ڪوجهي ڪردار جا مالڪ اڳيان اڳيان اچن. يا مقصد نيڪ نہ هجي ۽ ان جي حصول لاءِ باڪردار ڪارڪن سر تريءَ تي کنيو اڳيان اڳيان هجن. تنهن ڪري يقين ڄاڻو تہ ڪنهن بہ انقلاب لاءِ ڪارڪنن جي ڪردار جي روشنيءَ مان ئي ان انقلاب جي چڱي يا مدي هجڻ جو پتو پوندو آهي.

سائين جي ايم سيد جو ڪارڪنن ۽ نوجوانن تي وڏو زور هوندو هو تہ پنهنجي ڪردار کي نيڪ ۽ صالح رکو. ڇو تہ توهان جو مقصد نيڪ، صالح ۽ عظيم آهي. توهان کي ئي سنڌ کي آزاد ڪرائڻو آهي، ۽ آزاد سنڌ کي ئي دنيا جي امامت ڪرڻي آهي، تنهن ڪري وڌ کان وڌ پنهنجي ڪردار کي نيڪ ۽ صالح بڻائڻ تي زور ڏيو ڇو تہ ”آزادي حسن آهي ۽ غلاميءَ کان وڌيڪ ڪا بہ بدصورتي ناهي.“ ۽ ”سنڌ کي انهيءَ بدصورتي مان ڪڍي آزاديءَ جي سونهن بخشي دنيا کي امن ۽ ترقي جو پيغام پهچائڻو آهي.“





سيد چوندو هو تہ ”سنڌ جي تهذيب دنيا جي وڏن مذهبن جو سنگم آهي، سنڌ امن، ايڪتا، محبت ۽ وحدت نوع انسانيءَ جي سرزمين آهي.“ سيد ٻڌائي ٿو تہ ”سرزمين سنڌ جي رهاڪن کي انسانذات جي اتحاد، امن ۽ ترقيءَ لاءِ قدرت طرفان ۽ بزرگن پاران هڪ خاص پيغام آهي.“ انهيءَ خاص پيغام کي معنيٰ جا موتي بخشيندڙن لاءِ ضروري آهي تہ انهن جو نہ رڳو اندر شيشي جيان شفاف هجي، پر انهن جو اخلاق بہ قابل رشڪ هجڻ گهرجي.“

اهڙي ساڳي ڳالهہ سائين تاج علي شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ هنن لفظن ۾ ٿو بيان ڪري تہ:

عشق جي ميدان ۾، مرد مردانا ٿا کپن،
با ادب اخلاق اعليٰ، خان خانا ٿا کپن!

سيد اعظم فرمائيندو هو تہ ”منهنجي ڪارڪنن کي هر هڪ ماڻهوءَ سان محبت، پيار ۽ پنهنجائپ سان پيش اچڻ گهرجي ۽ عوام جي جيءَ ۾ جاءِ جوڙڻ گهرجي“ ڇو تہ نوجوان ئي هر انقلاب جو هر اول دستو هوندا آهن، جن جا جذبا جوان هجڻ گهرجن. تاج علي شاهہ بہ تائيد ڪئي تہ:

قرب ۾ جي ڪهڻ وارا، پاڻ قربن ۾ ڪٺل،
سي سچا سرويچ سهڻا، جوان جانا ٿا کپن!
پاڻ ئي پين ٿا پيار، پي پياري پُڙ ٿيا،
شان تن جو شرف شاهي، شان شانا ٿا کپن!

نہ رڳو ايترو پر اڳتي هلي اهڙن سچن ماڻهن کي نيڪ مقصدن تان هٽائڻ لاءِ ڪيترين ئي تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوندو. انهن کي پنهنجي مقصدِ عظيم تان هٽائڻ لاءِ لوڀ ۽ لالچ جا درياءَ بہ سامهون ايندا، جن کي

مقصد سان لڳاءَ، خود اعتماديءَ، پختي يقين ۽ دل جي عشق سان پار ڪرڻو پوندو. بلڪل ائين جيئن ڪنهن شاعر چيو تہ:

دنيا سڀ درياءَ، ڪو ڪو تارُو تنهن ۾،
هڪڙي لهر لوڀ جي، ٻيو آتش جو آڙاهہ،
گهوري ساهہ پساهہ، تري ويا ان تان مان!

۽ تاج علي شاهہ چيو تہ:

درد جي درياءَ ۾، ٿا ترن، تاريو وڃن،
مٿي آهي مان جن جو، مان مانا ٿا ڪپن!

سيد خبردار ڪندو هو تہ اهڙا انقلابي ۽ يگانا ڪردار جيڪي ڪنهن بہ لوڀ ۽ لالچ ۾ نہ آيا تہ پوءِ انهن کي قيد، ڪڙين، ڪارين ڪوٺين، جيلن ۽ ٿارچر سيلن مان بہ پچي پار پوڻو پوندو. انهن کي انهيءَ مهل لطيف سائينءَ کي پنهنجي رهبر ۽ رهنماءَ ۽ سفر جو سونهون بڻائي ئي اڳيان وڌڻو پوندو تہ:

جي لوڻ لڳين لائيين، چيري چيري چم،
مون ڪر اڳي نہ ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرت پنهوار سين!

ان صورتحال ۾ سائين تاج علي شاهہ سن واري سائينءَ واري ”وندر جي واٽ“ جو سونهون ٿي ڏاهپ سان رستو ڏيکاريندو ٿو هلي تہ:

نظرون جن جون نور پريون، پاڻ نظرن ۾ نوازيل،
مچ ڏسي جي ڪين مڙيا، پتنگ پروانا ٿا ڪپن!

ان وقت بودلائي بادشاهہ اهڙن شوقيہ عاشقن کي تنبيهہ بہ ڪري ٿو تہ جي توهان جيلن، ٿارچر سيلن، ڦاهي گهاٽن، گولين جي اسڪواڊ ۽ ٽئنڪن جي منهن ۾ وڃڻ کان گهٻرايو ٿا تہ پوءِ توهان کي اڳواٽ ئي





تاڪيد ٿي تہ پوءِ اهڙي نلهي زباني دعويٰ بہ نہ ڪريو...! وطن جو عشق ڪو زباني دعوائن سان ٿيندو آهي ڇا...؟ اهو تہ:

جان جان دعوا دم، تان تان پرت پنهنوار سين!
(شاهہ)

جيان ٿيندو آهي، اتي ماڻهوءَ کي بوبي سينڊس نگوين ڊڪ ٿوان، اشرف دهقاني، روپلو ڪولهي يا هيمون ڪالاڻي ٿيڻو پوندو. جي نہ تہ لطيف سائين جي لفظن ۾:

سڏڙيا شرابن جون، ڪوهہ پچارون ڪن؟
جي ڪات ڪلالن ڪيڍيا، تہ موٽيو پوءِ وڃن!
ٻِڪون سي پين، سرجنين جا سٽ ۾!

تڏهن تاج علي شاهہ چئي ٿو تہ:

سر جي نٿا سهايو، عاشق متان سڏايو،
جندڙي ڪٽي ڇڏايو، عاشق متان سڏايو!

هو ور ور ڏئي خبردار ٿو ڪري تہ:

عشق ڏکيو آ ڏاڍو، جيئن ڪاني وڍي ٿو واڍو،
ڪري پڄو ميان! ڪاڍو، ڪنڌ جي نٿا ڪپايو!

اڳتي وڌي اجا بہ هوشيار ٿو ڪري تہ:

عشق قلب ٿو ڪاڙهي، سوريءَ سڏي ٿو چاڙهي،
سڪ ۾ رڳو ٿو ساڙي، پاڻ چو نٿا پچايو!

سنڌ جي ٻنهي ڪنڌين جا ڪارڙي سنائي سيد توڙي لڪياري لال ٻئي سيد سڄورا ٻڌائين ٿا تہ عشق، وطن جي آزمائش ۾ انقلاب جي پروانن کي ائين ڪڏي ڪاهي پوڻ گهرجي، جيئن لطيف سائينءَ ٻڌايو آهي تہ:

پتنگ چائين پاڻ کي، تہ اچي آڳ اجهاءِ،

پچڻ گهٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ،
واقف ٿي وساءِ، آگ نہ ڏجي عام کي!

جيئن سهڻي سرسير ۾ ستيندي ڪنهن بہ ڪچي پڪي جي ڪل ڪانہ ٿي رکي، هونئن بہ عاشق نينهن جا نتيجا اڳواٽ ڏسڻ جا قائل نہ هوندا آهن، جن کي پنهنجي عشق ۾ ائين هئڻ گهرجي، جيئن پنهنجي هڪ وائيءَ ۾ لکياري لال فرمائي ٿو تہ:

عشق ڪيو انڌلت، جهٽ پٽ،
ڪل ڪچي جي ڪانہ پئي!
آئي آڌي رات جو،
گهير نہ جاچي گهٽ، جهٽ پٽ.
ڪل ڪچي جي ڪانہ پئي،
پيلو پڇي پيو بحر ۾،
ڳُنن ڪيو ڪڙڪٽ، جهٽ پٽ،
ڪل ڪچي جي ڪانہ پئي،
هڪ اوندهہ انڌوڪار هو،
ٻيو درياءَ جو ڏوڏٽ، جهٽ پٽ،
ڪل ڪچي جي ڪانہ پئي،
ساهڙ سهڻيءَ سير ۾ مليو،
ميهر سنڌءِ مٽ، جهٽ پٽ،
ڪل ڪچي جي ڪانہ پئي،
"تاج علي شاهہ" تار تڪ ۾،
ٻئي وچي ٿا ٻٽ، جهٽ پٽ،
ڪل ڪچي جي ڪانہ پئي!





تاج علي شاهہ اهڙن سِرَ ـ گهور عاشقيءَ جي دعويٰ ڪندڙن کان پڇي ٿو تہ جيڪڏهن انهيءَ عشق ۾ اچا ڪچا آهيو تہ پوءِ...؟ خبردار...! پهرين:

گهيڙ گهڙڻ جي رمز سکي وٺ،
ترڪڻ ٿئي هت توڙا، پيچ گوڙا،
جهنگ ڇڏي تون، وٺ ڪوچارو،
ڪيچ هلندو، ڪمرو، ڪارو،
لهرون اڳيان ٿئي لوڏا پيچ گوڙا!

وقت جا اهي سچا پچا عاشق، جيڪي عشق جي هر ميدان ۾ ثابت قدم ٿا رهن، اهي ئي پنهنجي ڪامل ڪردارن سان قومن جي دلين جي دفترن جي صفحن جي سونهن ۽ صداقت جي سونهري اکرن ۾ پنهنجي جاءِ جوڙي ٿا وٺن، توڙي جو ظاهري ڪمزور ۽ ڏٻرا ڏيل پلي ڪٺي تيليءَ جهڙا هجن، پر ٿنڀ بڻجي تاريخ ۾ تاحيات جيئندا ٿا رهن، انهن تي ئي قومون فخر ڪنديون آهن تہ اسان کي عشق-وطن جي سفر ۾ جيڪي محب مليا، سي مٽيادار ئي مليا.

"تاج" عليءَ جي جهوليءَ جهڪيو، عشق ڏنا اولارا،
تيلي هئاسين، ٿنڀ ٿياسين، محب مليا مٽيارا.

سيداعظم پنهنجي فڪر ۾ اهو صوفي لاڪوفي هئو جنهن جي نظرياتي شعور ۾ عدم تشدد ۽ اهنساءِ کي وڏي اهميت هئي، هن جو فڪر تاج علي شاهہ جي هنن سٽن جي تصوير هو:

دلبر ملي ٿو دم دم، نوڙت ۽ نياز سان،
راضي ٿئي ٿو رانجهن، اهڙي ئي آواز سان!

سيد جي صوفي لاڪوفي هجڻ جو ساکي شيخ اياز جو قلم بہ آهي، اياز جيڪو ويهين ايڪيهين صديءَ جو ڀٽائي صاحب کانپوءِ وڏو شاعر

هجڻ سان گڏوگڏ اعليٰ پائي جو نثرنگار، مفڪر، عالم، ڏاهو دانشور ۽ دنيا جي تاريخ کي پڙهي پنهنجي دور رس نگاهه سان مستقبل کي پنهنجي من جي روشنيءَ ۾ صحيح سمجهڻ جو ڏانءُ رکندڙ به رهيو. سو لکي ٿو ته:

"مان چاهيان ٿو ته جي ايم سيد تي نظم لکان، هي وحدت الوجودي، هي صوفي لاڪوفي، هي اڏو گابرو ساميوادي ۽ پڪو ديش ڀڳت، هي ماکيءَ کان مٺڙو، وهه کان ڪڙو ماڻهو مون کي هڪ جهوني بڙ وانگر لڳندو آهي. جڏهن سج تامڙي هٽي ويندو آهي، تڏهن هن جي ڇانوَ وڏيڪ گهاٽي ٿي ويندي آهي. مون ان جي ڇانوَ ۾ ڪيئي پکيئڙا پر پساريندي ڏٺا آهن. مان ان وقت جي انتظار ۾ آهيان، جڏهن عقاب انهيءَ بڙ مٿان ڦيرا ڏئي تتل سج کي تيز نظرن سان گهوري ڏسندا."

۽ محترم عبدالحڪيم "ارشد" صاحب لکي ٿو ته:

"جي ايم سيد رڳو برصغير هند و پاڪ جي مهان شخصيت ئي نه هو، پر هو سڄي ايشيا کنڊ جي تمام وڏي شخصيت هو۔ هو نه رڳو سنڌي قوم جو نجات دهندو هو، پر سڄي دنيا جي مظلوم قومن جي آزاديءَ، خودمختياري جو وڏي ۾ وڏو علمبردار هو. هو دنيا ۾ امن، ايڪتا، احترام، انسانيت جو پرچارڪ، تمام وڏو مفڪر ۽ آدرشوادي انسان هو، ان هوندي به پاڪستان ٺهڻ کان آخري دم تائين اسٽبلشمينٽ جي عتاب هيٺ رهيو. پاڪستان جي ظالم، بدبخت، نااهل، ڪرپٽ، منافق ۽ ڀهروپي سياستدانن، رياست ۽ ميڊيا جا سمورا ذريعا، وسيلا، اختيار، طاقت ۽ قوت جا سمورا هٿڪنڊا استعمال ڪري سيد جو آواز دٻائڻ ۽ هن جو گلو گهٽڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوءِ به اسان جو سائين پنهنجي آدرشن ۽





اصولن تي هماليه جبل وانگر اٽل ۽ مضبوط رهيو. سنڌس اصولن ۾ تر جيتري به لچڪ نه آئي."

سنڌ جو ناميارو اديب ۽ شاعر محترم مير محمد پيرزادو صاحب سائين جي ايم سيد جي زندگيءَ جو ڇيد ڪندي لکي ٿو ته:

"اسان جي ايم سيد جي زندگيءَ کي باشعور ٿيڻ کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين جانچي ڏسنداسين ته ان ۾ ڪٿي به بيباڪيءَ کان هٽڻ نظر نه ايندو. اهو لارڊ مائونٽبيٽن اڳيان هججي، جناح صاحب اڳيان هججي، مهاتما گانڌي اڳيان هججي، ملن ۽ مولوين اڳيان هججي، ڪميونسٽن اڳيان هججي، ڪورٽ جي ججن اڳيان هججي، يا ڪنهن به امتحان ۾ مبتلا ڇو نه هججي، پر بيباڪيءَ سببان سنڌس دشمنن کي به ان اڳيان جهڪڻو پيو."

اهي ته هئا سيد جي فڪر جا مبلغ، شارح ۽ پوئلڳ، پر سيد جي زندگي/جدوجهد ۽ سامراج دشمنيءَ جو سنڌس فڪري/نظرياتي مخالف به ان جي عظمت جو اعتراف ڪرڻ کان رهي نه سگهيا آهن.

"سنڌ جي انگريز گورنر هند جي حاڪمن کي رپورٽ ڏني ته سنڌ ۾ اسان جو خطرناڪ مخالف جي ايم سيد آهي، ان تي نظر رکي وڃي."[4] جڏهن ته سنڌس نظرياتي مخالف ۽ جماعت اسلاميءَ جو سنڌي دانشور محمد موسيٰ ڀٽو پنهنجي ڪتاب "پرين جي پچار" ۾ سيد متعلق لکي ٿو ته:

"سيد جي شخصيت جي ڪاٺي منجهان، جيڪا ڳالهه اڏول نظر اچي ٿي، سا اها آهي ته هي ماڻهو فطري طور تي غير معمولي صلاحيتن جو مالڪ انسان آهي، هو انهن ئي ماڻهن منجهان هڪ آهي، جيڪي لکن ۾

[4] ڪتاب: جي ايم سيد ۽ سنڌ جو مستقبل ـ ليکڪ: عبدالخالق جوڻيجو ص 06

ڪروڙن جي آباديءَ ۾ ڪي ٿورڙا، آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هوندا آهن، پر هو پنهنجي صلاحيتن ۽ جدوجهد جو وهڪرو جنهن به پاسي وهائي ڇڏين، اتي حيرت انگيز نتيجا اپري اچن، ۽ سيد به اهڙن ماڻهن منجهان هڪ آهي. اهڙي قسم جي ماڻهن ۾ اڻٿڪ محنت، هر وقت پنهنجي ماڳ ماڻڻ جو اونو ۽ لڳن، طبيعت ۾ آنڌمانڌ، خودداري ۽ خوداعتمادي جو جذبو ۽ مايوسيءَ کان دوريءَ جون وصفون موجود هونديون آهن. سيد ۾ وري اهي سيئي وصفون معمول کان به وڪون اڳتي آهن.“ (صفحو 216)

اِهي اُهي ئي وصفون آهن، جن جي تصوير تاج علي شاهه صاحب هيئن چٽي آهي ته:

هٽي نينهن نعرو، نسنگ ٿي نچون ٿا،
پڇي پاڻ پڙ ۾، پتنگ ٿي پچون ٿا!

❋

ماروءَ سين مدامي، نانگا ٿياسين نامي،
سچا آهيون سامي، پڙ تي پچون ٿا!

سائين تاج علي شاهه جڏهن 25 اپريل 1995ع جي پرهه جي پهر سيد جي سنڌ کان آخري موڪلاڻي به تصور جي اک سان پئي ڏٺي (حالانڪ سائين تاج علي شاهه ته ڪيترائي ورهيه اڳ هيءُ جهان ڇڏي چڪو هو) جو ڪراچي اسپتال ۾ سيد جو عاشق روح فاني جسم مان محبت سان موڪلائي هن ڪي سنڌ ڌرتيءَ جي هنج ۾ ابدي آرامي ٿيڻ لاءِ اڏامڻ جي تياري ڪري رهيو هو ۽ تاج علي شاهه جي ڪلام ڏک جي ان گهڙيءَ جڏهن ته اسان ڪي اها روحاني روئداد پئي ٻڌائي ته:

جهپي دم دائم، ڪري قرب قائم،
سدا توڏي سائم، اکين سان اچون ٿا!





سو تاج علي شاهه جي فڪر جي آئيني مان سيد جي سنڌ وطن جي آزاديءَ جي عشق ۽ ان جي جدوجهد جا تجلا به جاءِ بجاءِ پيا ڏسجن، رڳو پڙهڻ وارو اهڙي ”نينهن جي نگاهه رکندڙ هجي.“

آخر ۾ تاج علي شاهه بودلائي لڪياري سان گڏ ان عاشق، سنڌ سيد اعظم کي به سلام...! جنهن چيو هو ته:

”آئون صوفي آهيان، منهنجي مذهب ۾ نفرت ۽ تعصب حرام آهي، هن سرزمين تي آئون تعصب ۽ نفرت جو نه، پر محبت ۽ رواداريءَ جو علمبردار آهيان، آئون تنازع البقا جي بجاءِ تعاون براءِ ترقيءَ جو قائل آهيان، مون وٽ اها عالمگير زبان آهي، جنهن کي جانور به سمجهي سگهن ٿا، آئون صوفي هجڻ باوجود صوفين جي انارڪسٽ گروهه مان نه آهيان.“

# مولوين ملت ڪري...!

## (ڪلام تاج علي شاهہ ۽ سنڌ جي سيڪيولر پيغام کي لاحق خطرن جي نشاندهي)

هن وقت سنڌ کي ٻہ اهم خطرا لاحق آهن:

(1) سنڌ جي وحدت خلاف اٿندڙ آواز!

(2) سنڌ جي سيڪيولرازم خلاف ٿيندڙ عملي ڪوششون!

پهرين کان پيو وڏيڪ خطرناڪ انڪري بہ آهي جو جڏهن سنڌ جي وحدت تي وار ٿيڻ جون ڪوششون ٿيون ٿين تہ سيئي سنڌي ماڻهو مرڻ مارائڻ جي پرواهہ ڪرڻ کان مٿانهان ٿي:

هڪ جُوءِ، ٻي جوءِ، چڙين ڪين جوان،
اهي پيي انسان، جي ننگن تي نثار ٿيا!
(سچل سرمست)

پوءِ کهڙي بہ سياسي پارٽي، کهڙي بہ مذهبي وابستگي، کهڙي بہ مسلڪ يا فرقي سان واسطو رکندڙ هجن، سيئي هڪ آواز ٿي ٿا وجن تہ:

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو،
سهندو ڪير ميار وو يار!
(اياز)

جنهن ڪري اهو آواز انتهائي موثر بڻجي ٿو وڃي.

جڏهن سنڌ جي سيڪيولرازم جي ڳالهہ ٿي اچي تہ مذهبي/انتهاپسند ڌريون ۽ سيڪيولر ڌريون ورهائجي ٿيون وڃن، ۽ قوم جو تاريخي اتحاد ريزه ريزه ٿي ٿو وڃي، نہ رڳو اهو پر انتهاپسند قوتون اڳتي اچي





مذهبي متپيد کي هٿي ڏيندي سنڌي هندو (جيڪي تاريخي طور سنڌ جا وارث ۽ اصلي سنڌي آهن) انهن کي مختلف قسم جي نقصانن، انهن جي مقدس ۽ مذهبي جڳهين توڙي عبادت گهرن جي پيچ ڊاهہ کان وٺي انهن جي معصوم ڇوڪرين کي اغوا ڪري زوريءَ مذهب تبديل ڪرڻ تائين بہ حرڪت ۾ اچي وڃن ٿيون. ان حوالي سان محترم عبدالخالق جوڻيجو پنهنجي هڪ مضمون ۾ ڳڻتي ظاهر ڪندي لکي ٿو تہ:

”سنڌي قوم جي مستقبل سان لاڳاپيل حال جو هڪڙو نهايت اهم مسئلو رينڪل ڪماري ۽ ٻين هندو نياڻين جي اغوا ۽ زبردستي مذهب جي تبديلي جو آهي. اهو رڳو هڪ يا ٻن ڇوڪرين جي پسند يا ناپسند جو معاملو ناهي، بلڪہ اهو انهن ڪوشش جو علامتي اظهار آهي، جيڪي سنڌ جي سيڪيولر سماج کي مذهبي بنيادن تي وڙهائڻ لاءِ ڪيون پيون وڃن.“

۽ سنڌ جي سيڪيولر سماج کي مذهبي بنيدن تي ورهائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ڪيون پيون وڃن، هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آخر اهي ڪوششون ٿي ڪٿان رهيون آهن....؟ ان جي جواب ۾ محترم عبدالخالق جوڻيجو صاحب لکي ٿو تہ ”انتهاپسنديءَ جي انهيءَ پوت کي پيدا ڪرڻ ۽ ان کي تاتڻ نپائڻ ۾ پنجاب جي بالادستيءَ واري اسٽيبلشمينٽ جي رول کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.“[5]

ڏنو وڃي تہ ”انتهاپسنديءَ جو اهو طوفان جيڪو قبائلي علائقن کان شروع ٿيو تنهن ذري گهٽ سڄي ملڪ کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو آهي، جنهن جو نتيجو ٻرندڙ مسجدون، سڙندڙ چرچ، تباهہ ٿيندڙ مندر، خاڪ بڻيل گهر، ويران مارڪيٽ ۽ سڀ کان وڏيڪ انساني لاشن جا ڍير ۽ سڙيل انساني جسمن جي بوءِ آهي. خدشن کي حقيقت ۾ تبديل ڪندي

[5] عبدالخالق جوڻيجو ڪتاب: پاڪستان ۾ جمهوري جدوجهد ۽قوي سوال ص(صفحو: 67)

انتهاپسنديءَ جو اهو طوفان هزارين سالن کان امن، رواداري ۽ ڀائيچاري سان ڀريل مذهبي ڪٽرپڻي کان آجي سنڌ جي سرزمين ۾ ڪاهي پيو آهي.“[6]

جنهن ڪري ڪيترائي سنڌي هندو سنڌ مان لڏيندا پيا وڃن. جيڪا سنڌين کي سنڌ ۾ اقليت ۾ آڻڻ/تبديل ڪرڻ جي خطرناڪ سازش آهي، جنهن ۾ عملي طور اتر سنڌ جا خاص انتهاپسند پنهنجي غنڊن جي لشڪرن سان هر وقت هڪيا تڪيا حاضر آهن. جنهن سان سنڌ جيڪا هزارين سالن کان مذهبي مت ڀيد ۽ ڪٽرپڻي کان متاثهين رهندي آئي آهي، ان جي سڃاڻپ تيزيءَ سان تبديل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جنهن ۾ انتهاپسنديءَ جو عنصر خوب استعمال ٿي رهيو آهي.

سنڌ جيڪا صدين کان تصوف ۽ ويدانيت جي وادي رهندي آئي آهي، تنهن جي رهواسين جي هڪ چڱي خاصي حصي کي انتهاپسنديءَ جي تربيت ڏئي تيار ڪيو پيو وڃي. مختلف مسلڪن جي يونيورسٽين نما وڏن مدرسن جو ڄار وڇايو پيو وڃي. (اها ٻي ڳالهه آهي ته اهي مسلڪ نه پاڻ ۾ ڪڏهن ڪيرڪنڊ ٿيا آهن، نه ئي هڪٻئي جي پنيان نمازون پڙهڻ لاءِ تيار آهن) پر پوءِ به پر واري ملڪ ڀارت ۾ وڌندڙ اقليت دشمن انتهاپسنديءَ جي زور وٺڻ تي هتان جي انتهاپسندن کي هر Reaction لاءِ عملي طور سنڌ ۾ تيار ڪيو پيو وڃي.

اها حقيقت آهي ته پنجاب ۽ پنجاب جو شهر لاهور هر مذهبي مسلڪ/مذهبي فرقي يا فتني جو سينٽر رهندو آيو آهي، هر مذهبي مسلڪ/فرقي جو مرڪز به اتي ئي آهي، ان جي باوجود به اتي سابقه سک حڪمران (جيڪو تاريخ ۾ مسلمانن جو سخت مخالف رهيو هو) ان راجا رنجيت سنگهه جا مجسما سرڪاري طور لڳايا ٿا وڃن. پر اتي جي

[6] عبدالخالق جوڻيجو ڪتاب: پاڪستان ۾ جمهوري جدوجهد ۽ قومي سوال ص(صفحو: 67)





انتهاپسندن پاران ڪو به ري ايڪشن ڏسڻ ۾ نٿو اچي. ان مان لڳي ٿو ته اهي صرف سنڌي ماڻهن کي نفرت جون سٽيون پيارڻ ۽ سنڌ جي سيڪيولرازم توڙي تصوف ۽ ويدانيت تي وار ڪرڻ لاءِ ئي پروان چڙهي رهيا آهن. هاڻ ته عملي طور ٻنهي پنجابن کي هڪ ڪرڻ جون ڪوششون به تيز ٿي ويون آهن. جو سکن لاءِ به ويزا پاليسيءَ ۾ ترميم ڪري انهن لاءِ واڳها بارڊر کوليو ويو آهي، جتان هزارن جي تعداد ۾ سک اچن ۽ وڃن پيا. ٻئي طرف سنڌ جي ورهاڱي وقت لڏي ويل سنڌي هندن سان سکن جهڙي رعايت ڪري رڳو انهن کي هزارن جي تعداد ۾ نه ئي سهي پر چند سئو ماڻهن کي ئي هر سال ڀٽائي، سچل، اڏيري لال يا وسڻ گهوٽ جي ميلي تي اچڻ لاءِ ئي ڪٿي ويزا پاليسيءَ ۾ ترميم ڪري ڪٿي ٿوري نرمي ڪن... ممڪن ئي ناهي. مٿئين ان سڄي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ اسان وٽ جيڪو هٿيار ٿو بچي، اهو آهي سنڌ جي صوفين جي تعليم ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت. لطيف سائينءَ جي سرڪردگيءَ ۾ سنڌ جي هر هڪ صوفي شاعر پنهنجي دور رس نگاهه سان صدين، سالن کان مٿئين قسم جي خطري کي محسوس ڪندي پنهنجي پنهنجي وقت ۾ پيار ۽ محبت جي فڪر جي پرچار پئي ڪئي آهي.

ان سلسلي ۾ اسين پنهنجي بزرگ صوفي شاعر سائين تاج علي شاهه جي فڪر تي نظر ڦيرائي ڏسنداسين ته اتان به اهڙيون ئي عشق جون آذانون ٿيون گونجن. اتان به اهڙيون ئي صدائون اٿي سنڌ جي خلائن ۾ تحليل ٿي رهيون آهن. اتان به اهڙن ئي نينهن جي نغمن جي مڌر موسيقي جا آلاپ سنڌ جي سيڪيولر مزاج جي روح جي ترجمانيءَ جي تندن کي ٽپائي رهيا آهن.

تاج علي شاهه مذهب جي نالي/نعري ۾ انسانيت کي ورهائي/ويڙهائي نقصان ڏيندڙن کي ”فاسق“ سڏي جڻ ته سنڌ جي سيڪيولر روح جي صدا ٻڌجي هٿ ڪٽي هڪلون پيو ڪري، وڏي

واڪي چٽي پيو تہ ”منهنجي سنڌ وطن ۾ اهڙي خطا ۽ خاميءَ جي ڪنهن کي بہ اجازت نہ ڏبي.“

(ف)ئون فاسقن کي، سڌاري سامي،
متان ڪري ڪو ملڪ ۾، خطا ۽ خامي،
سڌ ڪيو سامي، هٿ ڪنيو هڪلون ڪري!

انهيءَ حوالي سان اسان جو شاعر فڪري، نظرياتي ۽ تخليقي هٿيار سان ڪاربند ٿي هر وقت هوشيار آهي. هو تہ دعويٰ ٿو ڪري تہ ان حوالي سان اسان ساميئڙن جي اڳواٽ ئي اهڙي سکيا/تربيت يا ٽريننگ جي تياري ٿيل آهي.

ڪاف ڪرامت ڪار، ”سکيا“ ساميئڙن جي،
ڏيندا وتن ڏيهہ کي، مجوتيءَ جي مار،
پري پراهين پنڌ تي، سامي ٿيار سوار،
ڪل جڳ جهان ڪاپڙي، ڪاهي ويا قطار،
حاذق ٿيا هوشيار، تهدل ”تاج علي“ چوي

هو چوي ٿو تہ قوم ۾ تفرقو وجهندڙ ۽ پنهنجي ئي قوم جي اقليتي حصي کي اهنج ڏئي آزاريندڙ ڪي دين جا سڄڻ ٿورئي آهن. نہ وري انهن کي محمدي مذهب جي ”م“ جي ئي ڪا خبر آهي، انهن جي اهڙي سنڌ، سنڌي ۽ انسان دشمن عملن جي پاڳل پٽي کي ٻاهران ملندڙ پئسي ئي وڌايو آهي. اهي الله پاڪ پاران نبي پاڪ هٿان موڪليل دين جي واٽ ڇڏي لوڀ ۽ لالچ ۾ مدرسن لاءِ ملندڙ پئسن لاءِ انڌا ۽ اناڙي بڻيا بنجي ذاتي مفاد حاصل ڪري مذهبي سياست جا سانگ رچائي رهيا آهن.

ڍري ڍري ڍونڍ تي، ڳجهون ڳاروڪن،
ڪتا، ٻلا، ڪانگڙا، هڏيءَ تي هرڪن،
هڏا ڪنيا هوڏن، لائق لڪياري چوي!





هر فڪري طرح پختي اڳواڻ جيان سائين تاج علي شاهہ اميد جو دامن بہ هٿان نٿو ڇڏي ۽ سنڌي ماڻهن کي ٻڌائي ٿو تہ انشاءَ الله تعاليٰ جلد اهڙو وقت بہ ايندو ۽ اچڻ وارو آهي، جو انهن انسانيت جي ويرين کي پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻا پوندا. پوءِ اهي رڙيون دانهون ڪري گهڻو ئي اونائيندا، پر تيسين گهڻي دير ٿي چڪي هوندي.

(و)ئون واٺ الله جي، لُچن لتاڙي،
دنيا ڪارڻ دين ڇڏي، ڪوڙايئون ڪياڙي،
دشمن ٿيا دين جا، برا ۽ پاڙي،
تڙين ”تاج علي“ چوي، نہ ٿي پٽين پڇاڙي،
اڄڪلهہ اوناڙي، اجها ٿي پوي انهن ۾!

سائين تہ سرعام ٻڌائي پيو تہ ائين اسلام آهي ئي ڪونہ. جيئن اهي ملان ٿا ماڻهن کي ٻڌائين. اهي تہ اُهي ئي ذهن آهن، جو الله هڪڙو، رسول ﷺ هڪڙو، ڪعبو هڪڙو، قرآن هڪڙو پوءِ بہ هڪڙي حقيقي دين کي چئن حصن (مالڪي، شافعي، حنبلي ۽ حنفي) ۾ ورهايو وينا آهن.

(الف) ادا اسلام ۾، وڏو ملن وڌو چڪر،
شهہ ڏئي شيطان کي، جوڙئيون چئن مذهبن جو چڪر!

(ب) برابر مصطفيٰ جو، دين هڪڙو ڌرم هڪڙو،
ڪي ٽڙيا توڙئون تڙيا، سڌو ويا جهنم سفر!

وري بہ اچون ٿا انهيءَ انسان دشمن ٽولي جي مردار مزاج ڌانهن تہ تاج علي شاهہ ٻڌائي ٿو تہ هي جيڪو سڄي سنڌ ۾ بنياد پرستيءَ جو ڄار وڇايو پيو وڃي، هي جيڪو سنڌ جي ازلي آواز ۽ فڪري پيغام ”اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني نوع انسان“ اڳيان نفاق، نفرت ۽ جهالت جو بند ٻڌو پيو وڃي، ان بند ٻڌڻ لاءِ سامراجي دنيا جي مختلف ملڪن طرفان ”سنڌ ۾ دين جي خدمت“ جي نالي ۾ ڊالر، يورو، ريال، درهم ۽ پائونڊ جي

برسات وسائي پئي وڃي، جيڪڏهن انهن پئسن مان سنڌ ۾ اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽيون ۽ هنري اسڪول ٺاهيا وڃن ها ته هوند تعليم جي شرح انتهائي شاندار هجي ها، پر تعليم ته شعور ڏيندي آهي، جڏهن شعور اچي ويو ته انهيءَ جاهل جنوني ۽ رجعت پرست ٽولن پنيان لڳندو وري ڪير...؟ ۽ پوءِ ته سامراجي دنيا ڪي سنڌ ۾ مفاد ئي حاصل نه ٿي سگهندا. جيڪي هنن جي حريص نگاهن جي هر وقت سامهون هوندا آهن.

تنهن ڪري انهن سامراجي آقائن، سنڌ وارن انتهاپسندن جي لشڪرن کي سمجهايو ئي اهو آهي ته هن خطي، خاص ڪري سنڌ ۾ ترقي پسند، باشعور ۽ سيڪيولر سوچن جي رستاروڪ ڪري مذهبي فسادن لاءِ راهه هموار ڪرڻي آهي، جيئن فرقن ۾ ورهائي هزارين سالن ڪان زندهه رهندڙ ۽ تاريخ ۾ هزارين هلائن ۽ حملن پوڳڻ باوجود به پنهنجو وجود برقرار رکندڙ سنڌي قوم جي ”اتحاد“ کي ٽڪرن ۾ تبديل ڪري ڇڏجي، ته جيئن انهن جي قدرتي اقتصادي وسيلن تي آسانيءَ سان قبضو ٿي سگهي ۽ ڪا به عوامي مزاحمت نه ٿي سگهي، جنهن ڪم لاءِ پوري دنيا مان ايندڙ پئسي جي سائين تاج علي شاهه لکياري هنن لفظن ۾ پٽ وائکي ڪئي آهي ته:

چوري، زوري، وياج خوريءَ، مان خدا جا گهر ٺهيا،
مولوين ملت ڪري، جوڙي ڪٽي جائز ڪيا!





# جهنڊا جهوليندا

## (ڪلام تاج علي شاهه ۾ اڳڪٿين بابت آگاهي)

اڳڪٿيءَ جو علم زندگيءَ جي وڏي حصي جي تجربن ۽ دور رس نگاهن جو ئي نتيجو هوندو آهي، جيڪو نصابي ۽ ڪتابي علمن ذريعي حاصل نه ٿيندو آهي. اهو قدرت جي هن ”ڪائنات جي ڪليل ڪتاب“ تي وڏي غور ۽ فڪر ڪرڻ ڪان پوءِ ئي ڪنهن ڪنهن گوندر جي گياني ۽ سماج جي سارين اٿلن پٿلن تي گهري نگاهه رکندڙ انهيءَ مهاپرش کي ئي حاصل ٿيندو آهي، جيڪو حال جي هر هڪ تلخ حقيقت ڪان وٺي ماضيءَ جي ماضي توڙي مستقبل جي مستقبل کي پنهنجي من جي آئيني ۾ چٽي طرح ڏسڻ جو ڏانءُ رکندو آهي.

جن کي دور درد جو سبق سور پڙهن،
فڪر ڦرهي هٿ ۾، ماٺ مطالع ڪن،
پنو سو پڙهن، جنهن ۾ پسن پرينءَ کي!
(شاهه صاحب)

تاريخ جي هر دور ۾ سنڌ جو صوفي شاعر قدرت جي ”ڪائنات جي انهيءَ عظيم ڪتاب“ جو من سان مطالعو ڪندو رهيو آهي، جنهن ڪري هر دور جي سنڌي شاعري ۾ اسان کي ڪيئي اڳڪٿيون پڙهڻ لاءِ ملن ٿيون، پوءِ ڪي اڳڪٿيون پوريون ٿيون ته ڪي وري اوچتو رونما ٿيندڙ حالتن جي تبديليءَ جي ڪري پوريون ڪونه به ٿيون آهن، ۽ اجا به پنهنجي پوري ٿيڻ جي پنڌ تي آهن، جيڪو اڳڪٿي ڪرڻ واري جي

اڻپوري شعور جو دخل نہ پر هن ڌرتيءَ تي هزارين سالن کان ايندڙ قدرتي آفتن توڙي رولو ڦورو غير قومن ۽ ويڙهاڪ جنگجو قومن ۽ قبيلن جي اوچتو ٿيندڙ حملن ۽ هلائن جو عمل دخل پئي رهيو آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ فقير عبدالرحيم گرهوڙي صاحب جون پيشنگوين/اڳڪٿيون تہ مشهور پئي رهيون آهن. جن ڪيترين ئي اهڙين اڳڪٿين مان يا پيشنگوئين مان هڪ خاص ڪري هر ماڻهوءَ جي واتان ٻڌبي پئي رهي آهي تہ:

پنڌ ڪتندا، سگ ٽتندا، مند نہ وسندا مينهن،

ڪڏهن ڪڏهن شينهن، سلام ڪندا سهن کي!

ڪي ماڻهو تہ اهو بہ ستو بيت اچا ڏگهو ڪري ٻڌائيندا آهن. موبائيل توڙي انٽرنيٽ پاران دنيا کي صفا سوڙهو ڪري ڇڏڻ جي ڪري، رت جا رشتا پنهنجو تقدس وڃائي ويهڻ جي ڪري، انسان جي فطرت سان هٿ چراند ۽ ٻيلن جي تباهي، بربادي ۽ ماحوليات جي تبديليءَ جي ڪري موسمن ۾ تبديلي جو سبب بڻجڻ جي ڪري ۽ هر ٻئين ٽئين سال ٿيندڙ بلدياتي توڙي عام اليڪشنن جي ڪري جنهن ۾ وڏا وڏا ڏنگ وڏيرا توڙي سردار ۽ پاڻ کي ”شينهن مڙس“ سمجهندڙ ”سهي جي کل“ جهڙن مسڪينن، غريب ۽ ٻي پهچ ماڻهن اڳيان ووٽ وٺڻ لاءِ ٻانهون ٻڌيو ٽوپيون لاهيو ويهڻ جي ڪري گرهوڙي صاحب جي اها پيشنگوئي سدائين پئي پوري ٿئي...! ان ڪانسواءِ گرهوڙي صاحب جون ٻيون بہ ڪيتريون اهڙيون اڳڪٿيون آهن، جيڪي پوريون ٿيون آهن ۽ ٻيون اڃا پوريون ٿيڻ جي پنڌ تي آهن، جيئن سندس هيءَ اڳڪٿي تہ:

جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي قنڌاران جوکو!

جيڪا اڄ ٻئين ٽئين ڏينهن سنڌ جي شهرن (خاص ڪري ڪراچيءَ) ۾ پوري ٿيندي رهي آهي، جو سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾



هڪ سوچيل سمجهيل سازش تحت افغانن جي هٿياربند لوڏين کي ورسايو ۽ وسايو پيو وڃي...! هوءِ هٿيارن ۽ هيروئن جا واپاري (جيڪي نہ رڳو تبديلي پسنديءَ جو راڳ ڳائيندڙ ۽ ”نئون پاڪستان“ جي نالي/نعري تي پراڻي پاڪستان جو ستياناس ڪندڙ حڪمرانن جي هشيءَ تي، پر سنڌ حڪومت جي اسپيڪر آغا سراج درانيءَ جي آشيرواد سان پڻ سنڌ جي والار ڪري رهيا آهن) سي ٻئين ٽئين ڏينهن ڪراچيءَ کانسواءِ بہ ڪنهن نہ ڪنهن شهر ۾ سنڌين جهڙي پرامن قوم جي فردن تي ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي حملا ڪري انهن کي زخمي ۽ بيدرديءَ سان قتل ڪندا پئي رهيا آهن.

جنهن جو نہ تہ صوبائي حڪومت، نہ ئي وفاقي حڪومت ڪڏهن نوٽيس ورتو آهي...! بلڪ! ڌرتي ڌڻين جڏهن انهن افغانن جي حملن خلاف پرامن احتجاج پئي ڪيو آهي تہ پ پ پ جي اسپيڪر آغا سراج درانيءَ جا سنڌي قوم کي ڌمڪين وارا بيان اخبارن ۾ شايع ٿيڻ لڳندا آهن، جن تي پ پ پ جي سنڌي قيادت بہ ڪڏهن ڪو نوٽيس نہ ورتو آهي، ۽ :

جڏهن ڪڏهن سنڌڙي، توکي قنڌاران جوکو!

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ نئين سج نئين طرح اها پيشنگوئي پوري ٿي رهي آهي. ڏنو وڃي تہ سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ اڳڪٿين جي آگاهي اسان کي سمن جي دور يا اڃا ئي اڳي ماموئي فقيرن جي زباني ملي ٿي. روايتن ۾ آهي تہ ستن ئي درويشن هڪ هڪ اڳڪٿي ڪئي هئي تہ:

(1)

هاڪ وهندو هاڪڙو، پڇندي پنڌ اروڙ،

ٻهہ، مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوکڙي!

(2)

وسي وسي آر، جڏهن وچي ڦٽندو،
تڏ ٻاروچاٽو ٻار، پنجن درمين وڪامندو!

(3)

ڪاري ڪاٻاري، جهيڙو لڳندو ڇهه پهر،
مرمچي ماري، سک وسندي سنڌڙي!

(4)

مرمچي ماري، مرمچي کهڙا پار،
هيٺين ڪاريون پوتيون، مٿن ڪارا وار.

(5)

نيرا گهوڙا ڏيرا، اتر کئون ايندا،
گهاگهيريون گسن تي ورهائي ويندا،
تهان پوءِ ٿيندا، طبل تاجاڻين جا.

(6)

لڳندي لاڙان، سونڪو ٿيندو سري ۾،
جڏهن ڪڏهن سنڌڙي اوڳاڻان وٺاهه.

(7)

اچي ويجها ماڙ هئا، ننگر جي آڏار،
پراڻا پرار، نوان اڏج نجهرا.

اهي اڳڪٿيون تاريخ جي ڪهڙن دورن/علائقن/واقعن متعلق هيون...!

پوريون ٿيون يا ايندڙ وقت اجا انهن جي انتظار ۾ آهي...؟ اهو سڀ ڪجهه تہ ڪو تاريخدان ئي طئہ ڪري سگهي ٿو.

ائين لطيف سائين جن جي ذات ۾ ذات تہ هئي ئي سنڌ ۾ سنڌ واسين لاءِ فطرت جو شاندار، شاهڪار ۽ املهه انعام...! اهڙو انعام جنهن لاءِ ڪيئي قومون صدين تائين سڪنديون رهنديون.





اها انهيءَ پيغام جي خوشبوءِ ئي هئي شايد، جنهن کي ڪيترو ئي وقت اڳ رب جا پيارا رسول پاڪ جن عرب جي سرزمين تي محسوس ڪري رهيا هئا (منهنجو پنهنجو خيال آهي تہ) اها انهيءَ پيغام (لطيفي لات) جي خوشبوءِ ئي هئي، جيڪا سنڌ جي طرف کان جنت جي هير جيان نبي پاڪ صلي الله عليہ وآليہ وسلم جن تي گهلندي هئي...!

ائين ڀٽائي صاحب جي ان اڳڪٿي بہ ٿوري ئي وقت ۾ جيئن جو تيئن ساپيان جي صورت ماٽي هئي تہ:

بيگ تنهنجي بيگڙي، ڪونڙيءَ ۾ ڪانَ،
اَٿم آس الله ۾، دل مارينئي مانَ!

ائين ميرن جي دورِ حڪومت جي خاتمي جون اڳڪٿيون وري عمرڪوٽ واري صوفي صادق فقير سومري جي ڪلام ۾ ملن ٿيون.

پورا اٺي پيل، ساري سنڌ صديق چئي،
درياءَ مٿان ريل، ٿوپر اچي ٿپاءِ تون!

افسوس تہ هي بيت اڳڪٿي يا پيشنگوئي ڪان وڌيڪ جڻ تہ گوري سامراج کي سنڌ تي ڪاهه ڪري قبضي ڪرڻ جي دعوت پئي لڳي...!

چون ٿا تہ اتي ئي صوفي صادق فقير کي ڪنهن فقير عرض ڪيو تہ سائين! سنڌ ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟ جو گورو هزارين ميلن کان ڪهي، ڪاهي اچي سنڌ کي پيلي پڙپانگ ۾ تباهه ڪري..؟ روايت آهي تہ صوفي صادق فقير وري ٻيو بيت ڏنو تہ:

پورن اٺي پيل ڪئي، ڪنا ڪنڌارن،
وڃايو وڃن، ساري سنڌ صديق چئي.

انگريزن پاران سنڌ جي چڱي طرح پيل ڪرڻ ڪانپوءِ وارو اشارو ”ڪنا ڪنڌارن“ سورهيہ بادشاهہ شهيد جي سرفروش حُرن فقيرن ڏانهن آهي. جيڪي پير صاحب سورهيہ بادشاهہ جي نعري ”وطن يا ڪفن-

آزادي يا موت“ سان سرشار ٿي وطن جي آزاديءَ جي ويڙهہ ۾ زالين، مڙسين، ٻارين ٻچين ڪڏي ڪاهي پيا هئا. دل ۽ ايمان جي طاقت ۽ مرشد جي دعائن جي طفيل انتهائي مختصر هٿيارن سان آزاديءَ جي اها ويڙهہ وڙهيا جو فرنگيءَ جي لشڪر کي لکڻ جون جايون ڪٿي ويون. هڪ طرف برطانيہ گورنمينٽ (جنهن جي بادشاهيءَ تان سج ئي ڪونہ ٿي لٿو) انهن جا ڪارندا، غدار ۽ لوئيءَ جي لڄ لٿڻ ۾ ڀاڳي ڀائيوار سنڌي وڏيرا، سردار، نمڪ حرام سنڌي سيٺيون ۽ وياج خور ديوان، چمچا، چغلخور، جيڪي ”سر“ ۽ ”خان بهادر“ جي لقبن لاءِ سنڌ سان غداري ڪندڙ تاريخ جا بدنام ڪردار، جن منٽ منٽ جي خبر پئي انگريز سرڪار کي پئي پهچائي، تنهن ڪانسواءِ هندستان جي مختلف رياستن مان گهرايل ڪرائي جا قاتل ۽ ڀاڙيتو لشڪري تہ ٻئي طرف سنڌ وطن جا جانباز جوڌا ”پيچ پاڳارا“ جي نينهن جي نعري تي سر صدقو ڪندڙ جيجل سنڌ جا محبوب حلالي ٻچڙا. جن خلاف ڌاڙيل ۽ دهشتگرد جا لقب ڏئي غليظ پروپيگينڊا هلائي پئي وئي، جن حرن لاءِ جواهر لال نهروءَ چيو هو تہ ”يلا ڌاڙيل ڪو ريل گاڏيون ڪيرائيندا آهن ڇا...؟ اهي حر تہ وطن جي آزاديءَ جا بهادر گوريلا آهن.“ سامراج جي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي ڪٿي اها ساڳي پراڻي پاليسي رهي آهي تہ وطن جي بهادر سپوتن ۽ گوريلن کي ”ڌاڙيل ۽ دهشتگرد“ قرار ڏنو ويندو رهيو آهي. ڌرتيءَ جي انهن سپوت حرن فقيرن جي بهادريءَ کي تاريخ جي ڪتابن ۾ پڙهندي راقم ڪين ۽ شهيد سورهيہ بادشاهہ کي ٽريبيوٽ پيش ڪيو آهي تہ:

اچو! ڪريون انگريز کان، پنهنجو پاڪ وطن،
”يا تہ سنڌو آزاد يا، پهريون پاڻ ڪفن“
سورهيہ جي تنهن سڏ کي، مان ڏنو مردن،
اچي ڪل ڪٺ ٿيا، جٿا ڪئين جوڌن،





جذبا جوانن جا ڏسي، مرڪيو محبوبن،
ڀاڄ ڀاڙتين ۾ وجهي، ڪيرايو ميل نچن،
ويري سورهيہ سنڌ جا، لڪيو ڪنڊ ڪنبن،
ماري ملڪ مچائيا، سورهيہ سرويچن،
رڪ وهندي راند ۾، پوئتي ڪنڌ نہ ڪن،
گولين، بم، بارود ڏي، وڏيو وک وجهن،
لوڙها، ڦاهيون، ڪاراپاڻي، پسيو مڙس مچن،
آزاديءَ جي آڳ کان، سانديا سر نہ تن،
پسي مَڄَ نہ موٽيا، پٽنگ جيئن پچن،
مرد رهيا ميدان ۾، گيدي گهر مرن،
آهن اڄ اتهاس ۾، اوچا ڳاٽ انهن جا،
وڙهي ويڙهہ وڏاندري، پاتا هار حرن،
مرشد ۽ مريدن، شان شهادت ماڻيا!

ذڪر پئي ڪيوسين صوفي صادق فقير جي اڳڪٿيءَ جو تہ:

پورن اٿي پيل ڪئي، ڪنا ڪنڌارن!

بيت جي ٻي سٽ تہ:

وڃايو وڃن، ساري سنڌ صديق چئي!

حرن جي گوريلا ويڙهہ کان پوءِ انگريز هيءَ ڌرتي ڇڏي تہ ضرور ويا، پر ويندي ويندي سنڌ جي ”آزاد حيثيت“ ئي وڃائي ويا. سنڌ جنهن تي انگريزن آزاد ملڪ جي حيثيت ۾ قبضو ڪيو هو، ٿيڻ تہ ائين گهربو هو تہ ويندي ويندي فرنگي ان کي ان ئي ”آزاد سنڌ“ جي صورت ۾ ڇڏي وڃن ها، پر ان جي ابتڙ ان جي هزارين سالن واري آزاد ملڪ واري حيثيت ئي ختم ڪري هليا ويا...!

اها صوفي صادق فقير جي اڳڪٿي:

وچايو وڃن، ساري سنڌ صديق ڇئي!

پوري تہ ٿي پر...!

ائين تاج علي شاهہ جي ڪلام تي باريڪبينيءَ سان نينهن ڀري نگاهہ وجهنداسين تہ هن جي شاعريءَ ۾ بہ ڪيترين ئي اڳڪٿيون بيان ٿيل آهن، جن تي يا تہ اسان جو ڌيان ئي نہ ويو آهي، يا تہ اسان انهيءَ جي ڪلام کي عشق واري اک سان پڙهيو ئي ناهي. هن وٽ بہ ڀٽائي صاحب واري درد جي دانهن ۽ ڀٽائي صاحب واري شعور جو تسلسل ساڳيو ئي آهي تہ:

سُٽي تنهنجو سڏ، ڪلهي ڀاتم ڪينرو.

هن وٽ بہ اڄ جي جديد سنڌي شاعريءَ جي امام شيخ اياز جي اڳڪٿيءَ وارو ساڳيو ئي وطن پرستانہ شعور آهي. اياز جنهن کي يقين هو تہ:

نيٺ تہ ڊهندي، ڪيسين رهندي،

دوکي جي ديوار، او يار!

سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو.

مون کي خبر نہ هئي، پر پوءِ معلوم ڪرڻ تي سائين تاج علي شاهہ جي فقير صفت فرزند ۽ انائن کان ڪوهين ڏور گهاريندڙ انسان سائين علي حيدر شاهہ صاحب ٻڌايو هو تہ سائين تاج علي شاهہ جون نہ رڳو سائين جي ايم سيد سان رهاڻيون هيون، پر سائينءَ سان چڱو موچارو واسطو بہ هئن. هونئن بہ سائين جي ايم سيد سنڌ جو اهو جينيئس انسان ۽ ٻهہ ٻهہ ٻاجهہ ڪردار هو جيڪو سنڌ جي صوفي درويشن سان واسطي ۾ رهندو ئي هو. ٻئي سيد سڳورا سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين جي سونهن ۽ سچائيءَ جو سڏ هئا، جن جي هئڻ سان ئي:

جنت الفردوس آهن، ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون! (سرويچ سجاولي)

25 اپريل 1995ع ۾ سيد جي وڇوڙي تي سنڌ جي سڄاڻ ڌرين/شخصيتن پاران سيد جي ڏک کي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سيد جي





چاليهي جي موقعي تي قومي تحريڪ جي ٽن ڌرن جو انظمام ڪرايو ويو، جيڪو ٿوري ئي وقت ۾ ڇهن سٽن گروپن جي صورت ۾ ٽٽي ٽڪرا ٽي/ڪرايو ويو، جنهن ڪانپوءِ سنڌ جي قومي تحريڪ تي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن آيا.

- بشير خان قريشيءَ جي اوچتي شهادت.
- عبدالواحد آريسر صاحب جي وفات.
- شفيع ڪرناٽيءَ جي شهادت.
- باکوڙي موريءَ وٽ سرائي قربان کهاوڙ، روپلو چولياڻي ۽ ساٿين کي زندهہ جلائي شهيد ڪرڻ وارو واقعو.
- شهيد بشير خان قريشيءَ جي ڀاءَ مقصود قريشيءَ ۽ سلمان وڌوءَ کي ساڳي ئي نموني جيئري جلائي شهيد ڪرڻ وارو واقعو.
- مختلف ڌرين پاران سنڌ جي وحدت تي وار ۽ انهن سازشن کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ حڪومتي ڌرين جا سنڌ کي آئين جي آرٽيڪل 149 جا دڙڪا ۽ دهمان.
- ڪڏهن ڪالاباغ ڊئم جي مئل گهوڙي ۾ ساهہ وجهڻ جون ڪوششون.
- ڪڏهن سنڌ سڪائي مختلف نالن ۾ پنجاب ۾ بئراج تعمير ڪرڻ.
- ڪڏهن ٻٽو بلدياتي نظام زوريءَ مڙهڻ.
- ڪڏهن قومي ڪارڪنن جو لاڳيتو ڪنيجڻ.
- ڪيترن ئي قومي ڪارڪنن جا چچريل لاش ملڻ جو سلسلو شروع ڪرڻ.
- ڪيترن ئي قومي ڪارڪنن جو سالن جا سال ٽارچر سيلن حوالي ٿيڻ وغيره

نتيجو...؟ سنڌ جي قومي تحريڪ ۾ ”قيادت جو شديد بحران“ پيدا ٿيڻ.

نہ رڳو سيد جي فڪر وارين تنظيمن وٽ قيادت جي فقدان جي ڪوٽ ٿي، پر فڪر سيد ڪانسواءِ ٻين سنڌ دوست اڳواڻن جهڙوڪ:

- رسول بخش پليجو جي وفات.
- ڊاڪٽر خالد محمود سومري جي شهادت.
- علامہ عزيز الله ٻوهيو جي وفات.

بہ اهڙا واقعا رهيا، جن قيادت واري شديد کوٽ واري خيال کي خوب هٿي ڏني. صورتحال اها وڃي رهي تہ سنڌ جو شعور جيڪو انتهائي اٿل ۾ مستحڪم تہ آهي، پر انهيءَ کي وقت ۾ حالتن مطابق پنهنجي فڪري، قومي ۽ سائنسي انداز سان هلي منزل کي ويجهو ڪرڻ لاءِ ڪا بہ قيادت (Central point) موجود ناهي، پر اياز چيو آهي تہ:

جي راهہ اجل ڪنهن ورتي آ، هن پوءِ ڪئي ٻي پرتي آ،
هيءَ ڌرتي توکي پرتي آ، مهمان هزارين مان نہ رڳو!

سو قدرت جو قانون آهي تہ ڪنهن جي بہ اوچتي وفات/شهادت يا وڇوڙي جي ڪري ڪو قدرت پاران ڪارونهوار رڪجي ڪونہ ويندو آهي. ها! وقتي طرح اهو خال تہ محسوس ضرور ٿيندو آهي، پر پوءِ دير يا سوير ان قيادت جي جڳهہ پوءِ پنهنجي پرتي ڪري ئي ڇڏيندي آهي. هاڻي سوال اهو آهي تہ ڪيئن خبر پئي ۽ ڪير يقين ڏياري تہ مستقبل ۾ سنڌ کي ڪو قومي/عوامي ليڊر ملندو بہ سهي يا....؟

شاعر قومن جي تقدير جي ڪاتب جا مفسر ۽ شارح هوندا آهن. سنڌ جي تاريخي صدائن جو هڪڙو مفسر سائين تاج علي شاهہ بہ آهي، جنهن جي ڏات اڄ 2022ع ۾ بہ سنڌي قوم کي يقين پئي ڏياري تہ هانوءُ نہ هاريو...! مايوسي ڪفر آهي. هو علامتي انداز اختيار ڪندي مستقبل جي اهڙي اڳواڻ کي جوڳي يا "سامي" سڏي اسان کي يقين پيو ڏياري، لطيف سائين چيو تہ:





هي ڪن گاڏاهان وڪٽي، ٻيا ڪي ڳنهيج،
جنين ساڻ ٻڌيج، پريان سنڌي ڳالهڙي.

لطيف سائين جي راهہ جي راهيءَ سائين تاج علي شاهہ جي تخيل مان ڪائي صدا اندر جي ڪنن وارين سماعتن سان ٽڪرائجي رهي آهي تہ:

اجهو ڪي آيو جوڳي جاڻ جهان ۾!
يا
پسو پروانا، جوڳي ايندو جهان ۾!
يا
سامي ايندو سيگهہ ۾، موتي مرجانو!
يا
ادا پئي آيو، جوڳي هن جهان ۾!
يا
سڪن سنجهہ صباح، جوڳي ايندو جهان ۾!
يا
لرزش ٿي لڳي، جوڳي ايندو جهان ۾!

هن کي "جوڳي ايندو جهان ۾" چوندي سنڌ جي موجوده دور ۾ قيادت جي فقدان جي پر ٿيڻ جي اپتري اميد آهي، جيترو آسرو سپاڻ صبح جي سج ايرڻ جي خاطريءَ جو. پٽائي جي لفظن جيان تہ:

سج سپاٽي جا ڪري، سائي ساميءَ روءِ!

جنهن قومي اڳواڻ کي هن جي روحانيت پرکي ورتو هو تنهن ڪري هو قومي ڪارڪن توڙي عام ماڻهوءَ کي بہ ذهني طرح تيار پيو ڪري تہ:

ساميءَ لاءِ سوير، ڪهي پئہ قطار ۾!

چو تہ:

سامي ايندو سيگهہ ۾، موتي مرجانو!

۽ هن جي علم ۾ جيڪي ڪجهہ آهي، ان کي پنهنجي مخفي معنيٰ آهي، جنهن جي عام جي اک کي پلا ڪهڙي خبر...! هو تہ نئين دولتئي ۽ دولت جي نشي ۾ ڏت سرمائيدار ۽ قومن جي قاتل آئين جي پاسدارن ۽ ڌرتيءَ جي سوداگرن کي بہ خبردار پيو ڪري تہ تون جو پئسي جي عشق ۾ انڌو ٿي پيو آهين، جنهن ڪري توکي ”سامي“ جي سرت جي ڪا خبر ئي ڪانهي ۽ وتين ڌرتي ۽ ڌرتي واسين سان دغائون ڪندي قومي گناهن ۾ غرق ٿيندو.

سامي‌ءَ جي سرت ۾، محبت جي معنيٰ.
اڄڪلهہ انسان ڪيا، دولت ديوانہ!
پسو پروانا، جوڳي ايندو جهان ۾.

تاج علي شاهہ اعلان پيو ڪري تہ جوڳي ايندو ڇا...؟ بلڪہ اچيوَ پيو...! جنهن جو احتساب ڏاڍو ڪڙو/اوکو اٿوَ. هو ٻڌائي ٿو تہ تاريخ جو هيءُ طئہ شُده اصول آهي تہ اهو ”جوڳي/سامي“ ڪو اڪيلو يا اوچتو ڪونہ ايندو آهي، پر ان کي هر جاءِ تي انقلابن جي ضرورت ئي آڻيندي آهي، هو ٻڌائي ٿو تہ منهنجي دور رس نگاهہ ڏسي پئي تہ اهو سامي/جوڳي انقلاب ۽ آزاديءَ سان ۽ انقلاب ۽ آزادي ان سان گڏ پيا اچنوَ...! ان جي اڳواٽيءَ ۾ ايندڙ انقلاب عوام لاءِ تہ آزادي ۽ خوشحاليءَ جا سندر صبح ڪٽيو پيو اچي، پر نئين سرمائيدار ۽ سامراج جي هٿن ۾ ڪيڏندڙ لاءِ اهو ”انقلاب“ اهڙو خطرناڪ انڌيرو آهي، جو قوم جي ڪائناتي حق آزاديءَ کان اکيون ڦيريندڙ انڌن ۽ ڪاڻن جون پاڻ ئي خبرون پونديون تہ ڪيئن ٿي تاريخ انهن جي تڪبر کي مليا ميٽ ڪري ۽ انهن جي ”لنڪا جڏهن لُٽبي“ تڏهن ئي انهن جون اکيون کلنديون.

(خ) ئون خطرناڪ، اجهو انڌيرو آيو.





صم بڪم سيگهہ مان، ساميءَ سمجهايو
تهدل ”تاج علي“ چوي، ”لنڪا لٽايو“
اجهو ڪي آيو، جوڳي ڄاڻ جهان ۾!

تاج علي شاهہ بادشاهہ ٻڌائي پيو تہ قومي آزاديءَ واري انقلاب لاءِ قومي ڪارڪنن (جوڳين پنهنجا جيءَ جلائي) خوب تياري ڪئي آهي، انهن جي اهڙي حڪمت عملي عام اک لاءِ سمجهڻ سولي ناهي.

گودڙين جي گامَ، سمجهڻ ناهي سٿري.

تنهن ڪري تاج علي شاهہ انهن عوام دشمن طبقن، انڌن ۽ ڪاڻن قبيلائي دشمنين کي هٿي ڏيندڙ جرڳائي سردارن، سرمائيدارن، جاگيردارن ۽ قوم جي غدارن جي نشاندهي ڪري ”وري وري ورجائي“ انهن کي آگاهہ پيو ڪري تہ اجان بہ موقعو اٿو تہ عوام دشمني، قوم دشمني، ڌرتي دشمني ۽ انقلاب دشمنيءَ کي ڇڏي ڏيو...!

(ج) ئون جوش جگر ۾، جوڳين جلايو
تهدل ”تاج علي“ چوي، وري وري ورجايو
اجهو ڪي آيو، جوڳي ڄاڻ جهان ۾!

سائين تاج علي شاهہ جي هڪ بيت جي سٽ ڪتاب ۾ آهي تہ:

ساوا ڳاڙها سيد چئي، جهنڊا جهوليندا.

ساوا، ڳاڙها، ڦڪا، نيلا، پيلا، گلابي ۽ آسماني جهنڊا تہ ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ لاءِ پلاٽنگ جي حوالي سان کپائجندڙ زمين تي پلاٽنگ ڪرڻ وارا کوڙيندا آهن. تاج علي شاهہ جهڙو قومي، سياسي، سماجي ۽ تاريخي شعور رکندڙ انتهائي سرت ۽ ساڃاهہ وارو مدبر تخليقڪار ۽ پٿائي جي پيچل جيان ڇٽ پٽن سان هٽندڙ ڪلاڪار اهڙي سٽ پلا ڪيئن لکندو...؟ جنهن مان ڪو واضح مطلب ئي نہ نڪري...! مونکي خاطري آهي تہ سائينءَ جي هن سٽ تي ڪمپوزر جي ڪاتي وهايل ٿي

ڏسجي، جنهن سٽ مان هڪڙو لفظ حذف ٿيڻ سان ان بيت جو مطلب ئي مري ويو آهي. ڪمپوزر جنهن جي تاريخي شعور واري علم کان اڻڄاڻائي جي ڪري انهيءَ سٽ مان صرف ”مان“ نڪرڻ جي ڪري اهو بيت سارو تاريخي ۽ اڳڪٿي وارو ”نينهن جو نياپو“ ئي وڃائي ويٺو آهي، اهو بيت جيڪو مڪمل اڳڪٿي آهي، جنهن جي ساڀيان لاءِ سڪندي لطيف سائينءَ چيو هو تہ : ”....پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا.“

اهو بيت اهڙي اڳڪٿي آهي، جيڪا سورهيہ بادشاهہ جي سپنن جي ساڀيان هئي، جيڪا اڳڪٿي سيد جي سندر خواب جي ورونهن جي واٿ هئي، جنهن اڳڪٿي جي ازم تي سوين هزارين سرويچن پنهنجا سر گهوري چڙهيا. اهڙي اڳڪٿي جنهن جي پورائي لاءِ ڪيئي ڪنڌ ڪسڻ لاءِ تاريخ سدائين تيار پئي رکيا آهن، اهڙي اڳڪٿي، جنهن لاءِ اياز چيو هو تہ:

جهول جهلي جنهن وقت پڻائيءَ،
ڪرندا ڪنڌ هزار اوو يار!

هيءَ اهڙين ئي اڳڪٿين مان هڪ اڳڪٿي آهي، جيڪي غير فطري جاگرافيائي هولناڪين کي ميٽي فطرت جي ويجهو ڪنديون آهن، ۽ تاج علي شاهہ جي اها اڳڪٿي آهي تہ:

(ر) ٿون رنگ الله جا، اچا پيي ايندا،
لڪا جي لقاءَ ۾، پڌرا ٿي پيندا،
”ساون مان ڳاڙها سيد چئي، جهنڊا جهوليندا“
پتا پوءِ پيندا، سچن ساميئڙن جا.



# عشق مليو سون انعام

## (ڪلام تاج علي شاهہ ۾ عشق جو املهہ انعام)

مرشد لطيف فرمايو تہ:

آدمين اخلاص، مٿائي ماٺو ڪيو!

ماڻهن جي اهڙي مٿيل مزاج جي شڪايت تہ حمل فقير کي بہ هئي:

هئہ هئہ هئہ هاءِ، محبت وئي ملڪ مان،
جتي قرب ڪمال هو، تتي لاءُ نڪو ساءُ،
حمل چئي هن ڳالهہ جو، ڪونهي سڌ سماءُ،
ڪو جو وريو واءُ، جو ماڻهو سڀ مٽجي ويا!

محبت لڏي وئي ملڪ مان، ڏک وڏو ڏيئي،
ياراڻي يارن مان، وئي ڙي ويئي.

اها تہ هئي حمل فقير جي دور تائين جي ڳالهہ/صورتحال، ۽ هاڻ! پنهنجي سنڌ ساڻيهہ جي جيڪا حالت آهي، اها پاڻ سڀني جي سامهون آهي. هزارين سالن کان آرين، يونانين، ايرانين، تاتارين، عربن، ارغونن، ترخانن، مغلن، پٺاڻن، انگريزن سان ويڙهون وڙهي بہ وجود بچائيندڙ ”موهن جو دڙو ۽ چانهون“ جهڙا شاندار شهر اڏيندڙ پنهنجي قديم تاريخي قوم کي وڏي پلاننگ سان اقليت ۾ آڻي تباهہ ڪرڻ لاءِ ڏارين جون لوڏون آڻي ترقيءَ جي نالي ۾ مختلف ميگا پراجيڪٽ ڻاهي حڪمران حبچي ٽولي جي ذهنيت ساري سنڌ جي ڌرتي ڪڏهن پنج سئو ايڪڙ، ڪڏهن

هزار تہ ڪڏهن پنج هزار ايڪڙن جي صورت ۾ ڪپائي ويرين ڪان والارائي رهي آهي. حڪمرانن پاران ماڻهن لاءِ ايڏي انياءَ تي احتجاج ڪرڻ تي بہ بندش نافذ ٿيل آهي. قديم تاريخي ڌرتيءَ جي والار خلاف احتجاج ڪندڙ ڌرتيءَ جي حلالي فرزندن کي رات جي اونداهين ۾ تہ ڇا، پر هاڻ تہ ڏينهن ڏٺي جي روشنيءَ ۾ سرعام ڪنپي گم ڪري حق ۽ سچ جي آواز بند ڪرڻ ۽ گلي گهٽڻ جون ڪوششون روز جو معمول بڻجي ويون آهن. ٻئي طرف سنڌو درياءَ تي ڏاڙا لڳي ويا ۽ ٻيا اجا لڳن پيا. سنڌ ۽ سنڌو سڪي/سڪڙجي سوڙها ٿي ويا آهن. ٽئين طرف ساري سنڌ خاص ڪري تر سنڌ بدامني جي باهہ ۾ قبيلائي جهيڙن جي آڙاهہ ۾ جلائي پئي وڃي. هتي ٿاڻا، جيل، ٽارچر سيل ۽ ڦاهي گهاٽ باغي نسل سان سٿيا پيا آهن. ڀهراڙيون ڌوهارين ۽ ڌاڙيلن ۽ شهر دهشتگردن جي رحم ڪرم حوالي ڪيا ويا آهن، جتي هٿيار ۽ منشيات اڄ جي ڪلچر جي صورت وٺي بيٺا آهن. انائن جي انڌ جون ديواريون جيئن پوءِ تيئن وڃن پيون اپيون/اوچون ٿينديون. ڪارين راتين ۾ کهاڙيون ڪٽڪن جي سونن سنگن جهڙن حسين جسمن تي رقص ڪرايون پيون وڃن. ڪارنهن جا ٽڪا ڏئي بيڏوهہ پنهنجون مائرون، ڀينرون، لڄون ۽ نياڻيون ڪهڻ ”غيرت جو گُڻ“ سمجهيو پيو وڃي. نام نهاد سردارن ۽ جرڳائي پوتارن جي بيگهي متل آهي. ”غيرت....! غيرت....! غيرت....!“ (اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪڏهن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي نالي ۾ تہ ڪڏهن احساس ڪفالت پروگرام جي نالي ۾ انهن نياڻين ويچارين کي ڏينهن جا ڏينهن شهرن ۾ بئنڪن جي درن تي پٽڪندي ٿيو وڃن تہ بہ خير آ...!)

ڏک جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪالهہ جتي دودي جي دليري ۽ وطن تي سر ڏئي سرهو ٿيڻ ۽ چنيسر جي غداري ۽ وطن فروشيءَ جون ڳالهيون ٿئي ڳائجون، جتي ڪمزور مورڙي جي اٽڏني وحشي مانگر مڇ سان مقابلي جا





قصا ٿي هليا، مارئيءَ جي حب الوطني ۽ وقت جي وحشي حاڪم جي آچن کي ٺڏي ماروءَ سان محبت ۽ سسئيءَ جي همت ۽ بهادريءَ سان ڏونگر ڏورڻ ۽ جبل جهاڳڻ جا قصا هلندا هئا. مومل جي مجاز ۽ راڻي جي راڳڻين تي تارون تپنديون هيون. ليلان جي لاڏ ۽ چنيسر سان چاڳ توڙي سهڻيءَ جي ميهار جي محبت ۾ اوندهہ آڌي رات جو وسندي مينهن ۾ سهہ سياري جي جوڀن ۾ (تنهن دور جي سنڌوءَ شينهن) درياءَ تي اک نہ ٻڏڻ جون توڙي راجا راءِ ڏياچ جا سُر تي سِر ڏيڻ جا قصا گونجندا هئا، جتي نوريءَ جي نياز ۽ نوڙت توڙي سمي ڄام سلطان جو بادشاهي ڇٽ مٿي تي پائي مهاڻن سان گڏجي سارو ڏينهن ڪينجهر تي شڪار جون ڳالهيون ڳائبيون هيون، جتي مچ تي محفلون مچنديون هيون، جتي پلن ڊڳن، ڪارين ڪنڊين ۽ پورين پٽاڙين توڙي ڪُميت ۽ ابلخ گهوڙن جي واڪاڻ هلندي هئي، جتي ميلن، ملاکڙن، ڪبڏي، ڪوڏي ڪوڏي، ٻلهاڙي توڙي همت ۽ مردانگيءَ جا قصا هلندا هئا، جتي ڪنور ڀڳت جون روح پرور ڪافيون گونجنديون هيون، جتي ماسٽر چندر ۽ جيوڻي ٻائي جي مٺڙ ۽ منڙن ٻولن جا آواز گونجندا هئا. افسوس...! اڄ اهي اوطاقون ئي اجڙي/اجاڙيون ويون.

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پٽر ڪک،
آديسي اٿي ويا، پئي اڏامي رک،
سامي ڪٽي سنک، وڃائي واٽ ٿيا!
(شاهہ صاحب)

جتي يڪتارن ۽ ڪڙتالن تي صوفي فقيرن جا ٻول ٻرندا هئا، اڄ اتي منشيات فروشن جا منڊل متا پيا آهن، يا جوا جا جدا جدا رنگ ٿا ڏسجن- نہ رڳو اهو پر تعليمي ادارن جو تقدس تباهہ ڪيو ويو آهي. اتي بہ چوڏاري چرس جي دونهين جي ڌپ واسو ڪندي پئي وڃي. سنڌ جا درسگاهہ

بهترين ڊاڪٽر، انجنيئر، ڪمپيوٽر انجنيئرنگ جا ڪاريگر ۽ سافٽ ويئر سميت مختلف شعبن جا ماهر پيدا ڪرڻ بدران ڳوٺن ڏانهن ڳڀروئن جا لاش ٽا موڪلين. پڙهندڙ نياڻين جا بي آبرو لاش ٽا موڪلن. پڙهندڙن نياڻين جا بي آبرو لاش موڪلي، مٿان وري انهن مارجي ويندڙ معصوم نياڻين کي لڄ بچائڻ دوران قتل ڪري پنکن ۾ انهن جا لاش لڙڪائي خودڪشين جا انهن تي ئي الزام ٽا مڙهجن ۽ اهو سڀ ڪجهه تعليمي ادارن جي سياسي ڪرتا ڌرتائن جي مڪروه خواهشن تحت ٿيندو آهي.

گلن جي موسم ڪليون نہ آنديون،
بهار آندا ٻچن جا لاشا.
(باغي)

اڄ تہ عبادت گهر بہ اسلحي خانن ۾ تبديل ٿيڻ لڳا آهن. قرآن پاڪ فرمائي ٿو تہ:

"انسان سڀئي پاڻ ۾ ڀائر آهن"

۽ قرآن پاڪ جا حافظ ۽ مسلم عالم مخالف فرقن وارن لاءِ "ڪفر جون فتوائون" تہ ڇا پر "قتل جون فتوائون" ٽا جاري ڪن تہ "شيعو ڪافر آ....!، وهابي ڪافر آ....! ديوبندي ڪافر آ....!، بريلوي ڪافر آ....! وغيره وغيره" نتيجو: مسجدون، امام بارگاهون توڙي اسڪول رت ۾ ريٽا ٽا ٿين، جتي مڇر مارڻ جي بہ اجازت ناهي، مڇر کي بہ ڦوڪ ڏئي اڏائي ڇڏڻ جو حڪم آهي، اتي عبادتگاهن ۾ بم ٽا ڦاٽن. انساني خون پاڻيءَ وانگر ٿو وهي. ڏک جي ڳالهہ تہ ايترا عالم سڳورا ڪڏهن ڪن غير مسلمن جي حملن بہ شهيد ڪونہ ٿيا آهن، جيترا مختلف وقتن ۾، مختلف شهرن ۾، مختلف فرقن جي جهادين هن ملڪ ۾ (ڪافر ڄاڻائي) هڪٻئي جا





ناميارا عالمِ دين شهيد ڪيا آهن. ائين مدرسن ۾ طالبن کي دهشتگرديءَ ۽ خودڪش حملن جي تربيت ٿي ملي.

هوڏانهن وري مختلف آفيسن ۾ ويٺل سفيد پوش حضرات، ماڻهن جي مجبورين بدران انهن جي قميسن جي کيسن تي نظرون ڄمايو ويٺا آهن، جن جو دين ايمان "نہ عيسيٰ، نہ موسيٰ، بڙا پيير پئسا" (۽ اهي ئي راشي آفيسر رٽائرمينٽ کانپوءِ وري تبليغي جماعتن ۾ شامل ٿي دين پکيڙڻ جي ذميواري کڻندا آهن) ٻئي طرف بيروزگار نوجوانن جي تمام وڏي فوج بغلن ۾ ڊگرين جا فائيل کنيو وتي ٿي روزي ۽ روٽي لاءِ در در جا ڌڪا کائيندي.

ڊگريون خالي پيٽ سان، رُلندڙ ڪير هئا!
جيون جي رڻ پٽ ۾.
"علي نواز ڏاهري"

بدقسمتي تہ اها بہ آهي تہ مايوس ليکڪن/ ذهنيت پاران اڄ جي نوجوانن کي خودڪشين ۾ رومانس ڏيکاريو پيو وڃي. سکون کي خبر ناهي اغوا ڪري ڪٿي وڃي قيد ڪيو اٿن. امن جي اڇي ڪبوتر جا کنڀ کوهي، رتورت ڪري، خبر ناهي ڪهڙي ڪنڊ وڃي اڇلايو اٿن....! آخر ڇا حالت بڻائي وئي آهي لطيف جي ڌرتيءَ جي؟ آخر ڪنهن جي پلاننگ هيٺ وڃي هنڌ ڪيو. موهن جي دڙي جهڙا شهر تخليق ڪندڙ قوم جي تباهي ۽ برباديءَ ۾....!؟ ان صورتحال مان نڪرڻ لاءِ آخر وڃجي تہ ڪيڏانهن وڃجي...؟ ڏسجي تہ ڪنهن ڏانهن ڏسجي...؟

تڏهن من جي بن مان ڪٿان مور ٿو ٽهوڪي تہ "اڃا بہ هڪ جاءِ آهي، اڃا بہ هن جيءَ جلائيندڙ نٽهڻ اس ۾ من کي سڪون جون ساعتون بخشيندڙ هڪڙو ٿڌو ۽ مٺو چشمو موجود آهي....!" ۽ پوءِ من جي بن مان ايمان جي هوا ٿي گهلڻ لڳي تہ جڏهن بہ من بيچين ٿئي تہ ذهن جي

ڪميت گهوڙي جي واڳ وراءِ ڪراڙ جي ڪنڌيءَ ڏانهن. لطيف سائين جي نگريءَ ڏانهن...! لطيف سائينءَ جي عظيم قومي ڏات جي قيمتي ڪتاب شاهه جي رسالي ڏانهن...! جتي اسان جو لطيف سائين رهبر ۽ رهنماءُ بڻيل آهي، انهيءَ رسالي جي صورت ۾ ئي سنڌ کي پنهنجو هڪڙو الڳ ۽ بهترين پيغام آهي. توهان جي بيچين من کي سڪون جي ڳولا آهي تہ لطيف توهان جو واهرو ٿيو وينو آهي تہ:

ڪن ڪٽ، ڪا پٽ، ڪاپڙي، ڪن جي ڪٽائين،
لاهوتي لطيف چئي، ماڳ نہ مٽائين،
جي خوديءَ کي ڪائين، هلو تہ تڪيا پسون تن جا.

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڪٽ،
دونهان جن دکائيا، هلي مٿي هٽ،
خاڪ جنين جي ڪٽ، هلو تہ تڪيا پسون تن جا.

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن ڍار،
هلن جي هنگلاج ڏي، بابو چڙهي بار،
جي ڪين قبولڻهار، هلو تہ تڪيا پسون تن جا.

ڪن ڪٽ، ڪاپٽ، ڪاپڙي، ڪنوٽيا، ڪن چير،
سدا ويهن سامهان، عاشق اتر هير،
تسا ڏئي تن کي، ساڙيائون سرير،
جي فنا ٿيا فقير، هلو تہ تڪيا پسون تن جا.

۽ پوءِ پٽائي جي مئخاني تي مڌ مان چڪي چڪي اچون ٿا. پٽائي صاحب جيان خوديءَ کي ڪائيندڙ پٽائي جي لفظن ۾: ڪين قبولڻهار، فنا ٿيل فقير سائين تاج علي شاهه جي تڪئي تي، جتي خاڪ فقيرن جي





ڪٽ آهي، جتي عشق جي دونهين پئي دکي، جتي خوديءَ کي ڪائيندڙ فقير تن کي تسا ڏئي، عاشق اتر هير سامهون، تاج علي شاهه جي ڪلام– محبت ۾ گم فنڪارن جي سُرن جي صدائن تي سُرور واري منڊلي مچايو پيا عشق–انسانيت عشق محبوب ۽ عشق وطن جي مچن ۾ پچن...! عين انهيءَ وقت اسين سڪرنڊ جا ڪجهہ اديب ۽ شاعر اتي ٿا پهچون...! تصور جي اک سان ڏسون ٿا تہ تاج علي شاهه پاڻ موجود آهي ۽ اسان جي پهچڻ سان ئي مونن مان منهن ڪڍي، منهن تي نوراني مرڪ سجائي ٻهہ ٻهہ ٻاجهہ سان آجيان پيو ڪري تہ: ”بابا! ڀلي آيا...! جي آيا...! منهنجي آسڻ تي آيا آهيو تہ توهان جي وطن جي عشق ۾ رچڻ پچڻ واري من جا مطلب بہ پورا ٿيا...!“ آئون ڏسان ٿو تہ تصور ئي تصور ۾ سائين تاج علي شاهه اکيون الک ڏي ڪري هٿ کڻي سراپا دعا بڻجي ويو آهي تہ:

تڙ وٺ تاج فقير جي، کهي اچن ڪير،
هٿ هدايت ڦير، اڱڻ تي جي آئيا!

هن جي گهريل دعا اسان جي دل جي يقين جي باغ ۾ سورج مکيءَ جي سندر گل ۾ تبديل ٿيو ٿي وڃي تہ:

تڙ لڳ تاج فقير جي، اڱڻ آئيا جي،
سالم ٿيندا سي، مطلب مليا ان کي!

ان وقت اسان لاءِ تاج فقير جو تڪيو جڻ تہ ”دلبر جي دربار“ بڻجي ٿيو وڃي، جتي تاج علي شاهه فڪر مان فرمان جاري پيو ڪري تہ: ”جيڪي هتي عشق جي اڄ اجهائڻ لاءِ پرت مان پير پري آيا آهن، انهن لاءِ هت خود ”عشق جي پاران“ انعام آهي. ”عشق جو انعام“ هي اهو انعام آهي، جنهن جو ماسو ملڻ سان ئي پوڄارو پُر ٿيو وڃي...!“

عشق مليو سون انعام،
دلبر جي دربار مان!

عشق جون لهرون عاشق چاڙهن،
هام مجازي مرد تا ماڻن،
دل ۾ پيبل ٿم دام،
دلبر جي دربار مان!
روز ازل کان ٻول ٻڌو سون،
قالو بليٰ وارو قول ڪيو سون،
نينهن پڙهايو نام،
دلبر جي دربار مان!
"تاج" عليءَ جي جهوليءَ جهڪيو،
پائي پرين ٿو ليئڙا لڪيو،
گولن جو هي غلام،
دلبر جي دربار مان!

پوءِ دل جي ڪينجهر تي يقين جون لهرون ٿيون ڇوليون هڻن ته من جي مونجهه ڪٽي پهتل دليون يقينن عشق جو انعام حاصل ڪري چڪيون آهن.

عشق مليو سون انعام،
دلبر جي دربار مان،
لطيف سائين فرمايو ته:
حقيقت حال جي، ٻوڙو ٿي ٻڌيج،
انڌو ٿي پسيج، مشاهدو محبوب جو!

آئون اکيون ٻوٽي تصور جي اک سان مشاهدو ٿو ماڻيان ته نگاهن جا پوپٽ تاج علي شاهه سائينءَ جي روضي ڏانهن ٿا پرواز ڪن. جتي سڄي روضي مبارڪ تي ڇڻ ته قسمين قسمين رنگ برنگي ڦول ڦٽي پيا آهن. انهن حسين گلڙن جون روضي کي ڇڻ ته وليون ويڙهجي/وکوڙي





ويون آهن. جتان اڻ کٽ خوشبوءِ وسي ماحول کي معطر بڻائي رهي آهي. جيڪڏهن توهان به اندر جي اک سان ڏسندئو ته توهان کي به روضي تي هزارين قسمن جا اهي خوبصورت گل ئي گل نظر ايندا.

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه، اچي بوءِ بهار جي! (شاهه)

ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ جي آجيان لاءِ خودبخود پاڻ مرادو ڦول ڦٽي پوندا آهن. توڙي جو اها گلن جي ٽڙڻ جي موسم نه به هوندي آهي، ۽ ائين ٿيندو آهي. اوشو چئي ٿو ته: "گوتم ٻڌ جو گذر جڏهن ڪنهن جهنگ مان ٿيندو هو ته سندس گذرگاهه پرسان وڻن ۾ گل ٽڙي پوندا هئا، جڏهن ته اها گلن ٽڙڻ جي موسم به نه هوندي هئي. ها! ائين ته ٿيڻو هو! ماڻهو گوتم ٻڌ کي سڃاڻڻ ۾ غلطي ڪري سگهن ٿا. پر وڻ ۽ ٻوٽا ڀلا غلطي ڪيئن ڪندا؟ انهن وٽ ته دماغ نالي ڪا شيءِ ئي ڪانهي، انهي ڪري گوتم ٻڌ جڏهن به وڻن وٽان گذريو آهي ته انهن ۾ مکڙيون ٽڙي پيون آهن. اهو عمل فطري آهي. ائين ته ٿيڻو هو! ۽ ها اهو ڪو معجزو به ناهي، پر افسوس توهان گلن کي ڏسڻ جي سگهه نٿا رکو، انهيءَ جو سبب اهو آهي ته اهي گل طبعي وجود نٿا رکن... اهي گل ته وڻن جا احساس هوندا آهن. جڏهن گوتم ٻڌ انهن وڻن وٽان لنگهندو هو ته اهي هڪ نئين خوشبوءِ مان نچڻ لڳندا هئا. هڪ مختلف انداز ۾ ٻهڪڻ لڳندا هئا. اها آهي حقيقي معنيٰ ته ڪُل توهان جي سنڀال ۾ آهي ۽ توهان جي ماءُ جيان آهي." اچو ته انهن ٽڙيل گلن کي ڏسڻ جي سگهه رکون_ اهو ئي ته توهان اسان بلڪ پاڻ سيني لاءِ تاج علي شاهه طرفان "عشق جو انعام" آهي.

عشق مليو سون انعام،
دلبر جي دربار مان!

جڏهن اسان اهو انعام حاصل ڪري ورتو ته پوءِ يقين ڄاڻو ته ڪا به مشڪل پنهنجي سامهون اچي ئي نٿي سگهي.

ڪنهن فلسفيءَ جو فرمان آهي تہ ”جيڪو ماڻهو هڪ ڀرپور عشق ٿو ڪري (ذاتي محبوب کان وٺي ڪري وطن تائين) اهو اڪثر بيمارين کان محفوظ ٿو رهي. ان مان ثابت ٿيو تہ مجازي توڙي وطني عشق ۾ بہ ايتري قوت، ايتري شڪتي ۽ طاقت آهي جو اهو دلين کي اهڙي ”قوت مدافعت“ ٿو بخشي جو ڪافي مهلڪ بيمارين کان ماڻهو محفوظ ٿيو وڃي، ڇو تہ عشق ايمان بہ آهي ۽ ايمان جي قوت کان ڪو بہ ماڻهو انڪار ڪري ئي نٿو سگهي.

مرشد لطيف نَنڍڙي عبدالرحيم گرهوڙي صاحب کان سندس مائٽن جي اسرار تي سوال پڇندي چيو هو تہ: پٽ!

جو مڙنئيان موچارو، سو آهي ڪجهاڙو؟

جنهن تي درويش گرهوڙيءَ فوري طور جواب ڏنو هو تہ:

”هڪڙي صحت سرير جي، ٻيو پرين جو پاڙو“

۽ تاج علي شاهہ اڳ ۾ ئي چئي آيو آهي تہ پرين ”وطن“ بہ ٿيندو آهي!

متان ملي ڪا ميار، جيڏيون! جانب جي،

جيڏيون! جانب جي، سرتيون ساٽيهہ جي!

سو عبدالرحيم گرهوڙيءَ مطابق واقعي ئي سرير جي صحت سالم ۽ سلامت هجي، مجازي پرينءَ جو پاڙو هجي، ”وطني پرين“ کان ماڻهو ذهني، دلي، جذباتي توڙي عملي طرح پري نہ هجي تہ ان کان وڌيڪ ٻي کهڙي نعمت...!؟

اهو هر فقير جي پيار جو پئمانو هوندو آهي، ان فڪر کي تاج علي شاهہ ڪيئن ٿو بيان ڪري؟ اچو تہ ڏسون! تاج علي شاهہ بہ چِئي ٿو تہ ”گڏ يارن (هتي جمع جي صيفي ۾ ٿو ڳالهائي، يارن معنيٰ مجازي محبوب ۽ ٻيو سڄڻ کان مٿو ساٽيهہ) سان گذارن هجي ۽ دل ان عشق سان هر وقت لبريز هجي ۽ ان سان گڏ ”عشق بہ هجي تہ ايمان بہ هجي“ فرمائي ٿو تہ:





هڪ عشق هجي، ٻيو ايمان هجي،
دم دم دلبر جو دل ۾ ڌيان هجي!
ترڪ ”تاج علي شاهہ“ دشمن دور هجي،
سڪ، سوز، صنم جو سرور هجي،
گڏ يارن سان گذاران هجي،
دم دم دلبر جو دل ۾ ڌيان هجي!

اچو تہ دم دم دلبر جو دل ۾ ڌيان رکون، تہ نہ رڳو عشق اسان کي انعام ٿي ملندو، پر اهو ايمان جي طاقت بہ ٻٽجي پوندو. جڏهن عشق ايمان جي طاقت ٻٽجي پوندو آهي تہ قيد، ڪڙيون، گوليون، ٽارچرسيل ۽ ڦاهي گهاٽ پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندا آهن ۽ لطيف سائينءَ جي تعليم ماڻهوءَ جو مان مٿانهون ڪري ڇڏيندي آهي تہ:

سڄڻ ۽ ساٽيهہ، ڪنهن اٽاسيءَ وسري!

يا تہ وري:

حيف تنين کي هوءِ، وطن جن وساريو،

۽ اهو ئي تاج علي شاهہ جو پيغام بہ آهي تہ:

”عشق بہ هجي تہ ايمان بہ هجي“

۽ وطن جي محبت ايمان جي نشاني هوندي آهي.

## لطيفي لات جي چانڊاڻ ۾...!

### (ڪلام تاج علي شاهه تي فڪر ـ لطيف جو اثر)

لطيف سائين توڙي ڪٿي هڪ بيت سان رب پاڪ جي وحدانيت ۽ بي انت وڏائي بيان ڪندي آخر ۾ پاڻ سان گڏ پوري انسانيت لاءِ دُعا تي اختتام ڪيو آهي. ٿن سٽن جي انهيءَ بيت جي وچين سٽ آهي تہ:

لطف جي لطيف چئي، تو وٽ ڪمي ڪانہ

۽ اسين وري ان سٽ جي لامحدود فطري سونهن ۽ گوناگون فڪري گهرائيءَ ۾ ائين مستغرق ٿيو ٿا وڃون جو خودبخود عظمتِ لطيف اڳيان نہ رڳو احترامن ڪنڌ جهڪيو ٿا وڃن، پر اهڙي آفاقي فلاسافر، مفڪر، نفيس خيال اٽندڙ ڪائناتي ڪوي ۽ سراپا عشق هستيءَ جي اسان جهڙن مٿان فخر جي هير گهليو من مست ڪريو ٿي وڃي. اهڙو اعتراف/اقرار تہ وڏا وڏا ڏاها ۽ تخليقي عالمي ادبي قوت جا ڪيرٿر پهاڙ جيڏا گهڻ پڙهيا عالم ۽ شاعر بہ ڪن ٿا. مثال طور:

فقير عبدالرحيم گڙهوڙيءَ چيو تہ:

آهي عبداللطيف تي، رضامندو رحمان،
جوڙي جنهن قرآن، سنڌيءَ منجهہ صحيح ڪيو.

تاج علي شاهہ چيو:

برابر برهہ جو بادشاهہ، پٽائي بادشاهہ آهي!

شيخ اياز چيو تہ:

آءُ پٽائي آءُ، تنهنجي ڪيهہ منهنجون اکيون!

تاجل بيوس چيو تہ:





مون وٽ گيت گرا، تو وٽ گل گلاب جا!

اهو اعتراف آهي انهن ۽ ٻين اهڙن الاءِ ڪيترن سنڌ جي وحدت الوجودي صوفين توڙي جديد ترقي پسند شاعرن ۽ عظيم ذات ڏٽين جو تہ هوءِ ادب جي اڀ تي ڪوتا جا چمڪندڙ خوبصورت ستارا تہ آهن، پر لطيف سائين انهن اڳيان چوڏينهن‌ءَ جو چنڊ ٿي بيٺو آهي، جنهن جي آفاقي چانڊاڻ ڪي ماضي بعيد ۾ بہ ڪڏهن ڪو گرهڻ جو منڊ نہ لڳٽو آهي ۽ نہ ئي لڳي سگهي ٿو. تنهن ڪري شاهہ سائين ڪانپوءِ پيدا ٿيندڙ (اڄ تائين بہ) شاعرن پنهنجي فڪري رهبر جي واٽ تي پرهہ جا پنڌ پئي ڪيا آهن، انهن پنڌن جو پانڌيئڙو تاج علي شاهہ لڪياري بہ رهيو آهي، اهو سائين بہ لطيفي لات جي ڪرم جي ڪڪر جي ڇانءَ ۾ سونهاري صبح جي پنڌ جو متلاشي رهندي فڪري طرح لطيف سائينءَ جي قدمن جي نشانن تان وک وک وڌندو رهيو آهي.

اچو تہ ڏسون! تہ هيءُ فقير لطيف سائين جي راهہ جو راهي ڪيئن رهيو آهي ۽ ان واٽ جي ويراڳ مان هيءُ پنهنجو گس گهڙي ان سان نڀائڻ ۾ ڪيترو ڪامياب رهيو آهي؟ چند مثال پيش خدمت آهن، جن ۾ ٻنهي ڪوتا جي ڪاڪ ڏٽين ۾ هڪجهڙائي هجڻ جي باوجود بہ سيد تاج علي شاهہ پنهنجي الڳ فڪري سڃاڻپ جيئن جو تيئن برقرار رکي آهي. مثال: تخليقِ ڪائنات مهل قالو بلىٰ جي قول جي ڳالهہ تہ ڪيترن ئي شاعرن پئي ڪئي آهي، پر لطيف سائينءَ جي تخليق جو معراج اهو آهي جو ان مهل بہ هن پنهنجي وطن واسين/ويڙهيچن سان وچن پئي ورجايو آهي تہ:

لطيف سائين:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيو مَ،
قالو بلىٰ قلب سان، تڏهن تت چيو مِ،
تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سان.

تہ تاج علي شاھہ وري ان وير دلبر جي ڏيان ۾ گم رهي بلڪل لطيف سائين جي پنيان پنيان پيو محسوس ٿئي، جو سندس دلبر بہ وطن جي ويڙهيچن جوئي ڪو فرد آهي.

**تاج علي شاھہ:**

الست بربڪم ارشاد ٿيو، پرور تو پاران،
قالو بليٰ قلب چيو ”تاج علي“ تنهن واران،
دلبر تو ڏاران، ڪجھہ بہ ڪچو ئي ڪين ٿي.

ائين اڳتي هلي بہ هو لطيف سائينءَ جي فڪري طرح پنيان پنيان پيو نظر اچي. مثال طور:

**لطيف سائين:**

اول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنهنجي قدرت سين، قائم آھہ قديم،
والي وحد وحده، رازق رب رحيم،
سو ساراھہ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جون.

**تاج علي شاھہ:**

هاڻي چئو تون هيءُ، الله عالم جو ڌڻي،
منو محمد ڪارئي، مجي مومن ٿيءُ،
وسڪيون وصال جون، وٺان پنجن پيءُ،
تهدل تاج علي چوي، سوڙهيءَ نہ پسندين سيءُ،
ورهائجي پيو ويءُ، سڪ رکي پر سرڪيون.

**لطيف سائين:**

وحده جي وڍيا، الا الله سين اورين،
هينئون حقيقت گڏيو، طريقت تورين،





معرفت جي ماٺ سين، ڏيساندر ڏورين،
سک نہ ستا ڪڏهين، ويهي نہ ووڙين،
ڪلهئون نہ ڪورين، عاشق عبداللطيف چئي!

**تاج علي شاھہ:**

حاڪم حقيقت جا ڌڻي، منجهن ئي معرفت،
تري چڙهيا طريقت مان، شوق تنين شريعت،
نڪو شرڪ شرارت، تاج علي شاھہ تن ڪي!

**لطيف سائين:**

الست ارواحن کي، جڏهن چيائين جيئن،
قالو بليٰ قلب ۾، ٿيو تغافل تئين،
محبتي ميهار جي، آئون نهوڙيس نينهن،
سرتيون! ساهڙ سنئين، هلڻ مون حق ٿيو!

**تاج علي شاھہ:**

الست ارواحن کي، جوڳيءَ جاڳايو،
قالو بليٰ قلب کي، ساميءَ سمجهايو،
رنگ هي رچايو، توهان ئي ”تاج علي“ چوي!

**لطيف سائين:**

احد احمد پاڻ ۾، وچان ميم فرق،
آهي مستغرق، عالم انهيءَ ڳالهہ ۾!

**تاج علي شاھہ:**

شايد ڪرين شرڪ، اجا ڪرين عبده،
هيڏا تو هُلَ سئا، ڦيريو ڪرين فرق،
احمد چئو احده، ڪر تون غير غرق،
ڦاڙي چڏ فرق، چئہ احد احد احده!

**لطيف سائين:**

مديني جا ڏٽي، سڻ منهنجا سڏڙا،
تنهنجي آهه تٽي، ٻي ڪنڌي ساريان ڪا نه ڪا!

**تاج علي شاهه:**

مديني جو ڌٽي، ڪري ناز نظر،
وڃن سور سنڌا ڪري، اڇن سک سپر،
لهن ڏک ڏمر، رحمت وسي رب جي!

**لطيف سائين:**

ڪربلا جي پڙ ۾ خيما کوڙيائون،
جهيڙو يزيد سامهون جنبي جوڙيائون،
منهن نه موڙيائون، پسي تاءُ ترار جو!

**تاج علي شاهه:**

وڃي نيزا کوڙيائون، ڪربلا جي ميدان ۾،
ماڻهو ملڪ ماتام ڪن، حورون رهيون حيران ۾!

**لطيف سائين:**

روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسين پرينءَ کي!

**تاج علي شاهه:**

نئڙت نياز جو درجو نمازن کان وڌو آهي،
نماز به آهي نياز سان، نيازن کان سواءِ ناهي!

**لطيف سائين:**

ڪوڙين ڪتابن ۾، حرف مڙوئي هيڪ!

**تاج علي شاهه:**

ڪيئي قلمن لکيا، ڪروڙيون ڪتابن!





**لطيف سائين:**

جنهن جي چيچ سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نڪي لوڏو!

**تاج علي شاهه:**

ٿئي سيد جنهن جو ساٿي، نه پسائي تنهن کي ڪو پاٽي!

**لطيف سائين:**

ڪانه پڇي تو ذات، جي آيا سي اڳهيا!

**تاج علي شاهه:**

اوهان ڏي سوز مان سهڻا، جو آيو سو اگهايو تو!

**لطيف سائين:**

ايندي چون آءُ جي، ويندي چون ويهه،
چڙي سارو ڏيهه، اڱڻ اڇجي انهن جي!

**تاج علي شاهه:**

تڙ لڳ تاج فقير جي، اڱڻ آيا جي،
سالم ٿيندا سي، مطلب مليا ان کي!

**لطيف سائين:**

ڪڏهن ڪونه ٿيوم، آٿارو تنهن عشق جو
محبوبن منٿون ڪري، سڪڻ سيکاريوم!

**تاج علي شاهه:**

مون کي ڪڏهن ڪونه هو آٿار عشق جو
مجنونءَ منٿ ڪري، ڏنو بار عشق جو!

**لطيف سائين:**

ڪڻ اکيون ڪِل يار! ته وڃن سُور سنڌا ڪري

**تاج علي شاهه:**

ڪڻ اکيون ڪِل يار سهڻا، تون خدا جي واسطي

لطيف سائين:

ستر ڪر ستار، آئون اگهاڙي آهيان،
ڍڪين ڍڪڻهار، ڏئي پانڌ پناهه جو.

تاج علي شاهه:

ڍولڻ يار ڍڪڻ ٿجان، پانڌ ڏجانءِ تون پنهنجو،
پانڌ ڏجانءِ تون پنهنجو حال ڏسي هي منهنجو.

لطيف سائين:

نڪا سڌ ثواب جي، نڪو غرض گناهه جو

تاج علي شاهه:

سي رسيا سپ ثواب، تن ڪهڙي غرض گناهه جي!

لطيف سائين:

گندي ۾ گراهه، جن سناسين سانڍيو،
انهن ڪان الله، اجا آڳاهون ٿيو.

تاج علي شاهه:

اوڏو آهه الله، تون تو پاڻ پري ٿئين،
ڪايو ٻوڙ پلاءِ، سڌو ٿيو سمهيو رهين.

لطيف سائين:

سو نہ ڪنهن ٻي شيءِ ۾، جيڪي منجهه تراب!

تاج علي شاهه:

عاشق مٺيءَ ۾ آهن راضي، سئر سدائين ڪن ٿا غازي!

لطيف سائين:

وجين چو وڻڪار، هت نہ ڳولين هوت کي،





لڪوڪين لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار،
ٿي ستي ٻڌ سندرو، پرت پنهونءَ سين پار،
نايو نيڻ نهار، تو ۾ ديرو دوست جو.

تاج علي شاهه:

اوري اوريم الله سان، پرين ناهه پري،
ڏوتم ڏيان ڏري "تاج" مون تڏهن مليو.

۽ نزول عشق جا اورڻ اوريندي تاج علي شاهه ائين بہ چيو تہ:

نزول عشق ۾ جيڪو تن من تات تاري ٿو
عروضي عشق ۾ سوئي، غمن گرڌار گذاري ٿو.

چون ٿا تہ خيال الهام ٿي لهندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن مختلف لفظن ۾، مختلف معنائن سان، مختلف جڳهين جي مختلف ماڻهن تي، مختلف وقتن ۾ تقريبن ساڳي جيان نزول ٿيندا آهن. پلي اهو پنهنجي جاءِ تي سچ بہ هجي، پر پوءِ بہ تاج علي شاهه لطيف سائين جو اثر قبول ڪندي بہ پنهنجي فڪر منجهه فنا شاعر آهي ۽ ان فنا جي فڪر جون دريون وري برهه جي بقا جي باب جي پر ۾ کلنديون آهن. جن کي کولڻ ۾ سائين تاج علي شاهه پوري طرح ڪامياب ويو آهي.

لطيف سائينءَ جو پيغام پنهنجي گهرائيءَ سان آفاقي، عالمگيري بين الاقوامي فڪري قدرن جي پاسداري ٿو ڪري. هو پنهنجي وطن سنڌ جي ڏکين بکين ماروئڙن، ڏوٿيئڙن ۽ سانگيئڙن جي آزادي ۽ خوشحاليءَ سان گڏ پنهنجي وطن سنڌ جي سرحدن جو بہ فڪري نگهبان ٿو ٿئي ۽ ان ڪانپوءِ وري دنيا جي مڙني قومن توڙي ملڪن جي رهواسين جي آزادي ۽ خوشحالي توڙي سيني ملڪن جي سرحدن جي مستقل محفوظ هجڻ لاءِ دعاڳو آهي.

مثال طور:

موتي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
وڄون وسڻ آئيون، چڱي پٽ چوڏار،
ڪي اٿيون استنبول ڏي، ڪني مڃيا مغرب پار،
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقند سار،
ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دهلي ڪي دکن، ڪي گڙن مٿي گرنار،
ڪن جنبي جيسلمير تان، ڏنا بيڪا نير بڪار،
ڪنهين ڀُڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿي ڍار،
ڪنهين اچي عمرڪوٽ تان، وسايا ولهار،
سائنيم! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سُڪار،
دوست! مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

ائين عالمي فڪري پيغام جي حوالي سان تاج علي شاهہ لڪياري بودلائي بادشاهہ پنهنجي رهبر لطيف سرڪار جي پر پاڙڻ ۾ پوئتي ناهي رهيو هن جي مٿان ڏکن دردن جي ڏينهن ۾ بہ لطيفي لات بوند برهہ جي بهار بڻجي وٺي آهي ۽ هو لطيفي ڪرم جي فڪر جي ڪڪر جي ڇانءَ ۾ تند ٿو تنواري تہ:

تون ئي الله هيڪڙو، تون ئي رب رحمان،
غفور ۽ غفار تون، صاحب تون سبحان،
باري بن بنائيو تو، زمين ۽ آسمان،
سج، چنڊ، تارن، ڪتين، ذڪر منجهہ قرآن،
جمڻ، مرڻ، ڊاهڻ، ٺاهڻ، تنهنجو جوڙ جهان،
جن، ملائڪ، ماڻهو مِرون، هرڻ پکي حيوان،





پير، پيغمبر، عاشق، عارف، شاهي جن جا شان،
ڀلو برو، سهڻو سڦرو، گدا توڙي سلطان،
يعقوب، يوسف مصر ۾، ڪٿي رهيو ڪنعان،
عرب، عجم، عراق تنهنجو، آسي تو ايران،
روسي، طوسي، ڀارتي، جرمن ۽ جپان،
سنڌي، بلوچي، سرائڪي، پنجابي ۽ افغان،
لاهور، دهلي بمبئي ۽ سارو هندوستان،
سپني جي مٿان سائين! تون مولا مهربان!
”تاج علي شاهہ“ تنهنجي مٺا! قدمن تان قربان!
شاهي تنهنجو شان، ڳڻي ڳڻبو ڪيترو!

# جهڙو پنهون پاڻ...!

(ڪلام تاج علي شاهه جي روشنيءَ ۾ سندس سڪرنڊ شهر واري چوياري)

جيئن باغن جي بهاري گلن جي خوشبوءِ مان معلوم ڪبي آهي، جيئن موسم جي مدهوشي فطرت جي رنگن جي رونقن ۽ طبعي حالتن مان معلوم ڪبي آهي، ائين ڪنهن عظيم شخصيت جي پرک به سندس سچي سنگت ۽ روزمره ملندڙ جلندڙ انهن دوستن جي ڪردارن مان ڪبي آهي، جن سان هوءُ پنهنجي اندر جو اظهار ڪلي دل سان ائين ڪندو آهي، جيئن لطيف سائينءَ فرمايو ته:

ڳالهيون ڪنديس ڳجهه جون، منهن مقابل ويهي!

جن سان دل کولي اندر جو اظهار ڪبو آهي، اهي ئي ان شخصيت جا اصل ”يار غار“ هوندا آهن ۽ جڏهن ڪو اهڙو جبروتي جوڳيئڙو پنهنجو وقت پڄائي رب جو امر مڃي فنا جي جهان کي جهاڳي دارالبقا جي راهه جو راهي ٿيندو آهي ته پوءِ ان جي سيرت جي خوشبوءِ جو واس سندس سچن سنگتين جي معرفت ئي ماڻبو آهي.

شايد! اهڙي ئي ڪنهن من جي مشتاق شخصيت جي وڇوڙي ڪانپوءِ ان جي سڄڻ ساٿين کي پرکيندي ئي لطيف سائين فرمايو هو ته:

جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٿا ساٿ جي!

ائين هر سچيت شخصيت ۽ خاص ڪري وطن جي ويراڳي شاعر جي تخليقي تند جي ڪمال بلندين جي پرواز ۾ سندس جوڙ جي جهانديد ساٿين جي رٿن، راين، سهٽين صلاحن ۽ تعميري تنقيد جو به چڱو ئي ڪمال هوندو آهي. ان جو هڪڙو اهم مثال اسان جي اڳيان شيخ اياز به





آهي، جنهن جي شاعريءَ جي بلند پرواز ۾ جتي سندس تخليقن جي تڙپ، گوناگون مشاهدي ۽ وسيع مطالعي جو ڪمال ۽ تاريخي شعور جو هٿ آهي، اوڏو وري انهن عظيم نقادن، سڄڻ ساٿين جي صلاحن، رٿن، راين ۽ تعميري تنقيد جو به ڪمال هو. اياز ته قدرتي طور هو ئي اهڙو ڀاڳوان شاعر، جنهن کي سچا ساٿي ۽ واٽ جا واهرو به اهڙا ئي مليا جن جي جوت جي جهان طفيل سنڌ جو تاريخي، تهذيبي، ثقافتي، سياسي ۽ ادبي شعور جو آسمان ڪڏهن به اونداهو ٿيڻو ئي ناهي. اياز جي ذات کي سچي سراڻ تي چاڙهي چمڪائيندڙن ۾ محترم سائين جي ايم سيد، حشو ڪيولراماڻي، پرچو وديارٿي، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجو، سوڀو گيانچنداڻي، پير حسام الدين شاهه راشدي، نياز همايوني، سراج ميمڻ، طارق اشرف، رئيس ڪريم بخش نظاماڻي، مولانا غلام محمد گرامي، رشيد ڀٽي، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، رباني الانا، جمال ابڙو، امر جليل، آغا سليم، عبدالواحد آريسر، استاد بخاري ۽ تاجل بيوس کان وٺي ڪري ورهاڱي وقت هجرت ڪري ويل ساٿين ڪشن چند بيوس، نارائڻ شيام، گوبند مالهي، ڪيرت ٻاٻاڻي، اتم، هيرو ٺڪر، موهن ڪلپنا، سندري اتم چنداڻي ۽ پوپٽي هيرانندڻي ڪانسواءِ سوين هند-سنڌ جي سنڌين ساٿين سميت فيض صاحب، شيخ مجيب الرحمان، قاضي نذرالسلام، اجمل خٽڪ، غني خان، ولي خان، گل خان نصير، عطاالله مينگل، حبيب جالب، احمد فراز وغيره وغيره هجن ته پوءِ شيخ اياز جي شاعري توڙي نثر تاريخ جو لافنا آواز بڻجي صدين جي سگهه تي محيط نه ٿيندو چا...؟ ائين اسين پنهنجي صوفي شاعر سائين تاج علي شاهه جي شاعري توڙي قومي، تاريخي، مزاحمتي، سماجي ۽ صوفي شعور تي نگاهه وجهنداسين ته خبر پوندي ته کيس به اهڙا ئي سندس ساٿ جا سونهان ۽ سونهن شعور جا ساٿي، برجا بورائا، واٽ جا واهرو ۽ سچيت سڄڻ ساٿي

مليا, جن سان ملي ئي محسوس ڪبو تہ سائين تاج علي شاهہ ڪيڏي ڪئليبر جو ڇا تہ شخص هو...!

سائين تاج علي شاهہ تي تحقيق ڪندي مون کي شدت سان ضرورت محسوس ٿي تہ اهي سندس ساٿ جا ساٿي جن جو هو سرواڻ ٿي رهيو, يا جيڪي هن جا سرواڻ ساٿي رهيا, جيڪي هن جي راهہ جي رهنمائي وٺندڙ/ڏيندڙ رهيا, تن کي ڳولي هٿ ڪريان, ۽ انهن جي ذهني سطح جو ڇيد ڪري سائين تاج علي شاهہ جي تخليقي مارڳ تي پهچڻ جي پنڌ جون واٽون تلاش ڪريان, ان حوالي سان ڳالهين ڳالهين ۾ هڪ دفعي سائين تاج علي شاهہ جي فقير صفت ۽ ويراڳي مزاج فرزند محترم سائين علي حيدر شاهہ صاحب کان پڇي ويٺس تہ "سائين! سائين تاج علي شاهہ جن جو سائين جي ايم سيد جن سان ڪو اٿڻ ويهڻ, ڪو تعلق, ڪو لڳ لاڳاپو يا ڪا صحبت رهي يا نہ...؟" سائين ٻڌايو تہ "سائين تاج علي شاهہ ۽ سائين جي ايم سيد جن جي هڪٻئي سان تمام پلي نياز مندي تہ ڇا پر محبت رهي, سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين جي ڪارٽين جون هڪٻئي سان وڏيون قرب ڪچهريون ۽ وڏو پيار ۽ پاٻوهہ رهيو" ۽ پوءِ سائين علي حيدر شاهہ, سائين تاج علي شاهہ لکياري ۽ سائين جي ايم سيد جي ڪچهرين بابت واقعا ٻڌائي منهنجي ذهن ۾ چاڻ جا چار اٽيندو رهيو. ٻنهي سيدن جي سنڌوءَ جي ٻنهي ڪنڌين تي هڪ ئي وقت موجودگي ۽ سندن پريت جي پنڌن تي مونکي ان مهل سرويچ سجاوليءَ جو اهو شعر, جيڪو هن چيو تہ الاءِ ڪهڙي موقعي تي هو پر ٻنهي سيدن متعلق ڪچهري هلندي هن شعر کي منهنجي ذهن ۾ جڻ تہ لازوال معنيٰ ملي وئي هئي تہ:

جنت الفردوس آهن, ٻئي ڪنڌيون مهراڻ جون!





ائين سائين تاج علي شاهہ جي ساٿين تي سوچيندي مون کي سندس هڪڙو عاشق, هڪڙو ڳوٺائي هڪ پرهہ جو پانڌيئڙو چاچو لطيف ٿو ياد اچي. چاچو لطيف پيرزادو بہ اهڙو ئي سامي سهاڳي هو جنهن سان هلي ملهي رسول بخش پليجو ڪامريڊ جام ساقي توڙي شيرين سومرو ڪيس جو ڪونڌر سيد علي حيدر شاهہ سميت اهڙا ڪيترا ئي نالي وارا شخص بہ ڪچهريون ڪرڻ ڪهي ايندا هئا. چاچو لطيف جنهن کي ساري ئي لطيف سائين جو هي بيت آڙي بڻجي ذهن جي ڪينجهر تي اڏامندو ٿو اچي تہ:

ويراڳي واڳي, ڏين ڏهاڙي ڏيل کي,
راول رتين مولهين, سامي سهاڳي,
جن سين لنئون لاڳي, سي جوڳي پسان تہ جيئان.

۽ چاچي لطيف کي "لطيف پيرزادو" ڪرڻ ۾ سائين تاج علي شاهہ جو بہ ڪي قدر ڪردار ضرور نظر اچي ٿو.

ائين تاج علي شاهہ جي ذهني شعور جي ڪٿ ڪندي مون کي سندس ئي پاڙيسري بلڪہ ڳوٺائي ۽ چاچي لطيف پيرزادي جو سڳو چاچو تمام وڏو هاري ۽ پورهيت اڳواڻ جنهن جي جدوجهد جي حوالي سان سندس نالو برصغير جي هاري پورهيت تحريڪن ۾ انتهائي احترام سان ورتو ويندو هو ٿو ياد اچي. حڪيم مولوي محمد محاذ صاحب جنهن لاءِ سائين جي ايم سيد پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" ۾ لکي ٿو تہ:

"مولوي صاحب سنڌ جو هڪ پرخلوص, خاموش, مستقل مزاج, مردم شناس, حقيقت, آگاهہ, محب وطن قومي ڪارڪن آهي. جيڪڏهن اهڙن ماڻهن جي ڪثرت هجي تہ ممڪن آهي تہ سنڌين کي ڏکيا ڏينهن نہ ڏسڻا پون" سوچيان ٿو تہ سائين جي ايم سيد, حڪيم

مولوي محاذ ۽ وري چاچو لطيف پيرزادو سان جنهن جي روح جون رچنديون هونديون تنهن جي تخليقي تندن مان ضرور اهڙا ئي آواز ايندا نہ...!

(ت) ئون تارڪ ٿيا، سامي سويرا،
هلي وڃي هنگلاج ۾، پاتائون پيرا،
مٿائي ميرا، اڇا اوڇي آئيا!

هلي جڳ جهان پيو، مٿي ڪرامت ڪُل،
عشق عضون ۾ ڪيا، ريءَ سراهيءَ سَل،
وهن ٿا ويراڳ ۾، ڳوڙها مٿي ڳل،
”تاج علي شاهہ“ طبل، وڄايا ويراڳ جا!

آديسين الله آ، (ز) ئون بس زبان،
قالو بلٰي قلب ۾، درڪٽيائون ڏيان،
ماري پنهنجي من جو، هٿايائون حيوان،
جوڳين جيءَ جبار تان، ڪالهہ ڪيو قُربان،
آديسين ايمان، آهي حاصل حق جو!

(ي) ئون ڪن يقين ٿا، سنڌي وائيءَ سي،
حاصل ٿيا حبيب سان، عالم ڪان اڳي،
مٿانهون محبوب ڪان، ڪيئن پيو لوڪ لڳي،
لرزش ٿي لڳي، جوڳي ايندو جهان ۾!

سائين! تنهنجي سخا جو نہ آهي حد حساب،





پيار تون پنهنجن ڪي شرم جو شراب،
اهڙو تہ لاجواب، ”تاجو“ تون ئي تون هجين!

اهو ”تون ئي تون“ وحدت الوجودي صوفين جي فڪر جو فقرو آهي. سائين تاج علي شاهہ توڙي سائين جي ايم سيد پنهنجي قول، فعل، عمل، مزاج توڙي ڪردار ۾ صوفي ئي هئا. جهڙن جا ڏس پتا لطيف سائين جي ذات پئي ڏنا آهن.

صوفي لاڪوفي، ڪونہ پيائينس ڪير،
منجهان ئي منجهہ رهي، پڌر ناهس پير،
جيڪو وجهيس وير، تنهنجو ٿئي واهرو.

۽ اهڙا ئي صوفي قومن جي وجود جو ورق ڏوئي صاف ڪندا آهن.

صوفي صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو،
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو!

تڏهن صوفي سڳورا پنهنجي طريقتي طور تي مذهبن جي بي معنيٰ مامرن ۾ نہ منجهندا آهن، ڇو تہ انهن کي رب جو اهو فرمان سدائين من ۾ موجود رهندو آهي تہ ”الله جي رسي کي مضبوطيءَ سان جهليو ۽ تفرقي ۾ نہ پئو“ ڇو تہ کين خبر هوندي آهي تہ تفرقي بازي (فرقن ۾ ورهائجڻ) سان انسانيت ورهائجي ويندي آهي. انسانيت جي ورهائجڻ سان قومن کي ناقابل تلافي نقصان رسندا آهن. تنهن ڪري مٿين رب جي فرمان جو پهريون حصو آهي ئي اهو تہ ”الله جي رسيءَ کي مضبوطيءَ سان جهليو“ ”صوفي سالڪن مطابق تہ ”الله جي رسي“ آهي ئي انسانيت جي باهمي محبت، ايڪو ۽ اتحاد!

سائين تاج علي شاهہ پنهنجي قوم جي رهبرن ۽ پنهنجي سرت ۽ سچائي جي ساٿين سيد سائين ۽ مولوي محمد معاذ جن جي صحبتن مان

جيڪو نتيجو ڪڍيو هو، ان ڪي هن پنهنجي هنن ٻن سٽن جي بيت ۾ اظهاري انساني باهمي محبت جي تبليغ ڪئي اٿس تہ:

شيعا! ڇڏ شرارتون، پراوا پرچاءِ،
رٺن ڪي ريجهاءِ، تہ مُنن اڇي ماڻهپو.

مون سنڌ جي نامياري اديب، بهترين ڪهاڻيڪار ۽ سجاڳ صحافي محمد صديق منگيو کان معلوم ڪيو تہ ”سائين تاج علي شاهہ صاحب توهان جو ڳوٺائي هو، انڪري توهان کي خبر هوندي تہ هن شهر سڪرنڊ ۾ ان جا ڪهڙن ڪهڙن ماڻهن سان ويجهڙائي وارا تعلق هئا...!“ محمد صديق ٻڌايو تہ ”سائين تاج علي شاهہ جڏهن بہ سڪرنڊ شهر ۾ ايندو هو تہ پنهنجي چئن يارن مان هر هڪ سان جدا جدا دل تي ڪچهري ڪري پوءِ ئي واپس ٿيندو هو.“

”معنيٰ تہ سائين تاج علي شاهہ جا سڪرنڊ ۾ بہ“چار يار“ هئا نہ...!؟“ مون پڇيو. چيائين ها! پر اهي چارئي پنهنجي مزاج/شعبي ۾ الڳ الڳ پر وڏي ڄاڻ وارا وڏي سوچ ۽ سماجي شعور وارا ڏاها ماڻهو هئا. اهو ٻڌندي ئي مون کي سندس بيت جون سٽون هانءَ تي هُرڻ لڳيون تہ:

لاتقنطو من رحمت الله، چوطرف چوڏار،
مڙئي ساڻ ملوڪ جي، سونهن ٿا سردار،
اِيا هلن ادب سين، ”چڱا چارئي يار“
توسين تاج علي چوي، ڪرم ڪيا ڪلتار،
خوشي سندن ڪيڪار، آهي التحيات ۾!

۽ پوءِ مون چيو تہ ”ظاهر آهي تہ جن سان سائين تاج علي شاهہ هيڏي سڪ سانڍي سيڙجي، هلي ملهي ڪچهري ڪرڻ ايندو هو، سي يقينن هوندا بہ انهيءَ ڪئليبر جا نہ....!“

چيائين: ”هڪڙو نہ باقي ٽي ڄڻا تہ تنهنجي واسطي وارا بہ هئا، بلڪ توکي بہ تمام ويجهڙا، جن سان تنهنجون بہ جام ڪچهريون ٿيل





آهن.“ منهنجو وڏندڙ تجسس ڏسي ٻڌايائين تہ ”هڪڙي سان تہ مون بہ توکي ڪيئي ڀيرا ڪچهريون ڪندي ڏٺو ۽ هڪڙو تہ تنهنجو ويجهو عزيز بہ هئو.“

”اڇا...!“ منهنجي واتا ازخود نڪري ويو، جو هو ٻڌائڻ لڳو تہ ”سائين تاج علي شاهہ جيئن ئي سڪرنڊ شهر ۾ داخل ٿيندو هو تہ سڌو ئي منهنجي والد صاحب ۽ سڪرنڊ جي نالي واري تاريخدان ۽ اديب سائين عبدالرحمان منگيو سان علم، ادب، شاعري توڙي ڳوٺ جي ماضي ۽ حال متعلق ڪچهري ڪندو هو. جتان اٿي چاچي محمد لاکي سان گهڙيون گهاريندو هو. چاچي محمد لاکي سان روح رچنديون ڪري ورندو هو تہ تنهنجي چاچي استاد سچيڏني ڏاهريءَ وٽ، جتي موسيقي ۽ تصوف تي روح رهاڻيون ڪري وري اتان اٿي وڃي چاچي عثمان عمراڻيءَ سان دلين جي درد جون ڳنڍيون کوليندو هو ۽ پوءِ سج لٿي مهل ڳوٺ واپس روانو ٿيندو هو.“

محمد صديق جي واتان اهو ٻڌي منهنجي ذهن جي ڪينجهر تي سائين تاج علي شاهہ جو ڪلام ڪنهن ڪنول جيان ڇولين تي ڇلڻ لڳو، هُو جهڙو انهن پنهنجي چئني دوستن سان روح ريجهائي واپسيءَ تي هر هڪ کي ڄڻ تہ چوندو هجي تہ:

اوهان ڏي سوز مان سهڻا، جو آيو سو اگهايو تو،
مٺا محبوب من مهڻا، ناتو ان سان نڀايو تو!

تنهنجي ديدار درشن لئہ، مڙئي مجبور ٿيا مانجهي،
قبولي ويا ڪڙي ڪانجهي، پلو ان کي آ پانيو تو!

سڪرنڊ جي سونهن اهي پنهنجي پنهنجي فڪر منجهہ فنا ٿيل چارئي شخص پنهنجي شهر جا اهڙا ڪردار رهيا آهن، جن جي سيرت جي خوشبوءِ صدين تائين هن علائقي جي وستين ۽ واهڻن کي واسيندي

رهندي، جن مان سائين عبدالرحمان منگيو صاحب پنهنجي ذاتي ڪردار، محبت، مروت، اخلاص ۽ تاريخ جي تندن ۽ علم جي "ڪُن" سان تخليقي معجزا ڏيکاري رهيو هو جنهن جي ذهن ۽ ذوق جي زمين مان هڪڙو معجزو "تذڪره شعراءِ سڪرنڊ" ڦٽي پيو هو. ان ڪانسواءِ سڪرنڊ تعلقي جي تاريخي ماڳن تي سندس شاندار ڪم جاري هو، جنهن وٽ ناياب ڪتابن جو تمام وڏو ذخيرو هو. وڏي مطالعي ۽ مشاهدي وارو انتهائي سنجيده شخص منگيو صاحب سڪرنڊ شهر ۾ ٿڌي ۽ مٺي پاڻيءَ جو اهڙو تالاب هو جنهن سان ملي آس پاس جا ڪيترائي سگهڙ، شاعر، اديب، تاريخ توڙي ادب جي واٽ جا ڪيئي نوان واٽ مسافر وٽجارا پنهنجي علمي اڃ اجهائيندا هئا. ظاهر آهي ته اهڙي شخصيت جيڪا وري سندس ڳوٺائي هجڻ سان گڏ باعث فخر به هجي، ته سائين تاج علي شاهه ان کي ڪٿي ٿي نظرانداز ڪري سگهيو...! سائين عبدالرحمان منگيو به هن جي تخليقي قدرتي ڏات مان ائين اڃ اجهائيندو هو جو هن کي لڳندو هو ته سائين تاج علي شاهه جا هيءُ بيت سندس روح جي ترجماني ٿا ڪن.

اوڏو آهه الله، تون پاڻ پري ٿو ٿئين،
ڪايو ڀوڙ ڀلاءِ، سڏو ٿيو سمهيو رهين!

يا سندس هيءُ بيت ته:

(س) اٿئي جي سڪ، سيني سڪ رکيج،
تجلي جو "تاج علي" چوي، ڇهبڪ تون ڇڪيج،
مذهبين نه مٽيج، پڙهه صلواتون سيد تي!

يا

ڪڻ ڏين ٿو ڪيل کي، هاٿيءَ کي ڏين مڻ،
مک آهي ضعيفڙي، ڏاريل تنهنجو ڏڻ،
سائين تون سڄڻ، جي ترس "تاجُوءَ" تي ڪرين!





ائين سڪرنڊ شهر ۽ ڀرپاسي جي قومي طبقاتي شعور ۾ جن ماڻهن جو وڏو هٿ رهيو آهي، تن ۾ سائين تاج علي شاهه جو "يار_غار" چاچو محمد لاڪو به هو. هو قومي، طبقاتي سوچ ۽ هاري پورهيت فڪر جو داعي اهڙو شخص هو جهڙن جا ڀار ڀتا لطيف سائينءَ هن طرح ڏنا آهن ته:

نڪي ڪٽن پاڻ سين، نڪي ساٽن پاڻ،
اهڙا جن اهڃاڻ، آئون نه جيئندي ان ري!

هو حڪيم هجڻ سان گڏ شهر ۾ پنهنجو پنسار ڪو دڪان هلائيندو هو جيڪو دڪان تنهن وقت جي هاري ڪميٽي ورڪرن توڙي قومي ادبي ڪارڪنن جي ڪچهرين جو مرڪز هو، جتي علم، ادب ۽ پورهيت سياست جا ساٿي پنهنجا، پورهيتن جا، هارين جا، سنڌ ۽ سنڌي سماج جا، برصغير جي ٻين مظلوم قومن جا، انسانذات جا ڏک درد اڇي ونڊيندا هئا_ هنن جي من ۾ بس هڪڙي ئي هونگ هوندي هئي. پرينءَ جي هونگ، هنن جو "پرين" هاري، پورهيت، ڏکيو بکيو ديس واسي ۽ انهن جي دردن جو حل "قومي طبقاتي انقلاب" ئي هوندو هو. ان پرين "انقلاب" جي اچڻ لاءِ هو پنهنجي حصي جو ذهني، فڪري ۽ انقلابي پورهيو پيا ڪندا هئا. سڪرنڊ ۾ اهڙو سنجيده، سلجهيل ۽ منزل کي معنيٰ بخشيندڙ ڪردار موجود هجي ۽ تاج علي شاهه بادشاهه ان سان روح رچنديون نه ڪري، ڀلا ائين ٿي سگهيو ٿئي...! سائين تاج علي شاهه لاءِ ته هو ماڻڪ موتي لعل هو، جنهن کي ماڻڻ لاءِ جيءُ جهلون ڏيندو آهي، ۽ سائين اهڙي ڪردار لاءِ چئي ٿو ته:

هي ڏس نه ڳاڙها ڳل، ماس جنين ماريو،
وجدن ماس جسم ڪان، ڪامي ويندي ڪَلَ،
تاج عليءَ جا فقير تون، ماڻڪ ماڻ اهلَ،
جتي جهل نه پَلَ، اهڙي هونگ پرينءَ جي!

ائين سائين تاج علي شاهه جو سڪرنڊ شهر ۾ ٿيون دوست هو راقم جو چاچو سڪرنڊ شهر ۾ ڳاڏين جي پهرين گئريج کوليندڙ ناميارو مستري ۽ راڳ ويراڳ جو ايتري قدر ڄاڻو جو استاد خورشيد علي خان، استاد منظور علي خان، استاد گلزار علي خان جهڙن گوين کان وٺي ڪري علڻ فقير تائين جهڙا پتائي جا راڳي به هن جي دوستي جي دائري جا اهي موتي هئا، جن جي ذڪر ڪانسواءِ راڳ جو جهان جڙي ئي نٿو سگهي. اهو هو استاد سچيڏنو ڏاهري (اصل ڳوٺ ڄام ڏاهري جو) جيڪو ساڳي وقت صوفي ازم ۽ تصوف جي طريقت جي رنگ ۾ رڱيل هجڻ ڪري دوئيءَ کان هميشه دور رهڻ وارو، مگر نقلي صوفين جي ڏيک ويک کان بنهه باغي، طبعيتن پتائي صاحب جي سٽ:

ويراڳين وسي، رام سدائين روح ۾!

جي زنده تصوير. تنهن ڪري ڪوڙ سان هن جي ڪڏهن به نه پئي، ۽ سَچ چوڻ ۾ اهڙو جو سامهون پلي ڍنگ وڏيرو يا ڪهڙو به خان، خان جو پٽ هجي، پر سچ ستو منهن تي چئي ڏبو. ڳالهه نه وٽيس ته اڪوئي نه وٽيس...!

استاد سچيڏنو پنهنجي وقت جو ناميارو راڳي به هو ۽ باجي تي ڪافيون ڳائيندو هو جنهن ڪري لطيف سائين، خواجه فريد، بلهي شاهه، سچل سائين، حمل فقير ۽ منٺار فقير توڙي ٻين ڪيترن ئي ناميارن صوفي شاعرن جي ڪلام سميت سنڌي ۽ سرائيڪي شاعريءَ جو وڏو بياض برزبان ياد هوس. ايتري قدر جو حمل فقير جون ڊگهيون ڊگهيون سنڌي ۽ سرائيڪي ٿيهه اکريون به جڻ ته پاڻيءَ وانگر پيئندو هو. مذهبي حوالي سان صوفين وانگر سيڪيولر سياءُ رکندو هو. تصوف جي تند تي تڙپندڙ هجڻ ڪري ملن سان سدائين اٽڪيل هوندو هو. پوءِ به دل ۾ نه ڪندي ڪافي ملان به سندس روز جي ڪچهرين ۾ سلامي پيا ڀريندا هئس. هڪ دفعي چيومانس ته "چاچا! توهان ته ملن جا مخالف آهيو پوءِ به هي ملان توهان سان روزانه ڪچهريءَ تي ٿا اچن؟"





چيائين: "اهي پنهنجي "ملائيت" روڊ تي ڇڏي هت صرف "انسان" ٿي ايندا آهن. تڏهن ٿو اچڻ ڏيان...!" هو چوندو هو ته "آهن ته وري به الله جا خلقيل نه...!" هو ملن جي منهن تي چوندو هو ته "بس رڳو فتنا ڇڏي خدا جي خلق کي محبت جو درس ڏين ته ساڻن جهيڙو آهي ئي ڪونه...!" ۽ ملان پيا کلندا هئا.

سائين تاج علي شاهه هن بيت ۾ جڻ ته هن جي دل جي ڳالهه ڪئي ته:

وسي پيو وٺڪار ۾، عالم جو الله،
پاڻ وٺنديون پيو ڪري، مڙئي اٿس مباهه،
ڪن جو گذر گاهه، ڪي پالي پيو پلاءَ تي!

ان سان هلي اچي تاج علي شاهه راڳ ويراڳ ۽ تصوف جي طريقت تي روح رهاڻيون ڪري ته ان ۾ تعجب جي ڳالهه ته آهي ئي ڪانه...!

سائين تاج علي شاهه جو هي بيت به سندس سوچ جو اظهار ٿو محسوس ٿئي:

الله پنهنجي امر سان، جوڙيو هي جهان،
ملڪن ماڻهن ڏي مُڪئين، فيض پريو فرقان،
هٽيائين پنهنجي حڪمت سان، "تاج علي شاهه" تان،
رازق رب رحمان، وسي پيو وٺڪار ۾!

۽ چاچي عثمان عمراڻي جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي...!؟ هو جيڪو سراپا انقلاب جو عشق هو، هو جنهن هاري انقلاب جي عشق ۾ ساري عمر شادي ئي ڪانه ڪئي. هو جيڪو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي انقلاب جي عشق کي نيٽن ۾ سانيدي هاري ۽ پورهيتن جي حقن جي جدوجهد جي پيار ۽ پريت ۾ "ساري سنڌ پريندءَ جو پاڇو" سمجهي ساري سنڌ جي ناميارى هاري اڳواڻ، سندس دوست ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي سچيت ساٿي ڪامريڊ دادا علي بخش سان گڏجي پيرين پنڌ

ڪري هارين ۾ سجاڳيءَ جا سنيها پيو پهچائيندو هو. هو مڪمل ڪميونسٽ هو جنهن ڪري هن وٽ لطيف جي بيتن جي تشريح به پورهيت دوست ٿي هئي.

هو:

اکر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا!

لاءِ چوندو هو ته ڀٽائي صاحب ڪو ”الف“ ملن وانگر ”الله“ لاءِ ٿورئي چيو آهي...! هو چوندو هو ته ”الف“معنيٰ ”انقلاب يا آزادي“ جن کان سواءِ دنيا مان اوندهه ختم ٿيڻي ئي ڪانهي. تنهنڪري الف انقلاب ۽ آزاديءَ کانسواءِ ٻيا ورق سڀ وسارڻا آهن. تڏهن ئي مظلوم کي حق ۽ انصاف جي معاشري وارو آزاد وطن پلئه پوندو...! ۽ سائين تاج علي شاهه جي سٽ:

جوڳين جيءُ جبار تان، ڪالهه ڪيو قربان!

جوڳين (چاچي عثمان عمراڻي جهڙن انقلابين) جيءُ جبار (سندس سوچ مطابق انقلاب) تان ڪالهه ڪيو قربان. جي چٽي تصوير ٿي رهيو. هن جي صحبت جي ساءَ ۾ ڪيئي پروانا اچي پنهنجي اندر جي اڄ اجهائيندا هئا (جن ۾ راقم به هڪ هو) هن وٽ مون سوڀي گيانچنداڻي کي ايندي به ڏٺو ته ڪامريڊ جتوئيءَ جي فرزند مظهر جتوئي کي به ڪامريڊ جتوئيءَ جي پوٽن به هن سان ڪامريڊ جي ڪري خوب نينهن نڀايو. ان شخص سان دوستيءَ جو ناتو ته باعث فخر ٻڻجي تاريخ جي تندن جي واڇٽ جو پڙاڏو ٻڻجي پوندو آهي. هو ۽ تاج علي شاهه هڪٻئي جي دوستيءَ جي سڱيءَ سان ائين سُبيل هئا جيئن ڀٽائي صاحب چيو ته:

سنهي سڱيءَ سبيو، مون ماروءَ سين من،
هٽي ڪڻ حلم جا، تهه وڏائين تن!

چاچو عثمان ۽ سائين تاج علي شاهه به دوستيءَ جي ڌاڳي ۾ ائين جڙيل هئا جو لطيفي لفظن ۾:





هئا اڳيئي گڏ، پر ٻڌڻ ۾ به ٿيا!

يا حمل فقير جي لفظن ۾:

حمل هئا سي هڪ، پر جسي ۾ جدا ٿيو!

چاچو عثمان پنهنجي عمر جي آخري ڏينهن ۾ به مطمئن هو ته سنڌ وطن هڪ ڏينهن ضرور آزاديءَ جي عيد ملهائيندو ۽ اها آزاديءَ جي عيد قومي به هوندي ته طبقاتي به. قومي طبقاتي آزاديءَ جي گلن ٽڙڻ جو هو رڳو خواهشمند ئي ڪونه هو پر هن پنهنجي پوري عمر ان جاکوڙ ۾ گذاري هئي. هو عمر جي آخري پلن ۾ به آزادي ۽ انقلاب جي نينهن جي نعرن جي گونجار ٻڌڻ جو شائق ٿي رهيو ۽ سائين تاج علي شاهه جي هن بيت جون هي سٽون سندس ان تڙپ جي چٽي ريت ۽ ڀرپور نشاندهي ٿيون ڪن ته:

مون کي جنين ماريو، سي درد ٿين ڏار،
مالڪ منهنجي من ۾، گل ٽڙن گلزار،
ڏاتر مون ڏيکارئين، ڇهه چمن چوڌار،
نعرا ڪر نروار، ٽڙ تي تاج فقير چئي!

ائين تاج علي شاهه سائينءَ جا ساري سنڌ ۾ اهڙي ئي ڪئليبر جا ٻيا به ڪوڙ ساٿي ۽ سڄڻ هوندا ۽ يقينن هوندا، جن جي حوالي سان مونکي خبر ناهي، پر آئون وري به سائين تاج علي شاهه جي سڪرنڊ واري سنگت کي ڏسي لطيف سائينءَ جو سهارو وٺندس ته:

جهڙو پنهون پاڻ، تهڙي سٿاءَ ساٿ جي!